

رُوحانيِ بات چيتِ

جشن واسواڻيِ

رُوحانيِ بات چيتِ

جشن واسواڻيِ

وشيہ سوُچي

سمرپڻ

گرديو

جي ڪمل چرنن ۾ !

ٻه اکر

سنت مالا جو نئون ٽن مهنن جون- جولاءِ - آگسٽ ١٩٩٥ جو گڏيل نمبر روحانيِ بات چيت ڀاڱو ٥ دادا جشن جي ٧٧ جنم دن ٢-٨-٩٥ تي پرڪاش ٿئي ٿو!

روحاني بات چيت: اَسين سنساري لوڪ ٻه بات چيت ڪريون ٿا، ڪيترو نه ڳالهايون ٿا: پر ڇا ٿو ملي؟ اَشانتي، بي آرامي! من جي چنچلتا. اِنڪري ڪئن نه ٻڌڪون پيا، رُلون پيا! پر دادا جشن روحاني بات چيت ڪري ٿو ۽ ڪيڏو نه خزانو ڏئي ٿو اَسان کي! اِن روحاني بات چيت جو بنياد ڇا آهي؟ دادا جشن وري وري اَسان جي اڳيان هڪ سوُلو رستو، هڪ سوُلو ساڌن رکي ٿو: ڪهڙو؟ روز صبوح جو جڏهن اُٿو تہ ڪونہ ڪو ويچار ڪانہ ڪا ٻاڻيءَ جي تڪ کڻو: اُن کي وري وري اُچاريو، اُن سٽ جو ڌيان ڪريو ۽ ڪوشش ڪريو تہ اُن سٽ جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو. اِئين ڪرڻ سان جيون ويندي بهتر بهتر ٿيندي!

دادا جشن روحاني بات چيت ۾ ٻہ روز جو ويچار کڻي ۽ اُن تي بات چيت ڪندو آهي. پر سندس بات چيت جو نمونو اِڪ عجيب نمونو آهي. ڪيترا نہ مثال ڏيندو آهي ۽ اَهڙي سَرل نموني ٻڌائيندو آهي جو وقت ٻہ ٻيهي ويندو آهي. خبر ئي ڪين پوندي آهي تہ ڪلاڪ گذري ويو آهي! ۽ جيڪو ويچار کڻندو آهي، اُن جي اوُنهاڻ ۾ اِئين ويندو آهي جڻ تہ سمنڊ ۾ ٽٻي ڏيئي اَشان

دادا جشن بہ اِها يادگيري اَسان جي اَندر اُڀارڻ ٿو چاهي.
۽ اَسان کي پيار ۾ چتائي ٿو تہ پيارا! هي جڳہ اَٿو جادوءَ مڪان. متان اُن ۾ ڦاسي پئو. اِنڪري جاڳو، جاڳو! پاڻ تي نگهباني رکو!

پر اَسين تہ وري وري ويسر ۾ وڃي ٿا پئون! تہ دادا اِڪ بيءَ بات چيت ۾ چوي ٿو:-

"ستگر جهڙو شاہ، ڪونہ ڏٺوسين ڪاٿهين،
پرچي ڏنو جنهن پوربي، آتم ڌن اَٿاہ
نڪي پڇائين ذات پات، نڪي پڇائين راہ
ڪري من اَڇاہ، سامي ڇڏيائين چِن ۾!"

دادا جشن ٻڌائي ٿو تہ اِن جادوءَ جي ڦند مان نڪرڻ جو رستو، اِن مايا جي اَثر مان ٻاهر اَچڻ جو رستو آهي گرو ڪرپا، گروءَ جو سنگہ! سامي جن تہ اِڪ شلوڪ ۾ چون ٿا:-

"ٻيا سڀ ڏيئي ٻَن، ڪجي سنگہ سنتن جو
پيارا ٻين کي ٻُلي ڏيئي، وڃي سنتن جو، گروءَ جو سنگہ ڪريو، گروءَ جي شيوا ڪريو، گروءَ کي ريجهايو تہ اِڪ ڏينهن پرچي توهان کي اُهو ڏيندا جو سنسار جو ڪوئي بہ اِنسان نہ ڪري سگهندو. ڇا ڏيندو؟ پوربي آتم ڌن اَٿاہ جي بخشيش ڪندو ۽ من جو چنچل تي پيو ڀٽڪي، ڌن ئي ڌسائن ۾ پيو ڀٽڪي، اُن کي اَڇاہ ڪري ڇڏيندو. ۽ پوءِ اَهڙي پياري جي مکہ مان فقط اِڪ ئي سٽ پيئي اِيندي:- ائسي لال، تجهہ بن ڪَوُن ڪري!"

۽ جڏهن گرو ملي ٿو تہ پوءِ اَندر ۾ گرو سک اُڀاري ٿو.
۽ اِن سک لئہ جيو وري پيو پڪاري:-

"سک ڏي، اَءِ سجڻا! تہ تو وٽ اَچان:

معمولي اِنسانن لاءِ لالون ٿو ڪٿي اَچي!

هن روحاني بات چيت پستڪ ۾ ڪهڙيون لعلون لالڻ اَسان جي اڳيان رکي ٿو؟ اکر ڪٿان آڻيان. They are a pale reflection. اَسان جي جيون جو ذڪر ڪري ٿو. ٻڌائي ٿو ته هي جڳهه آهي جادوءَ جو مڪان. اِڪ کيل آهي، جنهن ۾ اَفسوس! اَسان پاڻ کي وساري ڇڏيو آهي! اَسين پاڻ کي سرير پيا سمجهون، گهڻي ۾ گهڻو من! Body mind complex پيا سمجهون! پر پنهنجي سچي صورت، پنهنجو سُوَروپ وساري ويٺا آهيون! دادا جشن چويٿو ته توهين ته آهيو پکيئڙا، - روحاني ديس مان آيا آهيو. اَچي هت هن سرير ۾ نواس ڪيو اَٿو. پر پلجي پاڻ کي سرير پيا سمجهو! اِنڪري جاڳو، جاڳو، پنهنجو سچو روپ، سُوَروپ پڇاڻو! سنت ڪبير ٻه پنهنجي باڻيءَ ۾ چويٿو ته:-

”هئه تم هنسا ست لوڪ ڪي،پري ڪال بس آئي هو.

سنت ڪبير چويٿو:- پيارا! تون هي سرير، هي من ڪين آهين. تون ته آهين هنس، - پر ستيه لوڪ جو هنس: اُڏامي اُڏامي اَچي هت ڪال ديس ۾ نواس ڪيو اَٿيئي! پر آهين هنس! اِن ڪري هن جادوءَ جي مڪان ۾ رهي ٻه پنهنجو پاڻ پڇاڻ!

سنت ڪبير وري اِڪ ٻئي گيت ۾ چويٿو:-

هنسا ڪهو پُراتن بات،

ڪوُن ديس سي آئيو هنسا، اُتريو ڪوُني گهات؟“

وري هن گيت ۾ سنت ڪبير چويٿو:- اَءِ جيو! تون هنس پکي: اَٿيئي ڪا يادگيري اُن پراتن بات جي ته تون ڪهڙي ديس مان آيو آهين: ۽ هت ڪهڙي گهاٽ تي اَچي تو نواس ڪيو آهي؟

اُهو بيخبر خادم تيڻ جي پياس ٿو لاءِ ۽ اُن کي ئي ملي ٿو چت شانتيءَ جو خزانو ۽ اُنجو من ايڪاگر ٿئي ٿو.

۽ جو پيارو گروءَ جي چرنن ۾ ويهي سگهي جو خزانو گهري ٿو، اُن کي گرو، جڏهن ڏسي ٿو ته جگياسو تيار آهي ته نام جو خزانو بخشيش ڪري ٿو ۽ نام جو خزانو ولي، اُن جي حالت ڪهڙي؟ اُن جو ذڪر دادا جشن ڪري ٿو هن ويچار ۾:-

"آنءُ ته آهيان اُن جي هٿن ۾:

پوءِ چنتا ڪهڙي جي رهان ڪپن ۾!"

دادا جشن چوي ٿو ته جي چلڻ ٿا چاهيو ته پاڻ کي اَرپن ڪريو گروءَ جي چرنن ۾! ۽ اُهڙي پياري جي دل مان اُٿي ٿي اِڪ ئي پڪار:-

"مون کي کپين تون!"

I need Thee, Beloved!

۽ هي نشاني اُهڙي جگياسوءَ جي آهي:-

"واه واه جت وهارين تون،

فضل نُوري نهارين تون:

شڪر آهي شڪر تنهنجو!

گرو اِهو سڀ ڪري ٿو ڪرپا دئاران! ڪرپا ڪري ٿو، ۽ ڪرپا ڪري نام جي اوت ڪري ٿو! پوءِ ڇا؟ پنهنجي پاڪ هٿن سان اَسان جي ناپاڪ هٿن کي جهلي ولي هلي ٿو اَندر! ڇو ته گرو سيڪاري ٿو هيءَ هڪ ڳالهه ته پيارا! توکي هڪ ئي ڪم ڪرڻو آهي: وڃ اَندر، اَندر، وڃ دل مندر! ٻاهرمکي ٿي پيارا! تو جنم گذاريا آهن ۽ هن جنم جا به هيترا سال وڃايا اَٿيئي. اَنڪري هاڻ

صدق ڏي، صبر ڏي، تنهنجي چرنن ڄڪان!"

سڪ ڏي،- اِها پڪار جيو جي دل مان وري وري پيئي اُٿي! دادا به پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چيو آ :-

نُوري نماڻي ڏي سڪ جو سُور،

تہ نيڻن چمڪي، چمڪي نُور!"

پريتم! سڪ جو سُور ڏي! پر اِها سڪ به ته آهي بخشيش. اِن لئہ جڳياسو پڪاري ٿو، ڪوشش ڪري ٿو ته پنهنجي اَندر جي صفائي ڪريان ته اِها سڪ نڪي. پر اِن لئہ ضروري آهن ٻہ ڳالهيون:- (١) صدق ۽ (٢) صبر.

اَهڙو سڪ وارو اِنسان پيو ڳوڙها ڳاڙيندو، پيو پڪاريندو:-

"خادم آهيان بيخبر، تنهن جي در جو اَءِ خدا!"

اَهڙو جڳياسو چوندو تہ مان ته اِڪ خسيس خادم آهيان، پريتم! تنهنجي در تي. پر مون کي خبر وارو خادو نہ ڪڇ، مون کي ڪر بيخبر خادم. جو ته جيتري جاڳي ٿا رکون، اوترو من وڌيڪ وڌيڪ چنچل ٿو ٿئي. اِنڪري شاه صاحب چيو آ نہ:-

"اَلا ڏاهي م ٿيءُ، ڏاهين وڏا ڏکہ"

وري اِڪ ٻئي هنڌ چيو آ:-

"متان جاڳي وجهيئي جار ۾"

اَسين جيترو سياڻا ٿيون ٿا، جيتري خبر رکون ٿا، اوترو وڌيڪ وڌيڪ چنچل ٿيون ٿا. اِنڪري اِڪ روحاني بات چيت ۾ دادا جشن ساڌو واسواڻيءَ جي هيءَ سٽ ويچار توڙ ڪنئي آهي:-

"خادم آهيان بيخبر، تنهن جي در جو اَءِ خدا."

اِنڪري جيڪو سنسار جي جادوءَ جي اَثر کان ڇٽڻ چاهي،

(٦٠)

جاڳو! جاڳو! جاڳو!

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

”جڳہ سارو جادوءَ مڪان!“

نُوري گرنٿ جا هيِ اکر آهن:- ”جڳہ سارو جادوءَ مڪان!“ هي سڄو جڳہ جادوءَ جو مڪان آهہ. هتي خبر نٿي پوي تہ سچ ڇا آهي؟ ڪُوڙ ڇا آهي؟ ڪُوڙ سچ پيو ڏسڻ ۾ اَچي ۽ سچ ڪُوڙ پيو ڏسڻ ۾ اَچي. پانڊون اَهڙو محلات ٺهرايو هو، سُڪي پيئيِ اِئين ڏسڻ ۾ اِيندي هئيِ جڻ تہ اُتي پاڻيِ آهي، نهر پيئيِ وَهي ۽ جتي آلڻ پيئيِ ڏسڻ ۾ اِيندي هئيِ، اُتي سُڪيِ. توهان کي خبر آهي تہ ڪئن دروپديِ مٿان نهاري ٿيِ: دريوڌن اَچي ٿو ۽ سَڪيءَ تي پنهنجا ڪپڙا مٿي ڪٽيِ پنڌ ڪري ٿو ۽ هوءَ مٿان چوي ٿيِ:- ”اَنڌي ڪا بيٽا اَنڌا.“ کِلي ٿيِ. اُنهيءَ مان سڄو مهاڀارت شروع ٿيو آهہ. مهاڀارت جو ٻهريون سبق اِهو آهي تہ ٻئي تي نہ کِلو. ٻين سان گڏ ڀل کِلو، پر ڪنهن تي بہ کِلجو نہ. جي هرُوڀرُو ڪٽيِ کِلڻ تي دل لِئيوَ تہ پاڻ تي کِلو. اَسان مان هِڪ هِڪ ۾ گهڻيئيِ اوڻايون آهن، جِن تي اَسين کِلي سگهون ٿا. پاڻ تي ويهيِ

اُت جاڳي ۽ مسافري ڪر، نہ پنڌ پُر جي، پر اَندر پر جي! ۽ پيارو مٺو مرشد وري وري چويٿو:- پيتر جائو، ميري پياري! پيتر جائو! اَندر وڃ پيارا! اندر وڃ: وڃي ترس! !Wait on God

سپيءَ جي پياس وانگر وڃي ترس! تہ توکي اُها نام جي بوند، نام جي دارا ملندي جو تنهنجي جنمن جي تلاش سڦل ٿيندي ۽ تون بہ چوندين:-

Eureka! Eureka! I have found! I have found!

۽ پوءِ تون سديو سمايل رهندين اَگم ۾!

۽ هي داس تہ دادا جشن جي روحاني بات جا اُپديش پڙهي پڙهي مگن ٿي پيو چوي:-

"اَئسي لال تجھ بن ڪؤن ڪري!"

دادا جشن جي جنم دن تي هي پستڪ پرڪاش ٿئي ٿو! ۽ هن پوتر ڏينهن هي داس، اِڪ پرت جو پينار، دادا جشن ڪان اِڪ ئي بخشيش ٿو پني:-

ڪمل قدمن ۾ وهار،
منا! ڏي نذر ڪي پنهنجي نهار!
اَمرت نام جو جل آسرونتيءَ کي پيئار!

رکہ راڻا! پنهنجي روُبروُ!
پنهنجي روبروُ!

آتما واسواڻي

پوُنا،
۲۳-۷-۱۹۹۵

ٿا تہ هميشه هونداسين. ڪڏهن ڪين سمجهون ٿا تہ اَسان کي
بہ هلڻو آهي. اِهو سڀ جادوءَ جو اَثر آهي.

"جڳہ سارو جادوءَ مڪان!"

اِنسان آهي پکيئڙو پرديس جو: اُڏامي اُڏامي هِت آيو آهي. هِن سنسار جي وِڻ جي ڪنهن نہ ڪنهن شاخ، ڏار تي آکيرو ٺاهي ٿو. اُنهن آکيرن کي ڪوٺي ٿو اَسان جا گهر. حقيقت ۾ اَسان جا گهر ڪونهن. اَسان جا جي هجن تہ جيڪر هميشه رهون. وقت اَچي ٿو، گِهنڊ لڳي ٿو، آواز اُٿي ٿو:- "مڪان خالي ڪرو!" هليا ٿا هلون.

اِنسان آهي پکيئڙو! پر اِن ڳالهہ کي اَسين وساري ويٺا آهيون. اَسان پاڻ کي هِن سرير سان identify ڪيو آهہ. اَسان جي وڏي ۾ وڏي تڪليف، وڏي ۾ وڏي چوڪ اِها آهہ تہ هوُ سمجهي ٿو تہ مان هِي پنجن تتن جو پُتلو آهيان. مان خاڪ مٽيءَ جو هِي مڪان آهيان. مان پرٿويءَ جو ڪينئون آهيان. اَسين پرٿويءَ جا ڪينئان ڪين آهيون. اَسين تہ اُهو آهيون، جو اَچي هِن سرير ۾ رهيو آهي. اِها نہ هِڪ ڳالهہ رکو ياد ڪريون تہ اَسان جي جيون نئين ٿي پوي. شري ڪرشن اَرجن کي سکيا ڏني ٿو:- "اَرجن! تون پيو پاڻ کي سرير سمجهين، پر تون هِي سرير ڪين آهين. سرير تہ اِڪ وستر آهي، جو تون پهري هت آهيو آهين. تون ٻي چيز آهين. تون اُها چيز آهين جنهن هي وستر پهريو آهي. اِها نہ هڪ ڳالهہ اَسين پاڻ کي يادگيري ڏياريون، اَسان جي جيون ٺهي پوي.

اَسين پيا سمجهون تہ اَسين سرير آهيون. سرير کي ڪجهہ ٿئي ٿو، سڄو interest جيون مان نڪري وڃي ٿو. سرير کي

ڪِلو. پاڻ سان ڪڏهن گفتگو ڪئي اَٿوَ؟ ڏاڍو آنند اَٿوَ پاڻ سان گفتگو ڪرڻ ۾. توهان پاڻ کي وساري ڇڏيو آهي. ٻين سڀني کي توهين ياد ڪريو ٿا، پر اَفسوس! پاڻ کي وساري ڇڏيو اَٿو.

هيءَ جيڪا اَسان جي صدي آهه، مان سمجهان ٿو تواريخ ۾ اِن صديءَ کي ڪوليندا A century of tremendous discoveries.

هِن صديءَ ۾ ڪيڏيون نہ ڳالهيون ڳوليون ڪيون اَٿن. هوائي جهاز ڳولي ڪڍيا اَٿن، ريڊيو ڳولي ڪڍيو اَٿن، T.V. ڳولي ڪڍي اَٿن، Space Travel ڳولي ڪڍي اَٿن، Satellites in space ڳولي ڪڍيا اَٿن. ڇا ڇا نہ ڳولي ڪڍيو اَٿن. بيشڪ، اِنسان ڪيتريون ئي discoveries ڪيون آهن؛ پر اَفسوس! پاڻ کي وساري ويٺو آهي. اَڙي! تون پاڻ پيارا! ڪير آهين؟ خبر ئي ڪونهي.

"جڳہ سارو جادوءَ مڪان!"

هي جڳہ سارو جادوءَ جو مڪان آهہ. اِنهي جادوءَ جي اَثر هيٺ اَچي اَسان پاڻ کي وساري ڇڏيو آهي. اِنسان ڇا آهي؟ اِهو سوال ڪيترن ئي پڇيو آهي. يُگي بہ يُگي، صدي بہ صدي، سنتن ستپرکن، پرڀوءَ جي پيارن، ڀڳتن، ودوانن، ۽ فيلسوفن (philosophers and thinkers) اِهو سوال پڇيو آهي:- اِنسان ڇا آهي؟ اِن سوال جا ڪيترائي جواب اَسان کي مِلن ٿا. پر هِڪ جواب جو اَسان کي مليو ٿو، سو هي تہ اِنسان آهي پکيئڙو: اُڏامي اُڏامي، اَچي هِت پهتو آهي. ٿوري وقت واسطي هِت آيو آهي. اَسين پيا سمجهون تہ هِت هميشهہ هوندا اسين. پيا مري ويندا. ڪو گذاري وڃي ٿو: ڇئون اِهو تہ سنسار جو رواج آهہ،- جو آيو آهي، سو ويندو. پر پنهنجي بابت سمجهون

چئجن، جي هِتِ نہ ڏسن هُو ڏيهہ.“ هِن پرٿويءَ تي رهي اَسان جي نظر اُن ديس تي هجي، - اَصلوڪو وطن.

سمجهو ڪو ماڻهو ولايت ۾ وڃي ۽ پنهنجي گهر کي وساري ڇڏي. توهين جيڪر اُن ماڻهوءَ لاءِ ڇا سمجهو؟ اِها حالت اَسان مان هِڪ هِڪ جي آهي. اَسين بہ ٿوري وقت واسطي ولايت ۾، ڏيساورن ۾ ڪا ڪمائي ڪرڻ واسطي آيا آهيون. ”جِس وڪر ڪئُہ لئن تون آئيا.“ گروجن چون ٿا پنهنجي ٻاڻيءَ ۾:- ”جنهن وکر وٺڻ واسطي، جنهن ڪمائي ڪرڻ واسطي تون هِت آيو آهين، اُها ڪمائي تو وساري ڇڏي آهي.“

اَسين ٻڪيئڙا آهيون، پر مايا جي جَادوءَ هيٺ آهيون. ”جڳ سارو جادوءَ مڪان!“ هتي جادوءَ جي مڪان ۾ اَچي اَسان جي اکين تي پردا چڙهي ويا آهن. سچ کي ڪوُڙ پيا سمجهون، ڪوُڙ کي سچ پيا سمجهون. مايا جو نشو پيتو اَٿئون. نشو پي نشين وانگر پيا هلون. ڪڏهن نشئيءَ جي حالت ڏٺي اٿو؟ هِڪ وقت هوندو هو، هينئر مان اِئين نٿو ڪري سگهان. هِڪ وقت هوندو هو، رات جو دير سان ١٢ بجي، ١ بجي کان پوءِ نڪرندو هوس، وڃي واءُ ساءُ لهندو هوس تہ اَسان جي ڀائرن ڀينرن جي ڪهڙي حالت آهي؟

هِڪ رات جي يادگيري مون کي پوي ٿي. مان هڪ گهر ۾ گهڙي ويس اَندر. اُن گهر ۾ ڪو ٻار ڄائو هو. اُن رات جو يا اڳينءَ رات جو، اُت مون ڇا ڏٺو؟ گهر ڪونہ هو، رڳو اِڪ ڪولي هئي. اِن ڪوليءَ ۾ ڪيترا ڀاتي هئا. هڪ کي بہ بلئنڪيٽ ڪين هو، فقط چادرون هئن. سياري جو سيءُ هو. دهليءَ ۾ سيءَ تڪا پوندا آهن. پوني ۾ گهٽ تڪا پوندا

ضرور ڏيندو. هي چولو آهي؛ چولو ضرور ڪٿي ڦاٽندو: پوءِ اُن کي سُئيءَ سان ڪٽي سِببو. اَسين چولا ڏوريئي آهيون. اَسين تہ اُهو آهيون، جنهن چولو پهريو آهي.

اَسين آهيون پکيئڙا: هي سرير اَسان جو مڪان آهي، جنهن مڪان ۾ اَسين اَچي رهيا آهيون. اُپنشدن ۾ هِن سرير کي ڪوٺيو اَٿن "نَوَ دُئاري نگر". نگر جنهن کي نَوَ دئار آهن. ٻہ اَکيون، ٻہ ڪن، ٻہ ناسون، هڪ وات، هڪڙو organ of generation، هڪڙو organ of evacuation وڏي ۾ وڏي چوڪ اِنسان جي اِها آهہ تہ هُو پاڻ کي پنجن تتن جو پُتلو پيو سمجهي. وڏي ۾ وڏي tragedy آهي تہ هُو سمجهي ٿو تہ مون کي جام وقت پيو آهي. پيارا! اَجا ڪڏهن تون سُڄاڳہ ٿيندين؟ اَجا ڪڏهن تون پروُڙ پائيندين تہ هي مانکہ جنم، جو درلڀ جنم آهي، جنهن جنم واسطي ديوتائون ديو لوڪ ۾ منتظر آهن، اُهو جنم توکي مِليو آهي. ڇا واسطي؟ سڀ ڏوڀجي ٿو وڃي.

سنت سترڪہ، پريوءَ جا پيارا، اَچي اِهو آواز اُٿارين ٿا:- نہ وسار! نہ وسار! تون پکيئڙو آهين! "ٻول پکي پرديسيئڙا، تون ڪهڙي ديسوُن آوَندئين؟" ڪهڙي ديس مان تون آيو آهين؟ تنهنجو نِج ديس، نج گهر ڪهڙو؟ تنهنجو اَصلوکي مڪان ڪهڙو؟ تو سڀ وساري ڇڏيو آهي. اُن نج ديس جي توهان کي ڪڏهن يادگيري پيئي آهي؟ اِهو نج ديس پيو اَسان کي ڪوٺي: روز روز پيو سڏي: پر هِت مايا جي مونجهہ ۾، مايا جي گوڙ ۾ اَسين اُهو آواز ٻُڌون نٿا. نج گهر وري وري پيو اَسان کي چوي:- "تون وساري ڇو ويٺو آهين؟" "سي تہ اَندا

نَشين جي اِها حالت ٿئي ٿي. هڪ نشئي رستي جي ڪُنڊ تي ڪِريو پيو هو. هڪ لاڙي اَچي ٿي. رستي جي موڙ وٽان جڏهن ڦري ٿي، ڏسن ٿا تہ اُتي ماڻهو سمهيو پيو آهي، مٿان لاڙي لنگهي ويئي. هي ماڻهو چيچرجي ويو. ڪيس خبر بہ ڪونہ پيئي. هُن ڪنهن کي خبر ڪونہ پيئي. لاڙيءَ وارو هلندو ويو.

اَسان مان ڪيترن جي حالت اِها ٿئي ٿي. مايا جي نشي ۾ غلطان.

”جڳ سارو جادوءَ مڪان!“

هِت جادوءَ جي اَثر هيٺ اَچي اَسين نشئي ٿي سمهيا پيا آهيون. اَچي ٿو ڪو tractor اَچي ٿو ڪو ڪال جو vehicle اَسان کي چيچري هليو ٿو وڃي. اَسان کي خبر بہ ڪونہ ٿي پوي. اِها حالت اَسان جي آهہ.

سنت اَچن ٿا هڪ ئي پيغام ڪٺي:- ”جاڳو! جاڳو! جاڳو!“ اِهو جادوُ، جنهن جي اَثر هيٺ توهين آهيو، اُن جادوءَ مان توهين نڪرو. ”جڳ سارو جادوءَ مڪان!“

ڪي سال ٿيا، رشيا ۾ هڪ پريوءَ جو پيارو آيو. توهان مان گهڻن شايد اُن جو نالو نہ ٻڌو هجي،- گُرديف. گُرديف ڪهڙي اَچي سکيا ڏني؟ رشيا ۾ هِن جو جنم ٿئي ٿو. ساڳي سکيا جا اَسان جي رشين پارت ۾ ڏني. ڪهڙي سکيا ڏئي ٿو؟ چوي ٿو:-

Man is under hypnotism .He needs to dehypnotise himself.

Hynotism يعني تہ اَسين جادوءَ جي اَثر هيٺ آهيون. اِهو جادو اَسان کي ٻوڙڻو آهي. اُٿ جاڳ چؤڪيدار! ڪهڙو نہ ملو

آهن. تہ بہ ڏاڍا سيءَ پوندا آهن. نئون ڄاول ٻار، اُن کي ٽوال ۾ ڪٺي ويڙهيو هئائون. اَهڙي حالت اَسان جي سنڌي ڀائرن ۽ ڀينرن جي آهي. اَڄ ڏينهَن تائين ڪيترا گهر اَڻَو، ڏاڍي غريبيءَ ۾. کُڇِن ڪين، ٻنِن ڪين. غريبيءَ ۾ رهن. اَسانَ جو فرض آهي، اَسين وڃِي اُنهَن جي شيوا ڪريون.

پوءِ جڏهن مان اُن گهر مان موٽيس پئي تہ واٽ تي ٽلم هڪڙو ماڻهو ڪِريو پيو هو. مون چيو ٽسان، هِن ماڻهوءَ کي ڪهڙي تڪليف آهي؟ نزديڪ ويس. ٽلم، ڇيم، هِن ماڻهوءَ کي تہ مانَ سُڃاڻان. پڙهيل، ڳُڙهيل، ودوان، يونيورسٽيءَ جي ڊگري ورتل، شاهوڪار ماڻهوءَ جو پُٽ. سندس پتا وڏو زميندار، اُتيِ پيو هو. ڏوُنڌاريومانس. ڇيومانس، هتي ڇو پيو آهين؟ اُٽ! ڪجهہ جواب نہ ڏئي. اڳيان ويس تہ سندس وات مان شراب جي بانس پئي آئِي. شرابي، نشو پِي سڀ وِسري ويو هوس. ڪيس خبر بہ ڪين تہ منهنجو گهر ڪهڙو؟ منهنجو نسل ڪهڙوَ؟ مان ڪهڙي خاندان جو ٻار آهيان. نشي جي اَثر هيٺ سڀ وسري ويس. نوُري گرنٿ ۾ هِي اکر اَچن ٿا:-

"آهين ياتري توُن، نسل نا وسار:
نوُري نماڻِي رکہ سچ سان پيار!"

توُن پنهنجو نسل وساري ويٺو آهين؟ توُن ڪنهن جو ٻار آهين؟ توُن تہ آهين پرڀوءَ جو ٻار. توهان مان هڪ هڪ پرڀوءَ جو پٽ، پرڀوءَ جي ڌيءَ آهي. اَسين پنهنجو نسل وساري ويٺا آهيون. ٻاڻ ڪي پيا سمجهون تہ اَسين پرٿويءَ جا ڪينئان آهيون. اَسان مان هڪ هِڪ آڪاش جو اَنل پکِي آهہ، جنهن هِت اَچِي هِن سرير ۾ نواس ڪيو آهي.

تنهنجي پُٽ جي ايڏي چنتا نٿي ٿئي. تون ٻُڍڙي آهين.
مون کي چنتا ٿئي ٿي تنهنجي. تون جادوءَ جي اَثر هيٺ
آهين. مايا جي جادوءَ جي اَثر هيٺ. اِن جادوءَ کان تون پاڻ
کي ڇڏاءِ.

اَسان مان هڪ هڪ اِن جادوءَ جي اَثر هيٺ آهي.
جادوءَ کان ڇُٽون. گروجن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چون، ٿا نه مايا
بابت:- ”جڳ سارا ٻانڌيا.“ مايا ڇا آهي؟ جا سڄي جڳ کي
ٻڌي ويٺي آهي. اَسان مان هڪ هڪ کي ٻڌي ويٺي آهي.
ٿوري مزي خاطر اَسين وڃي ٿا پاڻ کي دنيا جي در تي
وڪڻون. ٿورو سواد اَسان کي ملي ٿو. ٿورو سواد کاڌي جو
ملي ٿو اَسان کي. اَسين جانورن کي پيا قتل ڪرايون. توهين
جيڪر ويچار ڪريو. ڪهڙو ڪم توهين ويٺا ڪريو؟Barbarians
به شايد اهڙو ڪم نه ڪن. ويچارو حيات جانور، جيڪي زنده
رهڻ چاهين ٿا، ٻاڪارين ٿا، پڪارين ٿا:- ”اَسان کي اَڇي
ٿا مارين. اَسان کي ڪَين سان اَڇي ٿا ڪپين. اَسان کي توهين
بچايو!“ بچائڻ جي بدران اَسين اُنهن جا ماس وٺي پيا کائون.
ڇو؟ ٿورو مزو ٿو اَچي، ٿورو سواد ٿو اَچي!

ٻالڪي آئي ساڌو واسوانيءَ وٽ. چيائين، مون توهان
جا اُپديش ٻُڌا آهن. منهنجي دل اَندر به ديا جاڳي آهي.
مان چاهيان ٿي ته اِهو هنسا جو ڪاڌو مان نه کان: پر ڇا ڪريان؟
ٻاچيون کان ٿي، سمجهان ٿي گاهه ويٺي کان. سواد ئي نٿو
اَچي. مان ڇا ڪريان؟ ٿوري سواد جي ڪري اَسين جانورن
کي ٿا قتل ڪرايون. پوءِ پياري دادا ساڌو واسوانيءَ چيو:-
”مون کي هڪ وڏو چاڪو آڻي ڏيو.“ وڏو شاهي چاڪو ڪٺي

وچن اَسان کي مليو نوُري گرنٿ مان:-

”هِن بي بقا جي ڪيت ۾، اَئيئي ڪيتي تو ڪرڻي:
نہ تنهنجي پوڪہ ڪري ڪو ناس،
سنڀالين جي پنهنجي رهڻي!
اُٿ جاڳہ، چؤڪيدار!“

پنهنجي رهڻي سنڀاليو. اُٿ جاڳہ، چؤڪيدار! چؤڪيدار وري بہ رات جو جاڳندا آهن تہ ڏينهن جو سمهندا آهن. اَسان کي چون ٿا، ۲۴ ئي ڪلاڪ، ڏينهن رات جو چؤڪيداري ڪرڻي آهي. نہ ڏينهن جو، نہ رات جو سمهڻو آهي. سجاڳہ رهڻو آهي. تنهن جي معنيٰ نہ تہ سرير کي ننڊ نہ ڪرايو. پر توهين سجاڳہ رهو. اِها هڪ طرز آهي، جا توهان کي سِکڻي آهي. توهين سجاڳہ ٿي سگهو ٿا. سرير سمهيو پيو آهي. اِن جادوءَ جي اَثر کان اَسان کي ڇٽڻو آهي.

هِڪ اَمي آئِي مون وٽ. چيائين:- منهنجو پُٽ سون جهڙو هو. سون جو ٽڪر هو. هڪ ئِي پٽ مونکي. منهنجو پتِي گذاري ويو. جڳهہ منهنجي نالي ڇڏي ويو. مون پٽ جِي شادي ڪرائِي. منهنجي پٽ جا ساهڙا تِن منهنجي پٽ تي جادو لڳارايو. اُن جو نتيجو اِهو نڪتو آهي جو منهنجو پٽ چوي ٿو:- ”تون هيِ گهر ڇڏي وڃ.“ گهر تہ منهنجي نالي آهي، پر منهنجو پٽ روز مون سان تڪرار ڪري ٿو:- ”تون هِن گهر مان نڪري وڃ. مان توکي ڪڏي ڦٽو ڪندوسانءِ. اَڙي! جڳهہ منهنجي آهي.“ پر هوُ ٻُڌي نٿو. هوُ جادوءَ جي اَثر هيٺ اَچِي ويو آهي. مون وٽ آئِي. چيائين: ڪو تيڏو ڦيڏو اَئيئي، جئن هِن جي جادوءَ جو اَثر لهي. مون چيومانس:- مونکي

(٦١)

سِڪ ڏي، صدق ڏي، صبر ڏي

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

”سڪ ڏي، اَءِ سڄڻا! تہ تو وٽ اَچان:
صدق ڏي، صبر ڏي، تنهنجي چرنن ٽِڪان!“

منهنجا پريتم! مونکي سِڪ ڏي تہ مان تو وٽ اَچان! جيستائين سِڪ اَسان جي اَندر نہ پيدا ٿئي، تيستائين اَسين پياري پريوءَ وٽ نہ اَچون، تيستائين اَسان کي دنيا ڇڪي ٿي. دنيا جون کهڙيون نہ چمڪندڙ، وڻندڙ، سهڻيون شيون آهن جي اَسان کي ڇڪين ٿيون.

هِڪ ٻالڪيءَ جي مونکي خبر آهي: چوندي هئي:- ”مونکي آسيس ڪر تہ مونکي موٽر مِلي!“ هاڻي موٽر ڪا وڏي ڳالهہ ڪونهي، پر هِن ٻالڪيءَ جي سِڪ وڃي موٽر سان لڳي. سچ پچ تہ موٽر لاءِ سِڪ نہ ٿي ٿئي، پر موٽر لاءِ ڇڪ ٿئي ٿي. ٻہ شڪتيون آهن:- هڪڙي شڪتي آهي ڇڪ، جا اَسان کي دنيا ۽ دنيا جي پدارٿن ڏي ڇڪي ٿي (It drags us to the world). ٻي شڪتي آهي سِڪ، جا اَسان کي پياري پريوءَ جي ڪمل قدمن ڏي ڇڪي ٿي (It lifts us up to the Lotus Feet of the Lord).

آياسين. پنهنجي ٻانهن ڪولي ٻالڪيءَ جي اڳيان اَچي بيٺو. ڪيس چيائين:- ٻالڪيِ! توکي ڪيترو ماس کپي؟ مان توکي پنهنجي سرير مان ڪپي ڏيندس. پر ڪرپا ڪري اُنهن گگدامن کي، جِن تنهنجو ڪو ڏوهه ڪين ڪيو آهي، جِن توکي ڪا تڪليف ڪين ڏنيِ آهي، اُنهن کي تون نہ کُهاءِ!" ٻالڪيِ ٻڄيِ ويئي. يڪدم چرنن تي ڪِري پيئيِ. چيائين:- "مون توبهه ڪئيِ. اڳتي مان ڪڏهن بہ اِهو ماس جو ڪاڏو ڪين کائيندس."

اِندرين جو اَسان کي ٿورو سواد ملي ٿو، اَسين دنيا جي در تي غلام ٿيِ وڃيِ ٿا بيهون. مايا جا غلام ٿيِ پيا آهيون. مايا پيئيِ روز اَسان کي نچائي. اِنهيءَ جادوءَ جي اَثر کان ٻاهر اَچو.

جڳہ سارو اَٿوَ جادوءَ جو مڪان. اِن جادوءَ کان پاڻ کي بچايو! اُٿ جاڳہ چؤڪيدار! اُٿ جاڳہ چؤڪيدار! سجاڳہ رهو! پروڙ پايو تہ هيِ مانڪہ جنم اَسان کي ڇا واسطي مِليو آهي؟ اُهو ڪرتويہ اَسين ڪئن پالن ڪريون؟ توهان جي اَندر ويندي سجاڳيِ اِيندي. پيارو پريو توهان مان هِڪ هِڪ تي آسيسَ ڪري! توهان جي صدقي هِن توهان جي داس تي آسيس ڪري! شل اَسين بہ ڪجهہ پروُڙ پايون! هِن جادوءَ جي اَثر کان ڇٽون! مايا جا غلام نہ ٿيون! پريوءَ جا ٻالڪ ٿيون!

(دهليِ: ١١.٣.٩٥)

گيت ڳائيندو هو. هِن جي دل ويئي وڌيڪ وڌيڪ صاف ٿيندي. سنتن جي ٻاڻي جئن وڌيڪ وڌيڪ اُچاريون ٿا، يا نام جو سِمرن ڪريون ٿا، اُن مان هِڪ وڏو فائدو ٿئي ٿو، اَسان جو هردو وڃي ٿو وڌيڪ وڌيڪ صاف ٿيندو.

The problem of spiritual life is the problem of inner purification.

اَندر جي صفائي ڪرڻي آهي. ٻاهر جي صفائي تہ هِڪ هِڪ پيو ڪري، پر ڪيي اَندر جي صفائي. اُن اَندر کي اَسين ڀِچي نٿا سگهون، پر پريوءَ جو نام ڀِچي سگهي ٿو. نام دئاران اَسان جو اَندر وڃي ٿو صاف ٿيندو. جئن وڃي ٿو اَندر صاف ٿيندو، تئن اَندر وڃي ٿو نرمل، ڪومل (soft) ٿيندو.

هِن شاهوڪار سان بہ اِئين ٿئي ٿو. هِڪ ڏينهن ستسنگ جي وڏي وٽ اَچي ٿو: اُن سنت ستپرکہ جي چرنن ۾ ويهي ڳلن تان ڳوڙها ڳاڙي ٿو. هيل تائين هِن ڪڏهن ڳوڙها ڪين ڳاڙيا هئا، پر هينئر اَچي ڳوڙها ڳاڙي ٿو: چوي ٿو:- ”منهنجي دل اَندر پياس، سِڪ وڃي ٿي وڌندي. مان بہ پريوءَ کي مِلڻ چاهيان ٿو.“ هِن سنت کي چوي ٿو:- ”تون ضرور پريوءَ کي مِلندو هوندين شايد هِڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا. هاڻي جنهن وقت تون پريوءَ کي مِلين تہ ڪيس وينتي ڪج تہ مونتي بہ مهر ڪري! مان بہ ڪيس مِلڻ چاهيان ٿو، مونکي بہ پنهنجو ڪري!“

سنت چويس ٿو:- ”اِهو تہ ڏاڍو سُٺو: اَڄ ئي ٿو نياپو ڏيانس.“

”سِڪ ڏي، اَءِ سَڄڻا! تہ تو وٽ اَچان!“

جڏهن سِڪ اَندر ۾ اُٿي ٿي، پوءِ چاهجي ٿو تہ اَسين بہ پريوءَ وٽ وڃون.

اَڄ مون کي اِڪ ٻالڪيءَ لکيو تہ دنيا ڏاڍو ٿي ڇڪي.

جڏهن سِڪ اُٿي ٿي، تڏهن ٿورو ڪجھ ويچار اَسان جي اَندر اَچي ٿو تہ اَسين پياري پريوءَ وٽ هلون.

"سِڪ ڏي، اَءِ سچڻا! تہ تو وٽ اَچان!"

پر اِها سِڪ بہ اَٿو پريوءَ جي بخشيش. ڪنهن کي ڏئي ٿو، ڪنهن کي نٿو ڏئي. پر ايترو آهي تہ جي اَسين گهرنداسين پيا تہ ضرور هِڪ ڏينهن اَسان کي ڏيندو.

"سِڪ ڏي، اَءِ سچڻا! تہ تو وٽ اَچان!"

هڪ شاهوڪار ماڻهو هو. ڪيس سڀ ڪجھ هو، - دنيا جو پئسو پدارٿ، مان شان، وڏائي، اِندرين جو عيش عشرت آرام. اِن ڪري ڪيس پياري پريوءَ جو ڪڏهن ويچار اِيندو ڪونہ هو. ڪِلبن ۾ ويندو هو. ٻيءَ طرح پنهنجو وقت خرچ ڪندو هو. سُٺو نيڪ اِنسان هو. ڪوبہ شُڀ ڪم ٿيندو هو، ڦِرين ڦِرين چوندو هو تہ مون کان ڊونيشن وٺو. نيڪ اِنسان هو، پر پريوءَ لاءِ ڪيس ڇِڪ ڪين ٿيندي هئي. سڪ سندس دل اَندر اُٿي ڪين. پوءِ سندس جيون ۾ ڪو آزمودو اَچي ٿو، جنهن جو ذڪر ڪرڻ جو اَڄ شايد مونکي وقت نہ مِلي. ڪو آزمودو هن کي مِلي ٿو، جو آزمودو هِن کي ڀِڃي ٿو ڇڏي. ۽ هِن جي اَندر سِڪ اُٿي ٿي. ستسنگہ ۾ وڃڻ شروع ڪري ٿو. جئن نہ ستسنگہ ۾ وڃي ٿو، هي، جو نگر جو اِڪ وڏو ماڻهو هو، ستسنگين سان گڏ وڃي سنتن جي ٻاڻي ڳائيندو هو. اِهو ڏاڍو فائدو ٿئي ٿو. اَفسوس! اَسين ستسنگہ ۾ اَچون ٿا، پر اَسين ٻاڻيءَ جو فائدو نٿا وٺون. ستسنگہ ۾ اَچون، پوءِ جيڪو بہ سنت ٻاڻيءَ جو گيت هلندو هجي، اَسين بہ جيڪر ڳايون.

هِي شاهوڪار، وڏو ماڻهو، ستسنگہ ۾ اِيندو هو: اَچي

اَچي." سنت چيس:- "نہ، ٻہ ٽي ڏينهن وٺ. تکڙ نہ ڪر."

ٻہ ڏينهن گذريا، ٽي ڏينهن گذريا. روز اَچي سنت کي چوندو هو تہ "سائين! مان تيار آهيان." ٽئين ڏينهن جڏهن هِن کي چيائين تہ مان تيار آهيان تہ سنت چيس تہ "مان پرپوءَ کي وچي ٿو نياپو ڏيان."

چوٿين ڏينهن آيو. سندس اَندر آندمانڊ: پرپو اَلائي مون کي قبولي ٿو يا نہ. هِي سنت وٽ آيو. سنت چيس تہ "مون تنهنجو نياپو پرپوءَ کي ڏنو: پر پرپوءَ چيو تہ هِن کي وري ٻہ چتاءِ تہ جي هِڪ واريءَ منهنجو ٿيڻ چاهي ٿو تہ پريڪشائن مان لنگهڻو پوندس. پوءِ اِئين نہ چوندو تہ مان پرپوءَ جو نٿو ٿيڻ چاهيان تہ اُهو ڪين ٿِي سگهندو."

هِي شاهوڪار ايڏي تہ اُتساهہ ۾ هو، جو چيائين تہ "ڇا ٻہ ٿيندو مان توڙڻ نہ چاهيندس." وري سنت چيس تہ "ٻہ ٽي ڏينهن وٺ: تکڙ ڪونهي. تکڙ ۾ تون فيصلو نہ ڪر. فيصلا سوچ سان، سمجهہ سان ڪبا آهن." وري ٻہ روز هِي شاهوڪار اِيندو هو ۽ ساڳي ڳالهہ ڪندو هو. ٽي ڏينهن گذريا. ٽِن ڏينهن کان پوءِ چيائين تہ "سائين! اَصل مان ٽوڙيندس ڪونہ. اڳي هي ڇوڪريون ساهيڙيون ڪنديون هيون تہ ٻہ آڱريون ڏينديون هيون. پوءِ چونديون هيون، پڪي يا ڪچي؟ چونديون سڀ هيون تہ پَڪي: پر اُتي ئي پنجن ڏهن منٽن کان پوءِ ڪا ڳالهہ ٿيندي هئي تہ ڇيهہ ڪنديون هيون معنيٰ اوٽي. اَڙِي، تو ساهيڙيءَ سان پڪي ڪئي، هينئر وري اوٽِي ڇا جي؟

هِي شاهوڪار، ٽي ڏينهن گذريا، وري آيو. چيائين:- "سائين! مان پڪو آهيان: هاٿي مونکي وڏيڪ نہ ترساءِ. منهنجي

چيائين:- ”ترشنائن کان اَسين ڪئن ڇٽون؟“ ترشنائن کان اَسين تڏهن ڇُٽنداسين، جڏهن اَسين ترشنائن جو مُنهن دنيا کان ڦيري پرڀوءَ ڏي ڪنداسين. رڳو مُنهن ڦيرائڻو آهي. هيئنر اَسان جو مُنهن آهي سنسار ڏي: پوءِ مُنهن ڦيرائي اَسين پرڀوءَ ڏي ڪريون. پوءِ سنسار اَسان کي ڇڪي سگهندو ڪين. هيئنر اَسان کي ڪا سُٺي بريس، ڪا سُٺي ساڙهي، ڪو مٽيو، ڪا سُٺي شيءِ ڇڪي ٿي: پوءِ اِها ڇڪ گُم ٿِي وڃي ٿِي. پوءِ تہ آهي سِڪ ئي سِڪ.

”سِڪ ڏي، اَءِ سچڻا! تہ تو وٽ اَچان:

صدق ڏي، صبر ڏي، تنهنجي چرنن ٽِڪان!“

اَچڻ ٺيڪ آهي: پر اَچي وَري ٽِڪون بہ نہ. اِن ڪري صدق ۽ صبر، ٻنهي ڳالهين جِي ضرورت آهي. چوي ٿو:-

”صدق ڏي، صبر ڏي، تنهنجي چرنن ٽِڪان!“

پوءِ هِن شاهوڪار سنت کي چيو تہ ”تون پرڀوءَ کي چئُہ، هاٽي مونکي بہ پنهنجو ڪري. مان بہ سندس ٽيڇ چاهيان ٿو!“ ٻئي ڏينهن جڏهن هِي آيو: ستسنگہ پورو ٿيو: وڃي سنت کي گڏيو. سنت کي چيائين:- ”پوءِ ڪجهہ جواب آهي؟ پرڀوءَ جواب ڏنو؟“ سنت چيس تہ ”مون تنهنجو نياپو پرڀوءَ کي ڏنو ۽ پرڀوءَ مون کي جواب ڏنو تہ ”ڀائِي، هِن ماڻهوءَ کي چئہ تہ جي منهنجو ٽيڇ چاهي تہ جو بہ منهنجو ٿيندو آهي، اُن کي وڏين پريکشائن مان لنگهڻو پوندو آهي. اِئين نہ ٿئي تہ پوءِ ڊرو ٿي پوي. اِن ڪري چئينس تہ سوچي خيال ڪري پوءِ اِها درخواست ڪري. اِئين نہ سمجهي تہ پُلاهہ ئي پُلاهہ مِلندو.“ هن شاهوڪار چيو تہ ”مان تيار آهيان. پريکشائون اَچن، پل اَچن. ڪجهہ بہ

ئي نڪري ويو. ٻئي ڏينهن وري خبر پيس تہ ڏنڊي ۾ نقصان پيا آهن. اَڇي يادگيري پيس تہ پريوءَ تہ مونکي گهڻو ئي چتايو. چيائين، ٿورو وقت تہ دم جهليان. اَجا هاڻي تہ پڪي ساهيڙي ڪئي اَٿئون: ايتري ۾ ڪئن ٽوڙبي. پر دل ٿيس تہ جيڪر سويل ئي ٽوڙي ڇڏيان.

شاهوڪار ماڻهوءَ جا جي پئسا وڃن تہ سڀ ڪجھ ويو. اُهو بي ڳالھ ٻُڌندو ڪونہ. پوءِ هِن جا نقصان ويا وڌندا. هو ڏاڍو شاهوڪار پر نقصان ويا وڌندا. نيٺ هِڪ ڏينهن وڌيڪ سَهي نہ سگهيو. سنت وٽ آيو: چيائين:- ”سائين! منهنجي نٽي پُڇي. ۽ مونکي هيءَ دوستي نہ ڪپي. مان هاڻي توبھ ڪئي.“ سنت چيس:- ”مان وڃي تنهنجو پيغام پهچائيندس.“ پريوءَ چيس:- ”پوءِ توکي يادگيري ڪونهي تہ مون ڪيس چيو هو تہ وچ ۾ ٽوڙي ڪونہ سگهندين. جي هِڪ واريءَ ٿي تہ ٿي. ٽُٽي نہ سگهندي. اَئِ ٽوٽ آهي.“ سنت چيو:- ”سائين! مان وڃي ٿو نياپو ڏيان.“ شاهوڪار سنت کي وري نياپو ڏنو: چيائينس، تہ ”پريوءَ کي چئہ تہ هاڻي جيڪو ڏنڊ ڪپيس، سو مونکان ولي: پر مونکي ڇڏي. هاڻي مون کي ڇڏائي ڏي. توکي بہ جي ڪا brokerage کپي تہ مان اُها بہ ڏيندس. پر مونکي مڙيئي ڇڏائي ڏئي.“ سنت وري آيو پريوءَ وٽ. شاهوڪار وري آيو شام جو پُڇڻ. چيائينس:- ”مون پريوءَ کي چيو ۽ پريو گهڻي ويچار ۾ پئجي ويو. پريوءَ چيو:- ”چڱو، هاڻي هرو ڀرو جي چاهي ٿو تہ هن ويچاري کي وڌيڪ ڏنڊ نہ ڪپي. چيائينس هن کي وڃي چئہ تہ منهنجي هِڪ ڀڳتياڻي شهر جي بارڊر تي رهندي آهي. نالو ڏنائينس. اُن وٽ هڪ ڏڳي ڳاڏي پرائي اُن جي،-

دل ڏاڍو تڙڦي ٿي پريوءَ واسطي. مان پريوءَ جو ٽيڻ ٿو چاهيان. مان پريوءَ کي مِلڻ ٿو چاهيان. مان پريوءَ کي ڏسڻ ٿو چاهيان. مان پريوءَ سان گفتگو ڪرڻ ٿو چاهيان." سنت چيو:- "مان ته آهيان اِڪ قاصد: مان تنهنجو نياپو پهچائيندس." نياپو پهچايائين. پريوءَ جواب ڏنو:- "جي تيار آهي ته اَسين به تيار آهيون."

"سِڪ ڏي، اَء سڄڻا! ته تو وٽ اَچان:
صدق ڏي، صبر ڏي، تنهنجي چرنن ٽِڪان!"

پر پيارا! هِن راهه ۾ صدق ۽ صبر جِي ڏاڍِي ضرورت آهي. ڪا ڳالهه ٿئي ٿي: پوءِ اَسين مَن جي وَس اَچِي پريوءَ سان توڙڻ ٿا چاهيون. اَسين پريوءَ کي سمجهون نٿا. پريوءَ کي سمجهي ٿو اُهو، جو چوي ٿو اُن سنت وانگر:- Yes, Father! yes and always yes! پريو! جيڪِي تون ڪرين، تنهن ۾ ئِي منهنجو ڀلو آهي! توهين ستسنگ ۾ ورِي ورِي ڳائيندا آهيو نه:-

"تُمهِي سب ڪڇ جانت، پريتم!
تيرِي اِڇا پُورن هو!
سُک ۾، دک ۾، ميري پريتم!
تيرِي اِڇا پُورن هو!"

پوءِ هِنن جي،- پريوءَ ۽ هِن شاهوڪار ماڻهوءَ جِي پڪِي ساهيڙِي ٿِي. اَجا ٽي ڏينهن مَس گذريا ۽ چوٿون ڏينهن ٿيو، گهر موٽيو آهي ته تار رکِي آهي. تار ۾ لکيو پيو آهي ته تنهنجون جڳهيون، زمينون، جي هِن کي ڏيساوَرن ۾ هيون، اُتي ڌرتي ڌُبِي آهي، سڀ ناس ٿي وييون آهن. ۽ سرڪار اِن واسطي ڪڇ ڏيڻ لاءِ تيار ڪونهي. هِن ويچاري جو دم

دل ۾ ڏاڍو ڏپ! چيائين هيءَ ڍڳي ڳاڙي منهنجي خالي ٿئي، مون کي ڪا سٺي خبر اَچي." تي ڪلاڪ ويٺو هو.

اِئين ٿيو نہ پياري دادا کي حيدرآباد ۾ مِلڻ آيو حاجي عبدل اَللهہ هارُون. اُهو بہ ڏاڍو شاهوڪار هوندو هو.Sugar King ڪري هِن کي ڪوٺيندا هئا. آيو: چيائين:- "مان دادا جو درشن ڪريان." دادا کي ڪوٺيندو هو "درويش". اُن وقت دادا پنهنجي ڪمري ۾ بند هو. اَسان چيس تہ "اَسين دادا کي منجهائي نٿا سگهون." چيائين:- "مان ويٺو آهيان." هيِ بہ چڱو مُڙس هو اَڍائي ڪلاڪ ويٺو هو. مان سمجهان ٿو، سنڌ جو گورنر بہ ٿيو، جڏهن پاڪستان ٿيو.

هي شاهوڪار بہ ٽي ڪلاڪ ويٺو هو. ٽِن ڪلاڪن کان پوءِ اَما آڪيون ڪوليون. هيِ نہ جڏهن اکيون ڪوليندا آهن يا جڏهن ڏيان مان اُٿندا آهن، تڏهن پهرين پهرين چوندا آهن:- "مان ڪٿي هوس ۽ مان ڪٿي آيو آهيان؟" ٿورو وقت لڳندو اَٿن to take the surroundings. اَما اُٿي. ٻالڪي اَما کي هِن شاهوڪار وٽ وٺي آئي. شاهوڪار ماٺهوءَ چيس تہ "مونکي پريوءَ وٽان حڪم آيو آهي تہ مان توهان کي هيءَ ڍڳي ڳاڙي، جنهن ۾ اَنُ اَٽوَ، چانور ڪٽڪ آهي، داليون آهن، ٻيون شيون گهٽيئي آهن، ڪرپا ڪري توهين هاڻي لهرايو. مان ترسيو ويٺو آهيان."

اَما پنهنجي ڌيءُ کي چيو:- "ساوتري! اَندر وڃي ڏس تہ اَٽو پيو آهي؟ چانور پيا آهن؟ دال پيئي آهي؟" هيءَ ٻالڪي اَندر ويئي. دٻا ڪوليائين. چيائين:- "اَما! سُڀان واسطي پيو آهي. ايترو آهي جو اَسان جو سڀاڻي واسطي کاڌو نڪري اِيندو." هِن شاهوڪار ماٺهوءَ کي چيائين تہ "پوءِ مونکي وڏيڪ ڪين

ڪٽڪ، چانور، دال، ڀاڄيون، مصالح، ڊارا تيل،- اِهو سڀ وجهي پرائي سڄي گاڏي وڃي هن کي پهچائي ۽ هوءِ جنهن وقت وٺيس، اُن وقت کان وٺي اسان جو ناتو ٽُٽو!"

هِن شاهوڪار چيو:- "اِها ته سؤلي ڳالهه ٿي. مونکان ڪيترا به لکه وٺي ها، مان ڏيڻ لاءِ تيار هوس. مونکي جند آزاد ڪرائڻي هئي. مان هينئر اَچي ڦاٿو آهيان." يڪدم اُن وقت ئي دڪان کولرائي، ڍڳي گاڏي هٿ ڪري، چڱيءَ طرح پرائي ٽمٽار ڪري ڪٽي آيو: اَچي جهوپڙيءَ جو دروازو کڙڪايائين. هڪڙي ڇوڪري نڪري آئي. پڇيائينس:- "فلاڻي هِت رهندي آهي؟" "ها، اُها منهنجي اَمَا آهي." چيائينس ته "مونکي پريوءَ وٽان حڪم آيو آهي ته مان هيءَ سڄي گاڏي، جا اَن سان ڀريل آهي، اُها توهان کي ڏيان." ڇوڪريءَ شاهوڪار کي چيو:- "اَما هينئر پوڄا ۾، ڌيان ۾ ويٺي آهي. اَما کي هينئر منجهائبو ڪين." شاهوڪار چيس ته "اَما کي پل نه مُنجهاءِ. تون ئي ڪٽي وٺي رک." هِن ڇوڪريءَ چيس ته "مان وٺي نه سگهنديس. مونکي حڪم آهي ته ڪابه شيءِ ڪنهن کان نه وٺ. سو اَما ئي وٺي سگهندي. مان ڪونه وٺي سگهنديس." شاهوڪار چيو:- "چڱو، ترسبو." اَما به اُن ڏينهن چڱو وقت ڌيان ۾ ويٺي. ۱۵ منٽ گذريا، اَڌ ڪلاڪ گذريو. وري وري هِن ڇوڪريءَ کي پيو چوي:- "ڏس، اَما اُٿي آهي يا نه؟" اَما ته پنهنجي ڌُن ۾ ويٺي هئي. ڪلاڪ گذري ويو. هِن چيو:- "اِهو ڪم ڪٿن به ڪرڻو آهي. اَڄ نه ته سڀاڻ مَن سٺي خبر اَچي. وري جي سُڀاڻي ويندس آفيس ۾ ۽ خبر پوندي ته شيئرس سڀ ڪِري پيا آهن: اَهڙي خبر هاڻي مونکي وڏيڪ نه کپي. ڪيس

هيءَ هوا نہ ٿيندي آهي. هوا ٿيندي آهي اُها هوا، جا مٽي ۾ گهڙي ويندي آهي. اُها هوا جدا ڪندي آهي. هيءَ هوا ٿوريئي جُدا ڪري ٿي. هيءَ هوا تہ جدا ڪري ٿي سرين کي: روح کي تہ نہ ٿي جدا ڪري." سو چيائينس تہ "اُنهيءَ هوا کان هميشہ سنڀال ڪجانءِ. اُها هوا آهي تہ جيڪي مان چاهيان ٿو، سو ٿئي، نہ جيڪي گرو چاهي ٿو."

"تُمهي سب ڪڇھ جانت، پريتم!
تيري اِڇا پُورن هو!
سُک ۾، دک ۾، ميري پريتمَ!
تيري اِڇا پُورن هو!"

گرو ڪيترين ئي ڳالهيون ڪندو آهي، جي اَسان کي سمجھ ۾ نہ اِينديون آهن، ڇو تہ اَسين مَن سان ٿا سمجهون. گرو ڪنهن higher plane تان ٿو ڏسي. ۽ گروءَ جو هميشہ يتن ٿيندو آهي. ڀرين بيشڪ اَسان کي ڏاڍو چڪيندو اهي. ايڏو چڪيندو آهي جڏهن تہ سڄي دنيا ۾ اَسان کان سواءِ ٻن لاءِ ٻيو ڪير آهي ڪين. اَصل دري ڪولي بيٺو هوندو، بالڪنيءَ ۾ اَچي بيهندو، ڪيڏي مهل ٿو مُنهنجو پيارو اَچي.

رامڪرشن جڏهن وويڪانند کي چڪيو آهي، اَچي بيهندو هو ٻاهر. وويڪانند جي نہ اِيندو هو (تن ڏينهن ۾ وويڪانند جو نالو هو نريندر)، چوندو هو، مونکي نريندر وٽ وٺي هلو. ٻي ڏينهن، چار ڏينهن گذرندا هئا، چوندو هو، مونکي وٺي هلو پري ڪلڪتي ۾. دکشنيشور ڪيترا ميل پري. چوندو هو، مان هِن جو مُنهن ڏسي اَچان. پوءِ نريندر کي سڏيندو هو:-

ڪپي. مونکي جيڪڏهن سُپان جو مِليو، وڌيڪ مونکي ڪُپي ڪين. پَرهينءَ جي مونکي پَڪ ڪونهي. سُپان لاءِ آهي، اُهو ڪافي آهي. مان وڌيڪ ولنديس ڪين."

هن شاهوڪار جڏهن اِهو ٻُڌو ته هِن جون اکيون کُليون ته مان هيڏو شاهوڪار آهيان، مونکي اَجا ڪروڙ آهن، ڪٽي منهنجا ڪي ڪروڙ ويا آهن، مونکي اَجا ڪيترُوئِي آهي. ۽ هيءَ ٻُڍي ماتا جنهن ڪي آهي بہ ڪجھ ڪين، جنهن ڪي هيڏيءَ گاڏي تي ملي سيڌي ۽ سامان جي، ولڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي. اَکيون کُلِي پيس. ٻوڙندو آيو. رات هئي: دير تي ويئي هئي. ستپرکہ وٽ آيو. ستپرکہ ننڍ ۾ هو. چيائين:- "اُٺاريوس، اُٺاريوس." اُٺاريائونس. سنت کي چيائين:- "هينئر ئي پريوءَ وٽ وجو ۽ چئوس تہ مان پَڪو آهيان، مان دوستِي توڙيندس ڪين."

"صدق ڏي، صبر ڏي، تنهنجي چرنن تِڪان!"
سِڪ ڪپي، صدق ڪپي، صبر ڪپي!

هڪڙو شِش هو. گرو ڪيس ڏاڍو پانئيندو هو. هِن گروءَ جي ايڏي شيوا ڪئي، جو توهين نہ ٻُڌو، توهان کي عجب لڳي. گرو بہ هِن کي ڏاڍو پانئيندو هو. گروءَ کي ڪوڙھ جي بيماري تي هئي. تنهن هوندي بہ هِن ڪيڏي شيوا ڪئي وغيره وغيره. مطلب تہ هِن جو ناتو ڏاڍو مِٺو، پڪو ناتو. هِڪ ڏينهن هي گرو هِن شِش کي چوي ٿو:- "منهنجا پيارا! تون مونسان هججانءِ هميشھ! ايترو منهنجي نزديڪ هججانءِ، جو هوا بہ اَسان ٻن کي جدا نہ ڪري!" هن شِش جو اِهو ٻُڌو، سو يڪدم اُٿِي گَروءَ کي پاڪر پاتائين. تڏهن گروءَ چيس:- "پيارا! هوا

(٦٢)

خادم آهيان بي خبر

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

"خادم آهيان بي خبر، تنهنجي در جو اَءِ خُدا!"

پريو! مان اِڪ خادم آهيان: وڏيڪ ڪجهه ڪين آهيان. ٻه رستا آهن پياري پريوءَ کي پائڻ جا:- (١) هڪڙو حُجت جو رستو ۽ (٢) ٻانهپ جو رستو. سنتن چيو آهي ته ٻانهپ جو رستو بهتر آهي. حجت جي رستي ۾ ڏاڍو مزو آهي: پر خبر ڪونه ٿي پوي ته line ڪٽي پائبجي. ڪڏهن ڪڏهن جي اَسين line کان ٻاهر هليا ٿا وڃون، پوءِ ڏاڍيون چوٽون ٿا کائون. اِن ڪري ٻانهپ جو رستو سُٺو آهي، جنهنجو آواز آهي:-

"تون منهنجو مالڪ، مان تنهنجو داس."

"تم ٺاڪر، تم پهِ اَرداس،

تون ميرا مالڪ، مئن تيرا داس!"

اَلڻ فقير هو: پوءِ ڏاڍي حجت هليو. هِڪ وقت ڌاڪو هوندو هو. مسافر رات جو لنگهندا هئا، تِن کي خون ڪندو هو، تِن کي پڪڙي اُنهن جو سامان ڦريندو هو. پوءِ هڪ ستپرک جي اَثر هيٺ اَچي ٿو، پاڻ سنت ٿِي پوي ٿو.

”نريندر، مان رڳو تنهنجو مُنهن ڏسڻ آيو آهيان. توکي تڪليف نہ ڪين ٿو ڏيان.“ اِئين ٿيو، نريندر ويو ڇڪبو. پوءِ جڏهن ڇڪجي اَچي ٿو، پوءِ ورِي گروءَ جو وارو اَچي ٿو. اُن وقت صدق ڪپي، صبر ڪپي.

”صدق ڏي، صبر ڏي، تنهنجي چرنن تِڪان!“

پهرين جڏهن گرو ڇڪي ٿو تہ اَسين ڇڪجِي وڃون ٿا اُن جي روُپ ڏانهن. روُپ سان ڇڪڻ معنيٰ موهہ ۾ اَٽڪڻ. موهہ آهي اوُندهہ. ڪڏهن بہ توهين ڪو گرو ڪريو، توهان کي گهڙي ڇڪ ٿئي، ڏيکارجوس نہ تہ توهان جو هِن ۾ موهہ آهي. ڏيکاريوَس تہ توهان کي اَصل چڪر ۾ آڻيندو. ڇو تہ گرو چاهي ٿو تہ منهنجو شِش اوُندهہ مان نڪري. منهنجو پيارو اوُندهہ ۾ نہ هجي. ”تمسوما جوتر گمير!“

”سڪ ڏي، اَءِ سچڻا! تہ تو وٽ اَچان:

صدق ڏي، صبر ڏي، تہ تنهنجي چرنن تِڪان!“

[لوناوالا: ٢٥.١.٩٥]

ڪهڙو به ناتو پريوءَ سان رکي سگهو ٿا. پر سنت ستپرڪ اَسان کي چون ٿا ته هِن زماني لاءِ مالڪ ۽ داس جو ناتو ڏاڍو سَئو رستو آهي.

"خادم آهيان بي خبر، تنهنجي در جو اَءِ خُدا!"

اِهو ناتو وچون وڌائيندا. تون سڀ ڪجهه آهين؛ مان ڪجهه ڪين آهيان. تون مالڪ آهين، مان داس آهيان. تون سِندو ساگر آهين، مان اِڪ بِندو آهيان. تون چند آهين، مان چڪور آهيان. اِهو ناتو وچون وڌائيندا. ڪم ڪار ڪريون، ڪم ڪار جو وچ ۾ وري، ورِي پاڻ کي ياد ڏياريون:- "تون مالڪ، مان تنهنجو داس."

خادم آهيان بي خبر!" بي خبر آهيان! خبر ڪين اٿم. سچ سان اَسان مان ڪو ڪين چئي سگهندو ته مان بي خبر آهيان. صبوح جو اُٿون ٿا: پهرين ته سڀِي اَخبار پڙهون ٿا. سڀ خبرون چڱيءَ طرح سان پڙهِي پوءِ ٻيو ڪم ڪار ڪريون ٿا. جي هن راهه ۾ هلون ته بي خبر رهون.

جعفر درويش هو. ١٢ سال پنهنجي مُرشد سان رهيو، پر پنهنجي مستيءَ ۾. هِڪ ڏينهن سندس گرو چويس ٿو- "جعفر پيارا! اَندر ڪوٺيءَ ۾ وڃ." جنهن ڪوٺيءَ ۾ گرو ۽ جعفر ٻئي گڏ رهندا هئا. چيائينس:- "اَندر ڪوٺيءَ ۾ وڃ. جاڙي تي فلاڻي شيءِ رکِي آهي، اُها ته کڻِي اَچ." پڇڻ لڳو:- "سائين! جاڙو ڪهڙي پاسي آهي؟" جاڙي جِي به خبر جعفر کي ڪونه هئِي. ١٢ سال گروءَ سان رهيو، پر بي خبر. اَسين ڪيڏيون نه خبرون رکون ٿا. پوءِ جيتريون خبرون رکون ٿا، اوترو اَسان جو مَن چنچل ٿئي ٿو. ايڪاگرتا اَچي ئِي نٿي.

اَلڻ فقير کي يوڳڪ شڪتيون هونديون هيون، جن لاءِ ڪيس ڏاڍو پيار هوندو هو. پوءِ سندس مُرشد چوي ٿو:- ”اَلڻ! هاڻي هلڻ جو وقت آيو آهي. سيٺي کي ڪوٺ: مان هاڻ هلان.“ تڏهن اَلڻ چوي ٿو:- ”تون هلندين ڪيئن؟ تون هلندين ته اَسان جي ڪير ڪندو؟ اَسين اُهالا ٿي ويندا سين. توکي وڃڻ نه ڏينداسين.“

پوءِ ڇا ڪيائين؟ پنهنجي مُرشد جي کَٽ جي چئن پاوَن تي لئيون ٻڌي منتر چيائين، جاپ ڪيائين ۽ چيائين هِن منتر جو مان جاپُ ڪندس. ٢٤ ڪلاڪ ڪال هنن ڪاٺين جي اَندر اَچي نه سگهندو. روز روز اِن منتر جو جاپ ڪندو هو. مُرشد ڏٺو ته وقت پرجي آيو آهي: هِن سان مان ڪئن پُڄان؟ هڪڙي ڏينهن چيائينس:- ”اَلڻ! هِي ڪم آهي، جو فقط تون ئي ڪري سگهندين. جيڪر تون وڃي هِي ڪم ڪرين.“ اَلڻ چيو:- ”سائين! مان حاضر آهيان.“ پوءِ وڃي ٿو اُن ڪم تي. ٢٤ ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت لڳي ٿو وڃيس. ٢٤ ڪلاڪن کان پوءِ مُرشد گذاري ويس. پوءِ ماڻهو ويو اَلڻ کي ڇتائڻ. اَلڻ واريون وسائيندو آيو. پوءِ اَچي هِي گيت ڳايو اَٿس:-

”اَللهه ڏاڍو آهي، رب ڏاڍو آهي،
متان ڪا سينو ساهي!“

اِنڪري پيارا! حجت جو رستو نه هلو: پر داس جو رستو هلو. چئو:- ”مان داس آهيان، تون منهنجو مالڪ آهين.“ کهڙو به ناتو پريوءَ سان رکي سگهو ٿا،- پاءُ جو ناتو، پيءُ جو ناتو، ماءُ جو ناتو. پريو اَسان جي ماتا به آهي ته پتا به آهي.

”تم مات پتا، هم بارڪ تيري!“

"خادم آهيان ٻي ڪين، تنهنجي در جو آ خدا!"

اسين ڪملين نه خدمت رکون ٿا. جن سان انسان جو
و واسطو نه ٿئي. جو نه رکون! ڪنهن جي مدد ڪري
ڪون نه ٻنهي ڪم ڏيون. ڪنهن جي ٿورا ڪري سگهون
يا ڪم ڏيون. ٻه ڪملين نه خدمت آهي جي اسين رکون
دن جي ضرورت نه ڪئي آهي.

جڏهن ٻيوءَ جا ٻار هو. ٻه ڏينهن ۾ وڃو. ڏينهن ۾ آهي
ن ويچار ڪيس منهنجو نه فلاڻي ماڻهو ملو موڪلي ٻار
و آهي، تنهن جو جواب مون ڪي ڏنهن ڪان ڏنو آهي ڪٿان
ي. خادم ڏيان مان آئيو. ٻنهنجي ملو ڪي خط لکيائين
جي منهنجو ٻار ته ڏاڍهن ٻچارڙو جو آهي. اڳي ڪيترا
ڪري مون ڪي ٻار نه آيو. موڪلي ڏيان ۾ موڪليو اٿي.
نهنجي ايڪاگرتا ٿي ٿي ٿيو. موڪلي تنهنجا ٻار ڪين ڪٿين
، اسين ايڪاگرتا ورتيءَ ۾ ويون. جڏهن ٿي خدمت رکون ٻنهنجي
ولد جي، ٻنهنجي خدا جي. جي نه اسين سڄو ڏينهن اِن
وءَ جي ويچار ۾ گذاريون ته جيڪو وقت ڏينهن ۾ وهنداسين،
ڪاگرتا ايندي. ٻه سڄو ڏينهن ڪيئن، اسين ڪٿان ٿا گذاريون؟
ڪلاڪ وڃون ٿا ڏينهن ۾، ساڍا ٢٢ ڪلاڪ ڪٿي ٿا لڳي.
ي ان ٻاڪندڙ مون کي جونداسين ته باقي اڌ ڪلاڪ ڪون
ي ايڪاگر ٿي؟ ڪٿان ايندو؟ ساڍا ٢٢ ڪلاڪ هرڪوسينس
ڪل ۾، ڪهڙي ۾، چڪر هلي ٿي. اڌ ڪلاڪ جونداسينس
ون سڌو ٿي ويهه ڪٿان وهندو؟

"خادم آهيان ٻي ڪين تنهنجي در جو آ خدا!"

ايڪاگرتا رکڻ: خادم ٿيون، تماشا ڏيون، ڪم ڪين

اِهي خبرون ئي اَسان کي مُنجهائين ٿيون. جڏهن سانت ۾ ويهون ٿا ته اِهي خبرون اَچي ٿيون اَسان جي مَن کي چنچل ڪن. شل اَسين رهون ٿي بي خبر!

"خادم آهيان بي خبر، تنهنجي در جو آءِ خدا!"

جيترو بي خبر رهون ٿا، اوترو اَسان جي وِرتي ايڪاگر ٿئي ٿي. هِن راهه ۾ ايڪاگرتا کپي. ٻيو ڪجهه ڪين کپي. اَسان جو مَن هِن وقت پيو ٽِپ ڏئي. هِڪ ڪِن ٻه هڪ هنڌ نٽو ٽِڪي ويهي. اِهو مَن جي ايڪاگر ٿي وڃي ته اَسان جو ناتو (connection) ٺهي وڃي. ڪٿي نه ذري ايڪاگرتا ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي ته اَسان جو ناتو (connection) نٽو ٿئي. اِن ناتو (connection) جُڙي ٿو جڏهن ايڪاگرتا اَچي ٿي. جئن مئڪروفون آهي: جي ذري ٻه تار ٽُٽي پوي ته آواز نڪرندو ڪونه. روحاني زندگيءَ لئه ايڪاگرتا جي ڪيڏي نه ضرورت آهي!

اَرجن بابت چوندا آهن ته دروپديءَ جو جڏهن سُويمبر ٿئي ٿو ته وڻ ۾ اِڪ پڃرو رکن ٿا. پڃري ۾ طوطو: طوطي جي اَکه کي چٽٽو هو. ڪيترائي پنهنجا ڀاڳ ڪٽِي آيا ته اَسين چئيون. پوءِ دروڻا چاريه هڪ هڪ کان پڇيو:- "تون ڇا ٿو ڏسين؟" تلاءُ هو: وڻ جي هيٺان تلاءُ ۾ پاڇو ڏسي اُن کي چٽٽو هو. پوءِ ڪِن چيو ته اَسين وڻ ڏسون ٿا: وڻ ۾ پڃرو. پڃري ۾ طوطو. تلاءُ ڏسون ٿا. ڪِن چيو ته اَسين رڳو پڃرو ڏسون ٿا. ڪِن چيو ته اَسين رڳو طوطو ڏسون ٿا. پر هِڪ اَرجن ئي هو جنهن چيو ته مان فقط طوطي جي اکه ڏسان ٿو، ٻيو ڪجهه ڪين ٿو ڏسان. پوءِ تير چِٽيائين ۽ اُهو سڦل ويو. اِن لئه اَسان کي ايڪاگرتا کپي.

چيائين:- ”ڪنهن وقت به سڏ ڪريان ته يڪدم اِينديں؟“ چيائين:- ”ها، سائين! اِيندس.“ سچو وقت پيو نهاريندو هو. ڏينهن پٺيان ڏينهن گذريندا ويا. هفتا گذري ويا. مهنا گذري ويا. هي روز پيو ٻاڏائيندو هو:- ”اَچا ڪڏهن؟ اَچان ڪڏهن؟“ هڪ ڏينهن صبوح جو ڇهين بجي گروءَ سڏ ڪيس:- ”طوطارام! طوطارام!“ طوطارام آواز ٻُڌو. چيائينس:- ”هل ته هلون. اَڄ ڏينهن آيو آهي. اَڄ حڪم ٿيو آهي. جي هلين ته درشن ڪرين.“ طوطارام اُٿيو ته سندس زال پڇيو:- ”ڪيڏي ٿو وڃين؟“ چيائينس:- ”وڃان ٿو گروءَ سان.“ سندس زال چيو:- ”گروءَ سان ته پِل وڃ: پر مونکي ٻُخار جا ٻَٽ اَٿيئي.“ ٿرماميٽر وڌائين ته ڏٺائين ١٠٤ ٻُخار اَٿس. زال کي ڪئن ڇڏي؟ گروءَ کي چيائين:- ”اَڄ ته نٿو هلي سگهان، ڇو ته زال کي ١٠٤ ٻخار آهي. “گروءَ چيس:- ”بابا، زال جي پل ويٺو تون سنڀال لهه!“ هِن طوطارام سمجهيو ڪين، ڇو ته ٻه مالڪ هئس. هِڪ زال، ٻيو گروُ. گرو چويس ته ”هل“: زال چويس ته ”ويهه.“ ڪنهن کي مڃي؟

You cannot serve two masters. You can serve only one.

بي خبر ٿيون، - شل اِهو هِڪ سبق سکون! اَهڙو بي خبر ٿيون، جو خبر ئي نه پوي ته ڇا پيو وَهي.

”خادم آهيان بي خبر، تنهنجي در جو اٰء خدا!“

هڪ رستو بي خبر رهڻ جو آهي ته پنهنجي سُواسن تي concentrate ڪريو. سواس ته اَسان سان هميشه آهن. پنهنجي ويچار ۾، پنهنجي خيال، پنهنجي خُمار ۾ رهون!

”نام خُماري نانڪا، چڙهِي رهيءَ ڏِن رات.“

پريو! تون مون کي پنهنجو خادم ڪري رک ۽ بي خبر

ٿيون. پريو! مان اِڪ تنهنجو داس آهيان. تون قبول ڪر!

"خادم آهيان بي خبر، تنهنجي در جو اَءِ خدا!"

تنهنجي در جو خادم. دنيا جي در جو خادم نہ. اَسان مان ڪيترا دنيا جي در جا وڃي ٿا خادم ٿيون. ٿورو مزو، سواد ملي ٿو، اِندرين کي خوشي ٿي ٿئي. اِن ڪري اَسين وڃي ٿا خادم ٿيون دنيا جي در تي. منهنجا پيارا! دنيا جي در جو نہ ٿيءُ، خدا جي در جو، واهگروءَ جي در جو، پريوءَ جي در جو ٿيءُ، جوئي اَسان مان هِڪ هِڪ جو مالڪ آهي. ٿوري پئسي واسطي، ٿوري مان شان واسطي، دنيا جي در جا وڃي ٿا خادم ٿيون. پر ملندو يا جڳہ يا جڳديشور.

سوال:- تنهن جي معنيٰ تہ جڳہ کان مُنهن موڙجي؟

دادا:- مُنهن موڙجي اِن sense ۾ تہ موهہ نہ رکجي. پنهنجو ڪم ڪار ڪجي، پنهنجو فرض پالن ڪجي. جيستائين اُها اَوستا اَچي ٿي، جڏهن فرض اَسان کي ڇڏي ٿو وڃي. وقت اَچي ٿو. پوءِ ضرورت ڪين آهي. You cannot serve two masters

هڪ سنپرڪ چيو آهي تہ ٻن مالڪن جي توهين شيوا ڪري ڪونہ سگهندا. پڇائونس:- "ڇو؟" چيائين:- "وقت ايندو جڏهن هِڪ مالڪ چوندو هِن پاسي وڃ، ٻيو مالڪ چوندو هُن پاسي وڃ." توهين مُنجهي پوندا. اِن ڪري يا دنيا قبوليو يا پنهنجي دلبر کي قبوليو. پريوءَ کي قبوليو: پوءِ اُن هڪ مالڪ جي حڪم ۾ رهندا.

هِڪ ماڻهوءَ بابت ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڏاڍو پنهنجي گروءَ کي ٻاڏائيندو هو تہ "مونکي ملاءِ محبوبن سان، پريتم سان ملاءِ!" گروءَ چيس:- "تيار آهين؟" چيائين:- "تيار آهيان."

(٦٣)

ڳُهرو ڳُهرو!

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

"آنءُ تہ آهيان اُن جي هٿن ۾:
پوءِ چنتا ڪهڙي جي وڃان ڪَپَن ۾؟"

مان تہ آهيان اُن جي هٿن ۾: پوءِ مون کي ڪهڙي
چنتا؟ جتي بہ چون، اسين تيار آهيون. پريو تہ هرهنڌ آهي.
پوءِ جت بہ پيارو پريو رکي، اُت چونہ ڊپ بنا، چنتا بنا رهون!

God is everywhere! Without fear, without anxiety without any worry, we go wherever we are called.

"آنءُ تہ آهيان اُن جي هٿن ۾:
پوءِ چنتا ڪهڙي جي وڃان ڪپن ۾!"

"دين بندو دينا نات!
ميري ڏوري تيري هات!"

ڪَپَن ۾ ڪيئن؟ دادل شاہ تہ چيو:-

"آنءُ تہ آهيان اُن جي هٿن ۾:
پوءِ چنتا ڪهڙي جي رهان ڪکن ۾!"

ڪکن ۾ معنيٰ غريبي (poverty) ۾. يل ڪکن جي جهوپڙيءَ
رهان. مون کي چنتا ڪهڙي، جو تہ مان آهيان اُن جي

بناءِ!

هِڪ پيرِ بابت ڳالهه ڪندا آهن ته اُن کي چوائي موڪليائون ته تنهنجي پٽيءَ کي اوچتو تڪليف ٿي آهي. ڪيس اِسپتال ۾ کڻائي ويا آهن. هيءَ وڃي ٿي: رستي تي هڪ هنڌ هِڪ پڳت ويٺي مالها ڦيري. هيءَ لنگهي پيئي ته هِن سڏيس. چيائينس:- ”پيرِ! رئو مٿي تان لهي ويو اٿيئي.“ تڏهن هِن پيرِ چيس:- ”مان ته پٽيءَ جي ڌيان ۾ ايترو محوُ هئس، جو مونکي خبر ئي ڪونه پيئي ته منهنجو رئو مٿي تان لهي ويو آهي: پر تون، جو ويٺو مالڪ جو ڌيان ڪرين، توکي ڪئن خبر پيئي ته منهنجو رئو هيٺ ٿي پيو آهي؟“ پيارا! بي خبر ٿيو ته گُم رهو هِڪ خيال ۾، هِڪ خُمار ۾!

”خادم آهيان بي خبر، تنهنجي در جو اَءِ خدا!“

[مدراس: ٢٢.١٢.٨٣]

be added unto you.

راجا کي ٽي راڻيون هيون. راجا ويو ڏيساورن ۾. سندس متر هئا کي ٻيا راجائون، اُنهن سان ملڻ ويو. پنهنجا جهاز ڪٽي ويو. پنج ڇهه مهنا گشت ڪيائين. ٽنهي راڻين کي چوائي موڪليائين ته هاڻي مان موٽان ٿو. توهان کي جيڪي جيڪي کپي، سو مونکي لکي موڪليو ته مان توهان جي لاءِ هتان وٺي اَچان. وڏي راڻيءَ وڏي لسٽ لکي. وچين راڻيءَ وچين لسٽ لکي. ننڍيَ راڻيءَ فقط هڪ ننڍي چٺڪي ڪٽي اُن تي one figure وجهي موڪليائين. راجا کي ٽيئي لسٽون پهتيون. پهرين راڻيءَ جي لسٽ پڙهيائين. ماڻهن کي چيائين ته هڪ هڪ شيءِ تمام سنڀال سان وٺجو. جي هڪ ئي شيءِ ڪٽي ته راڻي ٻين ڳالهين جو ويچار نه ڪندي، پر سڄو وقت پيئي مونکي ٽنبيندي ته تو هيءَ شيءِ ڪونه آندي. ٻي وچين راڻيءَ جي لسٽ ٿوري ننڍي هئي، پر وڏي راڻيءَ کان اُچيون شيون لکيون هئائين. پر راجا لاءِ ڳالهه ساڳي. جهڙيون اُچيون، تهڙيون ساديون. ماڻهن کي چيائين ته هن لسٽ جون به سڀ شيون سنڀال سان وٺي اَچجو. ٽينءَ جو لفافو کوليائين ته اُت لڳو پيو هو هڪ. هيڏانهن پيو ڏسي، پنيان پيو نهاري: لفافو اَندران پيو کولي ڏسي: لسٽ ڪٿي آهي؟ هن کي کپي ڇا؟ پوءِ پنهنجي وڏي وزير کي ڪوٺيائين. چيائين:- ”هن جو دماغ ته ڪونه ڦري ويو آهي. مون ڇيومانس ته لسٽ لکي موڪل، جيڪي شيون توکي کپن. هن رڳو هيءَ چٺڪي ڏني آهي، جنهن تي رڳو هڪ لکيو پيو آهي.“ تڏهن وڏي وزير چيس ته ”راجن! هن جو دماغ ڪين ڦري ويو آهي. هن ۾ وڏي معنيٰ اَٿيئي.“ پڇيائين:-

هئن ۾. جنهن حال ۾ مون کي رکي، اُهو ئي منهنجي لاءِ
ڀلو آهي.

It is the attitude that matters more than the fact.

ڪيترا ماڻهو محلات ۾ رهيا پيا آهن، پر دکي، جئن
اَڄ Royal Princess ڏئوسين. ڪيترا نہ اُن ۾ چڙهيل هئا: پر
ڪيترن جي دل ۾ دکہ. سکہ ڪين آهي. ڏسڻ ۾ اَچن پيا
سُکي: پر اَفسوس! چت جي شانتي ڪين اَٿن. اَڄ ڪلهہ جي
حياتي بيشڪ تکي تيز رفتار ۾ پيئي هلي، پر اَفسوس! اَندر
جو آنند آهي ڪين.

تنهن ڏينهن مونکي هڪ ڀيڻ گڏي. چيائين:- سڀ ڪجهہ
اَٿم: پر دل جي اَندر satisfaction ڪونهي. مونکي پتي آهي،
جو مونکي پيار ڪري. ڪيتروئي چيائين، پر تنهن هوندي بہ
satisfaction آهي ڪونہ. مان پيئي سمجهان تہ منهنجي جيون اَجائي
پيئي وڃي ۽ اِها satisfaction اَچي ٿي جڏهين اَسين پاڻ کي
سمورو اَرپڻ ڪريون ٿا.

We surrender ourselves completely.

شري اِيشا چيو نہ:- ”صبوح جو مونکي ڪجهہ آهي ڪين:
۽ نہ رات جو مون وٽ ڪجهہ آهي: تہ بہ مان سڀني کان وڌيڪ
سُکي آهيان، آنند ۾ آهيان!“

Nothing in the morn have I and nothing do I have at night:

yet there is none on earth happier than I

شري اِيشا وڌيڪ چيو تہ ڀهرين پرڀوءَ جو راڄ ڳوليو:
باقي سڀ اَوهان کي پاڻيهي ملندو.

Seek ye first the Kingdom of God and all these things shall

Seek ye first the Kingdom of God.

اَسين ڳوليون ٿا دنيا. هيءَ شيءِ کپي، هوءَ شيءِ کپي. اَسان جو ڌيان شين ڏي ٿو وڃي. پريوءَ ڏي ڌيان نٿو وڃي. پر شين جو مالڪ، ڪُل مالڪ تہ آهي پريو! "پريو! مون کي تہ کپين تون!"

I need Thee, O Lord! I need nothing besides Thee,- neither pleasures nor possessions, nor power: but I need Thee, Beloved!

اِها پڪار جڏهين اَچي ٿي اَسان جي اَندر مان؛ اکرن ۾ چوڻ سؤلو آهي، پر جڏهين اَندر مان اَچي. پريو تہ اَنترياميِ آهي. اَندر ويٺو آهي. کيس خبر پوي ٿِي، اَسان جي ياونا کهڙي آهي. ۽ جڏهين کيس پڪ ٿئي ٿي تہ اَسان کي کپي هڪ پريو تہ ڊوڙندو اَچي ٿو ۽ اَچِي اُن پياسيءَ کي ملي ٿو.

God comes and reveals Himself to us.

اُهو پريو، جنهن کي ويد نہ پهچي سگهيا آهن، بي اَنت! بي اَنت! اُهو بي اَنت پاڻ اَچي اُن کي ملي ٿو، جنهن جي دل ۾ گهرج آهي.

Create the need for God.

اِنڪري، پيارا! اِها گهرج پيدا ڪريو. جئن اَسان کي ٻاهر جي بي آرامي آهي، تئن اَندر جي بہ هڪ بي آرامي اَٿو، - The Divine restlessness.

God comes and fills that vacuum. What a wonderful state that must be!

پوءِ پيارو پريو اَچِي اِهو اَندر جو خال(vacuum) پري ٿو.

”ڪهڙي معنيٰ آهي؟“ وزير چيو ته ”هيءَ راڻي چوڻ ٿي چاهي ته مونکي ڪپي هڪ. مونکي ڪپين تون! شيءِ شڪل ڪجھ به مونکي ڪونه ڪپي. مونکي ڪپين هڪ تون ئي تون!“ اُن ڏينهن کان راجا جا پيرئي ٽپي پيا. ڇيائين، هاٿي ڪيئن به موٽان. ٽڪڙو ئي ٽڪڙو موٽيو. بندر تي جهاز پهتو. بندر تان وڏي راڻيءَ جي جيڪا لسٽ هئي، سا پرائي ماڻهن کي ڇيائين ته وڃي وڏي راڻيءَ جي محلات ۾ پهچايو. وچين راڻيءَ جون جيڪي شيون هيون، سي اُن کي موڪليائين. هڪ هڪ راڻيءَ کي پنهنجو محلات ڏيندو آهي. پاڻ ڇا ڪيائين، جو باقي جيڪي به شيون هيون، سي پاڻ سان کڻي ننڍي راڻيءَ وٽ آيو. هن ويچاريءَ ته شيون گهريون ڪونه، پر ته به ري گهريو هن کي الائي ڇا ڇا نه ملي ويو. سڀ ڪجھ، جيڪي به راجا آندو هو.

هفتو گذريو، ٻه هفتا گذريا، ٽي هفتا گذريا: ٻُو جيڪي ٻه راڻيون، وڏي راڻي ۽ وچين راڻي، راجا کي چوائي موڪليائون ته راجن! اسان کان جي ڪا ڀُل چوڪ ٿي هجي ته بخشو. توهين اسان وٽ آيا ئي ڪين آهيو. هيڏا گشت ڪري موٽي آيا آهيو، توهان پنهنجو مکڙوئي اسان کي ڪين ڏيکاريو آهي. هنن کي راجا چوائي موڪليو ته جيڪي توهان گهريو، سو توهان کي موڪليو اٿم. توهان جيڪا لسٽ موڪلي، سا هڪ هڪ شيءَ خبرداريءَ سان توهان کي موڪلي اٿم. هن راڻيءَ گهريو رڳو هڪ: سو مان اِنڪري هتي ئي ٽڪي پيو آهيان. جنهن کي اِهو هڪ ڪپي، اُن کي هڪ سان گڏ بيشڪ سڀ ڪجھ ملي ٿو، ڇو ته سڀ هڪ جوئي آهي.

...، ٻه تمامي ٻهاريون وسيلا: اِن ٻولس دو مانهن جيڪو
...ي انهيءَ ٻولس لاءِ ڪندا.
إتي ٻولي مان ڪي ڳالهيون ڇوڪرن، انهن ٻولس آهي.
...ي انهن لوڪن ٿي، مون چيو: "ڀڪتي، ستڪ ڪي نه ٻولس
..." ٻوءِ ڪلام ڇوڪريون: "ساهسي اسو ٻهلاڻي زال ڪي
...ئي آهي هيون هو هاڻ، موکي ٻولس آهي تہ ساهلام
...ي مون ڪي جيڪو آهو هار ولي ٿي. ساهلاڪ تہ نشاني
...ي ٻولس آهي، ٻه ٻولس آهي، ٻولام! اِتي ٿو واسطي!
...ي آسون ٻوءِ جي حاضري هر وقت ٻهلائي جهون ۾
...

We should practise the presence of God!

ڏسان ٿي، آهيس ۾ ويٺا آهيون: دل ۾ چاهيون: "ٻريا!
...هيو!" هڪڙي ڪرسي ٻهلائي ٻرسان رکي ڇاڻيون. "ٻريا!
...ٻهلائي لاءِ ڪرسي آهي. تون ويٺو هڪڙڪڻو." مان ڪم
...ي لاءِ وڃي ٻيو تو ڏانهن نهارينديس. تون ويٺو هڪڙڪڻو.
...والدو ۽ انهن ڪمرو مان اندر ۾ هڪ لورش آئي ٿي.
مان ڪلاس ۾ ٻڌائيندو هوس. ٻوءِ سڪيلن ٿي سمجهائيندو هوس.
...جي آڳيان هڪ ڪرسي رکي چليندو هوس. اندر ۾
...هوس، ٻوءِ چوندو هوس: "ٻريا! مان تہ وڃان ٿو اندر
...ي تہ شيهندو ڪونہ آهين. تون هتي ڪرسيءَ تي ويٺو
...ي! ڪنهن وقت ۽ مون رات جو ٻاسو وراڻ، مان لسندس
...ي ويٺو آهين!" اهڙي ساڻهوءَ کي جيئنو ڪري ڪوليندا
...ٻارا! آهڙا چريٽي چاهيا آهي.

But it creates that bhavana in the heart.

اُن وقت اَندر جي حالت کهڙي نہ عجيب ٿئي ٿي! اُن جو ذکر اکرن ۾ کري سگهجي ڪين.

سنت رامڪرشن کان پڇائون تہ تون پياس، سڪ، اُڪير، عشق جون ڳالهيون پيو ڪرين. اَسان کي ٻڌاءِ تہ اِها پياس اَسين ڪيئن پيدا ڪريون؟ چيائين، اُها پياس توهين پيدا ڪريو، جا پياس موذيءَ کي آهي سون واسطي. The longing of the miser for gold ڪنجوس اُتندي وهندي پيو سون جا سپنا لهندو آهي. هِن لاءِ سڀ ڪجهہ آهي سَون. زال ٻارن ڏي ڌيان ڪونہ ڏيندو: ٻين ڳالهين کي ڌيان ڪونہ ڏيندو، پر هن کي کپي سون. جيئن even as the miser longs for gold, even as the lover for his beloved عاشق پنهنجي معشوق لاءِ سڄو وقت پيو تڙڦندو. ويٺو هوندو آفيس ۾، تہ بہ ڌيان سڄو وقت پيو معشوق ڏي ويندس. نهاريندو پيو تہ ڪڏهين ٿا پنج لڳن تہ مان واندو ٿي هلي پنهنجي معشوق کي ملان. سنت رامڪرشن چوي ٿو تہ اَهڙي پياس پنهنجي اَندر پريوءَ لاءِ اُٿاريو.

ٽن قسمن جي پياس آهي:-

(1) Of a miser for gold, (2) Of a lover for the beloved, (3) Of the child for its mother whom it has lost somewhere.

بالڪ آهي: اَلائي ڪيئن ماءُ کان جدا ٿي ويو آهي. ميلي تي ويو هو. گهڻو گوڙ هو. اِن گوڙ ۾ هوُ ماءُ کان ڇڄي ڌار ٿي ويو آهي. ويچارو پيو روئي. هن کي آرام اِيندو ڪين: پيو پڪاريندو:- ”منهنجي اَمي مونکي کپي.“ سنت رامڪرشن چوي ٿو:- ”اِها پياس توهين وڌايو.“ اَسان کي پياس جو آزمودو

(٦٤)

صدق جا سپاهِي ٿيو

دادا:- منو وچن نُوري گرنٿ منجهان مليو هن طرح:-
”شڪرانا شاه اَء تنهنجَا! شڪر آهي شڪر تنهنجو!“

Blessed is the person on whose lips always are these words:- 'Gratitude to Thee, O Lord!'

جنهن جي چپن تي اِهو هڪ اکر شڪرانا آهي، جنهن ہر حالت ۾ هُو هجي،- دک ۾ هجي، سک ۾ هجي، سندس ساک ٿئي، سندس نندا ٿئي، ڏنڌي ۾ فائدو ٿئي، ڏنڌي ۾ نقصان ٿئي،- هميشه سندس چپن تي آهي اِهو هڪ اکر،- شڪر! شڪر! اُهو سڀاڳو! اِهي اکر فقط اکر ڪين آهن، پر پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جي جِيون جي ساکِي آهن. توهان مان گهڻن کي شايد خبر نہ هجي، پڇاڙيءَ جا ڇهہ سال ساڌو واسوانيءَ سرير جو ڪيڏو نہ ڪشٽ، ڪيڏو نہ سُور ڏٺو. اُنِي کين سگهندا هئا، پاسو وَرائي ڪين سگهندا هئا، ننڊ لاڳيتي هڪ وقت ١٥-٢٠ منٽن کان مٿي نہ ڪري سگهندا هئا. ١٥ منٽ کين ننڊ اِيندي هئي، ٽنگ ۾ اَچي twitch پوندي هئي، يڪدم جاڳہ ٿِي پوندِي هئي. پر سندن چپن تي يا اکر هوندو هو

پريو تہ هرهنڌ حاضر ناظر آهي. چوويهہ ئي ڪلاڪ اسان سان آهي. رڳو هن کي سڏڻو آهي.

منهنجا پيارا! اِها پياس گهري وٺو. گُهرندا تہ توهان کي ملندي ضرور ضرور! گروجن چون ٿا:-

”مانگڻ دان، ناڪر نام!“

ناڪر ڪان، پريوءَ ڪان، منڙي گرديو ڪان، اِها سڪ، اِها پياس، اِها اَندر جي اُڪير نام لاءِ گُهري وٺو! هرهڪ شئي پريوءَ وٽان بخشيش ٿي اسان کي ملي ٿي. اِنڪري گُهرو، گُهرو، ۽ اوهان کي ملندي ضرور، ضرور!

[سينٽ ٿامس: ۹۵.۳.۱۱]

اُهو اَچي مان کين پهچايان ٿو. پيو ڇا ڪپي؟ جيڪي اَسان ڪي آهي، اُن جي رکيا پيئي ٿئي؛ جيڪي ڪين اَٿئون ۽ گهرج اَٿئون جنهن جي، اَچي پاڻ ٿو اَسان کي ڏئي. وڌيڪ ڪپي ڇا اَسان کي؟ پر تنهن هوندي به ڏسو، اَسين ڪئن نه دنيا جي در تي پيا پِنڪون، ٻوڙون پايون ٿا، تڪليف ۾ اَچون ٿا، ڪا مصيبت اَچي ڪڙڪي ٿي، بيماريءَ ۾ ڦاسجي وڃون ٿا، ڪا به گهرج ٿئي ٿي، ڪئن نه ٻوڙون پايون ٿا، مٽن مائٽن وٽ وڃون ٿا. بئنڪن ۾ وڃون ٿا، ڊاڪٽرن وٽ وڃون ٿا، وڪيلن وٽ وڃون ٿا، ڪورٽن جا دروازا ڪڙڪايون ٿا، پرڀوءَ ڏي نٿا نهاريون. جنهن به نالي سان ڪيس ڪوٺيو، رام ڪري ڪوٺيوس، شيام ڪري ڪوٺيوس، شِو ڪري ڪوٺيوس، وشنو ڪري ڪوٺيوس، جيڪو به نالو توهين ڪوٺيوس، اَئو اُها هڪ شڪتي. پرم شڪتي هڪڙي آهي. روپ، نالا پِڻ پِڻ آهن.

He is the formless one, but for the sake of his devotees, he has worn many forms and visited this earth plane again and again. He in the nameless one: but the sages have called him by many names. All the names and all the forms belong to him, who in above all names and above all forms.

جنهن به نالي سان ڪوٺيوس، جنهن به روپ ۾ توهين وٽس وڃو، توهان وٽ اِيندو ۽ چوندو:- "مان ويٺو آهيان. توهين پين وٽ ڇو ٿا وڃو؟" عجب پيو لڳيس. ويٺو آهيان: رڳو اَچن: مان سندن ڪم پورو ڪريان. تنهن هوندي به مون وٽ اَچن ئي نٿا. ڪيڏيون ٻڪون ٻوڙون پائين ٿا.

”شڪر“ يا اکر هوندو هو ”واهگرو“. نہ هڪ ڏينهن، نہ ٻہ ڏينهن، نہ هڪ سال، پريا ڇهہ سال ١٩٦٠ کان وٺي ١٩٦٦ تائين شڪر! شڪر! ”شڪرانا شاهہ آءِ تنهنجا! شڪر آهي شڪر تنهنجو!“

*

مون کي يادگيري پوي ٿي، مان اَڄ ننڊ مان اُٿيس تہ مون کهڙا اَکر ٻڌا؟ اِهي اکر مان توهان وٽ کڻي آيو آهيان:-

”جنهن جو ڀروسو رام تي، تنهن جا ٻيڙا سدائين پار:
شرن پڪڙي جنهن شيام جي، تنهن جي شيام اَچي لهي سنڀار!“

وڌيڪ ڇا ڪهي؟ سندس اَنجام آهي. شريمد ڀڳوت گيتا جي ٩ اَڌياءَ: شلوڪ ٢٢ ۾ شري ڪرشن چيئو:-

”سچا يوگي سي جي ايڪاگر مون ۾،
ٿا چنتن منهنجو ڪن، مون کي ئي ٿا پوڄن،
يوگہ کيم جو بار، پدارٿ وٺڻ ۽ رکيا ڪرڻ،
آنءُ پاڻ تي رکان ٿو، نہ ٿا سي مُنجهن!“

شري ڪرشن اَنجام ڏئي ٿو. چوي ٿو، جيڪو مون تي ڀروسو رکي ٿو، جو منهنجي شرن پڪڙي ٿو، جو مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڏي نٿو نهاري، ٻئي ڪنهن وٽ ٻوڙ نٿو پائي، اُن جي يوگہ ۽ کيم جو بار مان پاڻ تي کڻان ٿو. ”نہ ٿا سي مُنجهن“ اِهي اکر آهن گيتا ۾. اُنهن کي مان ڪڏهن مُنجهڻ نٿو ڏيان. اُنهن جي يوگہ ۽ کيم جو بار مان پاڻ تي ٿو کڻان. يوگہ کيم جو بار ڇا آهي؟ يوگہ کيم آهي جيڪي اُنهن کي آهي، اُن جي مان سنڀال ٿو ڪريان، اُن جي مان رکيا ٿو ڪريان: جيڪي ڪين ڪين آهي، پر ڪين گهرجي،

”جنهن جو ڀروسو رام تي، تنهن جا ٻيڙا سدائين پار:
شرن پڪڙي جنهن شيام جي، تنهن جي شيام اَچي لهي سنڀار!“

جارج مُلر، توهان سندس نالو ٻُڌو آهي يا نہ. سندس جيون ڏاڍي عجيب هئي. هڪ وقت اَهڙو ماڻهو هوندو هو، جو لوڪ هُن کان پري ڀڄندا هئا. پوءِ پريوءَ جي ڪرپا ٿئي ٿي. رتناڪر چور، ڌاڪو، مهرشي والميڪي ٿي پوي ٿو. ساڳيءَ طرح جارج مُلر جي جيون ۾ ڦيرو اَچي وڃي ٿو. چوي ٿو، هاڻي باقي جيڪا مون کي جيون آهي، سا سمست اَرپڻ ڪريان ٿو پريوءَ جي چرنن ۾، دکي دنيا جي شيوا واسطي. اَناٿ آشرم کولي ٿو، هڪ نہ، پر ڪيترائي، جن ۾ هزارن جي تعداد ۾ روز اَناٿن جي شيوا ٿيندي هئي. پاڻ هڪ وڏي ۾ وڏو جيڪو اُناٿ آشرم هو، اُن ۾ رهندو هو.

هڪ ڏينهن وٽس رسويو اَچي ٿو: چويس ٿو:- سائين! اَن جو هڪ داڻو بہ ڪونهي. منجهند جو هتي هيترا سَوَ اَناٿ رهن ٿا، اُنهن کي ماني کارائڻي آهہ، پر اَن جو هڪ داڻو بہ ڪونهي.“ چوي ٿو:- ”پيارا! ٺيڪ آهہ. تو مون کي خبر ڏني آهہ. مان بہ خبر ڏيئي ٿو ڇڏيان. پوءِ سندس مرضي. اَسان جو ٿوروئي ڪم آهي. ڪم اُنهن جو ئي آهي.“ وڃي ٿو پنهنجي پرارٿنا جي ڪوليءَ ۾: وڃي پرارٿنا ڪري ٿو:- ”پريو! مون کي رسويو هيئن چئي ويو آهيئي تہ هڪ داڻو بہ اَن جو ڪونہ آهيئي. هاڻي ننگ توتي آهي. تون ترلوڪي ناٿ آهين! تون ڇا نہ ٿو ڪري سگهين!“ پريو ڇا نہ ٿو ڪري سگهي! What is impossible to man is possible with God!! ”ڪيا ناهين گهر تيري، ميري سائين! گهر تہ تيري سڀ ڪڇ هئہ،

يادگيري پويم ٿي، هڪ ڀيڻ روز ستسنگ ۾ ايندي هئي. اوچتو ئي اوچتو سندس گھوٽ کي دل جو دؤرو(heart attack) پيو. ڊاڪٽر اَچي ٿو. چوي ٿو، هن کي يڪدم ڪٽائي رُبي هال نرسنگ هوم ۾ داخل ڪريو. مان اُتي اَچان ٿو. ائمبيولنس ڪار اَچي ٿي. اُن ۾ هن کي وهارين ٿا. گھر جا ڀاتي پڻ چڙهن ٿا. وات تي آهي ساڌو واسواڻي مشن. هيءَ ستسنگياڻي پڻ اَئمبيولنس ڪار کي اُتي بيهاري ٿي. ماتا لهي پوي ٿي، جنهن جي گھوٽ کي تڪليف ٿي آهي. ٻارن کي چوي ٿي، توهين پتا کي اِسپتال ۾ ولي وڃو، مان پنهنجي ڊاڪٽر وٽان ٿي ٿي اَچان. ٻار چونس ٿا ته ڊاڪٽر چيو ته مان سڌو اِسپتال ۾ اِيندس. چيائين:- نه، نه. توهين چنتا نه ڪريو. مان پنهنجي ڊاڪٽر وٽان ٿيندي ٿي اَچان. لهي ٿي: پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي پوتر سماڌي آستان تي اَچي وهي ٿي. اُتي ويهي پڪاري ٿي، ٻاڪاري ٿي، ڳوڙها ڳاڙي ٿي، مِنٿون ڪري ٿي. هن ماتا کي خبر هئي ته "جنهن کي پروسو رام جو، تنهن جا ٻيڙا سدائين پار! جنهن شرن پڪڙي شيام جي، تنهن جي شيام اَچي لهي سنڀار!"

اَچي سنڀال لهي ٿو. توهين جيون ۾ ڪرامتون ڏسندا. توهين عجب ۾ پوندا. هڪڙي سرڪار اَٿو، جئن هتي جي هند سرڪار آهه. هند سرڪار گھٽيئي چوڪون ڪندي آهي. هند سرڪار ۾ گھڻوئيcorruption آهي. پر هڪ ٻي سرڪار اَٿو اُن ڪان مٿي. اُن سرڪار ۾ چوڪون ٿين ئي ڪين. اُن سرڪار ۾ رشوت نٿي ڪين .It is the government of angels اُن سرڪار کي پهچڻ واسطي صدق کپي.

جارج مُلر جي orphanage کي پهچايو. ٻارن جو تنهن
ڏينهن موڃون ڪيون، ڇا ته ڪاڏائون!

مون کي يادگيري ٿي ٿي، منهنجو مامو، تنهن کي
هوٽل هوندي هئي. جيڪو به ڪم ڪندو هو، تنهن ۾ نقصان
پائيندو هو. هوٽل ۾ نقصان ٿيڻ ڪري نيٺ هوٽل بند ڪيائين.
۽ جيڪي drinks جا ڪوڪا هئا، سي اسان جي گهر هليا آيا.
اسان کي موج لڳي ويئي. ٻار ايڏو خوش ٿيا، ڪين آلائي ڇا
جا ملي ويو.

”جنهن جو پروسو رام تي، تنهن جا پيڙا سدائين پار:
شرن پڪڙي جنهن شيام جي، تنهن جي شيام اچي لهي سنڀار!“

[دهلي: ١٠-٣-٩٥]

جس ڏيهہ سو پائي!" رڳو ڏيڻ جي دير آهہ. ۽ ڏئي ڪئن ٿو؟ "ديدا دي، لئدي ٿڪ پاهہ!" وجي پيو ڏيندو! ولندڙ ٿڪجي پوي. چوي:- "سائين! بس، بس، هاڻي وڌيڪ مون کي نہ گهرجي."

جارج مُلر پرارٿنا ڪري ٻاهر نڪري ٿو. منجهند جي مانيءَ جو وقت ٿيو. رسويو وري آيو:- "سائين!" چيائين:- "پيارا! تون چنتا نہ ڪر. اَسان وٽ جيڪي اَناٽ رهيا پيا آهن، تن کي قطار ۾ وهار. ڪين ٿالهيون ڏي. وٽيون بہ ڏي." هٿ ڌوئي اَچن. پرارٿنا ڪن:- "پريو! تنهنجي ڪيڏي نہ ڪرپا! تون ڪئن نہ ههڙو سٺو کاڌو پيو اَسان کي پهچائين!"

هي رسويو چوي ٿو:- "هي ديوانو تہ ڪين ٿيو آهہ. آهي کاڌي جو ذرو بہ ڪين. ۽ چوي ٿو تہ مان هنن کي ٿالهيون ڏيان، وٽيون ڏيان. هنن جا هٿ ڌئاريان. هنن کي چوان، توهين پرارٿنا ڪريو. آهي کاڌو ذرو بہ ڪونہ."

هوُ ٿالهيون ڏين ٿا، وٽيون ڏين ٿا، هٿ ڌوئن ٿا. دروازي تي کڙڪو ٿئي ٿو. دروازو کولين ٿا. ماڻهو آيو آهي. چوي ٿو تہ "گاڏيون مان رڌل کاڌي جون، جدا جدا قسمن جونdishes پرائي کڻي آيو آهيان." جارج مُلر کي عجب لڳو. عجب ڪونہ لڳس. ڪيس پڪ هئي، سڀ ٿيندو. پر چيائين هيتريون شيون اَچي وييون آهن: سبب ڪهڙو؟ پوءِ اُن ماڻهوءَ کان پڇا ڪري ٿو. وقت ڪين اَئم جو توهان کي ٻڌائي سگهان. پر ڪا ڳالهہ هئي. اُن ڏينهن وڏي شاهي پارٽي ٿيڻي هئي، جنهن لاءِ پري پري ڪولون وييون هيون. پر ڪجهہ ٿي پيو، جنهن ڪري پارٽي رد ڪئي ويئي. تہ مالڪن چيو، هيڏو کاڌو ڇا ڪنداسين؟ وجي

کي ڪوليائون "سيوا".

سُواڌيايہ جا ہ aspects آهن:- (١) هڪڙو آهي ست شاسترن جو اَڀياس. روز ڪنهن نہ ڪنهن شاستر مان ٿورو ڪي گهٽو ضرور پڙهو. پيو اُن جو اَثر ٿيندو. پيارو دادا چوندو هو:- ڪنهن نہ ڪنهن مهاپرش جو ڪونہ ڪو ويچار ڪڍو. شروعات ۾ پهرين پهرين اَسان کي ياد لڪائيندو هو. وڏو نوٽبڪ هوندو هو، اُن ۾ روز روز ڪنهن ستپرکہ جو ڪونہ ڪو ويچار چوندو هو تہ نوٽ ڪريو، اُن تي ويهي ڌيان ڪريو. اَهڙيءَ طرح گيتا مان، اُپنشدن مان، گرباڻيءَ مان، سکمني صاحب مان، شري جپ صاحب مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪڍو.

پيڇ:- دادا، سُواڌيايہ جي ٻي ٻہ ڪا معنيٰ آهي ڇا؟

دادا:- سُواڌيايہ جا ٻہ aspects آهن:- (١) هڪڙو روز ڪونہ ڪو ٻاڻيءَ مان شڀ ويچار ضرور ڪڍون ۽ اِهي ننڍڙا ننڍڙا ويچار پوري وقت تي ڏاڍو اَثر ڪن ٿا.

✓ دويندرناٿ ٽئگور بابت ڳالھ ڪندا آهن. ڪيس مهرشي ڪري ڪوليندا هئا. هڪ وقت ڏاڍي تڪليف ۾ اَچي پيو. سندس پتا راجا دوارڪانات هو. اُن کي راجا ڪري ڪوليندا هئا. خرچ ۾ ڏاڍو تکو هوندو هو. لنڊن ۾ ويو ۽ وڃي هوٽيل ۾ رهيو. سلڪ جون خميسون پائيندو هو. پوءِ هڪ واريءَ جي هن خميس پاتي تہ وري نہ پائيندو هو. اِئين نہ تہ ڌوٻيءَ کان ڌئاري ڪٽي پائي. اَصلَ نہ. اَسان جي ڦاٽي ويندي آهي تہ ٻہ پيا ٽوپا ڏيئي پائيندا آهيون. هن هڪ واريءَ سرير تان لاٿي تہ وري اُها نہ پائيندو هو. چون ٿا، هوٽيل جا سڀ bearers پيا هن جي پيٺان ڦرندا هئا تہ ڪنهن وقت ٿو هي اِشنان ڪري

(٦٥)

يهه هي گهڙي، يهه هي ويلا

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

”اَب پڇتاوت هوت ڪيا، جب چڙيا چُڳہ گئي کيت!“

چڙيا معنيٰ جهرڪيون. جڏهن جهرڪيون کيت کي کائي ويئيون، هينئر پڇتائي ڇا ڪنداسين؟ وقت هو جڏهن پڇتايون ها. اُهو وجهہ اَسان کي هينئر آهي. پڇتائڻ اکر جي literal meaning آهي to turn back. هينئر اَسين پريوءَ کان پري ٿي ويا آهيون. هاڻ موٽون.

”اَب پڇتاوت هوت ڪيا، جب چڙيا چُڳہ گئي کيت!“

جڏهن وقت هو، تڏهن توهان پڇتايو ڪونہ: هاڻي پيا پڇتايو. چوندا آهن نہ:-

”جب کُلي ٿي بزار، تب سوُدا نا ڪيتو ئي:

اَب هُئي هڻ هَٽتار، تَب سوُدا ياد پيو ئي!“

اِهو سوُدو ڇا آهي؟ اِهو پڇتائڻ ڇا آهي؟ اِن ڪري سنپرڪن چيو تہ ٽي ڳالهيون ضرور ڪريو:- ”هڪ کي ڪوليائون ”سُوادياپہ“، (٢) ٻئي کي ڪوليائون ”ستسنگ“ ۽ (٣) ٽئين

هو ١١ آني يا ١٢ آني سير. هن جي پورائپ ٿيندي هئي. پنهنجو سڄو وقت سيوا ۾ گذاريندو هو. چوندو هو، مان اُجرو ولندس ڪونه. هڪ ڏينهن پنهي پائرن جي وچ ۾ ڪا غلط فهمي ٿي. هن پاءُ چيو ته ”مان اڳتي توکي ڪونه موڪليندس. وڃي بکه مَر. جئن وڻيئي، تئن ڪر.“ هي ويچارو ڏاڍي تڪليف ۾ اَچي ويو. ڪي اَخبارون برخلاف لکڻ لڳيون. هميشهه ڪو چڱو ڪم ڪندو آهي ته پوءِ شروع ۾ اُن کي منهن ڏيڻو پوندو آهه. ڏاڍي دکه ۾ هو.

هڪ ڏينهن پاڻ کان پڇڻ لڳو ته مان برابر راه تي هلي رهيو آهيان يا نه؟ اِئين ته ڪونهي ته جيڪي هي ماڻهو چون ٿا، سو سچ آهي ۽ مان برابر راه تي نه هلي رهيو آهيان. منهنجي پاءُ منهنجو allowance بند ڪري ڇڏيو آهي. هينئر مون کي کائڻ لاءِ ڪجهه ڪونهي. منهنجي حالت ڪهڙي ٿيندي؟ اِهي ويچار هن جي من ۾ اَچڻ لڳا. پنهنجي ڪمري ۾ اَچ وڃ ڪيائين. اوچتو سندس نظر وڃي سامهون هڪ ڪتاب تي پيئي. اِئين ئي ڪري کولي ٿو. اُن ۾ لکيل آهي گيتا جو هڪ شلوڪ، جنهن ۾ شري ڪرشن اَرجن کي چوي ٿو:- ”اَرجن! ڪرم ڪرڻ جو توکي حق آهي، پر ڪرم جي ڦل وٺڻ جو توکي حق ڪونهي. ڪرم توکي ڪئڻ به ڪرڻو آهي، پر اُن جو ڦل ڪهڙو نڪري، اُن جو حق توکي ڪونهي.“

اِهي ٽورا اَکر پڙهيائين، سندس دل ۾ عجيب بهادري اَچي ويئي. چيائين:- ”منهنجو ڪم آهي مان ڪم ڪريان: ڦل جو ويچار مان ڇو ڪريان؟ پاڻيهي پيو پريو اُن جي سنڀال لهندو.“ چيائين:- ”اِهو مان نه پڙهان ها ته شايد اَلائي مون کي

۽ هيءِ سلڪ جي شرت چڙهي ته اَسين ڪٽون. ڏاڍو خرچ ۾ تڪو هوندو هو. نتيجو ڪهڙو ٿيو، جڏهن گذاري ويو، تڏهن جام قرض چڙهي ويو. ٻنهي الاهي هوندڙيون هئس، وڏيون زمينون، assesis تمام ٿورا، جوابداريون ڏاڍيون گهٽيون. پر هن مهرشي دويندرناٿ چيو ته مان هڪ هڪ پائي پري ڏيندس. توهين مون کي رڳو وقت ڏيو، مان محنت ڪري توهان کي هڪ هڪ پائي واپس ڏيندس. ۽ سچ پچ هڪ هڪ پائي وياج سميت ڏنائين. ٻنيون وڏيون هئن. چيائين رڳو پوکه ڪجي ته گهٽو ئي اُن مان نڪرندو. ڇا آهي جو ٻنيءَ مان نه نڪري. ٻنيءَ مان سون نڪرندو آهي.

هڪ ڏينهن هي ڏاڍي تڪليف ۾ اَچي ويو ۽ ايڏي دکه ۾ هو جو ويچار پئي ڪيائين ته مان جيڪر آپگهات ڪريان. رستي تان ويو پئي. هڪ ننڍي چٽڪي ٻني جي قاتل اَچي سندس تريءَ تي پيئي. ڪٽي ڏسي ته لکيل هو:- ”ايشا واسيم سروم اِدم!“ اِن جي معنيٰ آهي ته سڀ ايشور جو وستر اَٿيئي، ايشور اِن روپ ۾ تو وٽ اَچي ٿو. چيائين، تڏهن هيءَ تڪليف، هيءَ مشڪلات به ته ايشور جو روپ آهي. ايشور اِهو وستر پائي مون وٽ آيو آهي. مان پيو چوان، مان آپگهات ڪريان. اُن وقت ڪان چوي ٿو، منهنجي جيون ۾ اِڪ نئون ورق وري ويو.

مهاتما هنسراج، آريه سماج جو ليڊر هو. ڪيس مهاتما ڪري سڏيندا هئا. پر عجيب اِنسان هوندو هو. اِڪ نيڪ اِنسان. هن کي هن جو پاءُ پنجاهه، سٺ رپيا مهني سر مهني موڪليندو هو. تن ڏينهن جا پنجاهه سٺ رپيا ڏاڍي وڏي ڳالهه هوندي هئي. تن ڏينهن ۾ ڪڻڪ هوندي هئي ١٤ آني مڻ. گيهه سچو هوندو

سرير. هي آهي اسٿول سرير، جيڪو اَسين ڏسون ٿا. هن جي اَندر آهي سوڪيم سرير. سوڪيم سرير جو نواس آهي هرديہ چڪر ۾. آڱوٺي جيڏو آهي سوڪيم سرير. آڱوٺي کان وڏو ڪونہ آهہ. پر اِن آڱوٺي جي اَندر جنم جنم ۾ جيڪي اَسان ڪيو آهي، سڀ لکيو پيو آهي. هزارها جنم، ڪروڙها جنم اَسين وٺي آيا آهيون. اِن ڪري ڪيترا آهن، جي توهان کي اڳيان جنم ٻڌائيندا. توهان جو اڳيون جنم هي هو، تنهن کان اڳيون هي هو، اُن کان اڳيون هي هو. ڪٿان ٿا اُهو ڪڍن؟ سوڪيم سرير ۾ لکيو پيو آهہ. جيڪڏهن ڪير پڙهي سگهي تہ اُن ۾ اُن کي سڀن جنمن جي خبر پئجي سگهندي. اُن ۾ سڀ وڃي پيو لکبو. اَسان کي خبر ڪونہ ٿي پوي.

جڏهن پڇاڙيءَ جو وقت اَچي ٿو، هڪ هڪ کي اُهو هڪڙو چئپٽر پڙهڻو پوي ٿو. ڪتاب ۾ گهڻيئي چئپٽرس آهن. هڪ هڪ جنم جو هڪ چئپٽر، هن جنم جو چئپٽر اَسان مان هڪ هڪ کي پڙهڻو پوي ٿو. اَڙي! تو هي بُرو ڪم ڪيو، تو هيءَ بُري ڳالهہ ڪئي. تو وٽ فلاڻو اَناٿ آيو، توکان اَچي گهريائين:- مون کي فِي ڏي، جيڪر مان وديا وٺان. تو اُن کي نہ ڏني. تو وٽ گهڻيئي پئسا پيا هئا. اِهو سڀ لکبو وڃي ٿو. اُهو جڏهن اِنسان پڙهي ٿو، پڇاڙيءَ ۾ چوي ٿو:- ”مون تہ ڪجهہ ڪمائي ڪئي ڪونہ.“ پوءِ روئي ٿو.

”اَب پڇتاوت هوت ڪيا، جب چڙيا چڳہ گئي کيت!“

اُن وقت پڇتائي تون ڇا ڪندين؟ هينئر وقت اَئيئي: هينئر اِن ڪتاب ۾ وچ لکندو سٺيون ڳالهيون، سٺا ويچار، سٺا ڪرم، اَڪر تہ تنهنجو مانکہ جنم سڦل ٿئي!

(لوناوالا: ٢٤-١٠-٨٢)

ڇا ٿي وڃي ها. منهنجي من ۾ ايڏو depression اَچي ويو.“

شيطان گهڻو ڪم ڪندو آهي depression جي ذريعي. شيطان بابت چيل آهي ته هڪ وقت چيائين ته ڪيترين صديون مون ڪم ڪيو آهي. هاڻي مان retire ڪرڻ ٿو چاهيان. سڀ مان پنهنجا اوزار وڪڻان ٿو. Sale لڳايائين. جنهن ڪي ڪپي، منهنجا اوزار وٺي وڃي. مون وٽ ڪو اوزار هوندو ئي ڪونه، مان ڪم ڪونه ڪندس. هڪ هڪ اوزار تي اَگهه لکي ڇڏيائين. هڪڙو اوزار ڏاڍو جهونو هو، ڏاڍو ڪم آندل، پر اُن تي ڏاڍو وڏو اَگهه لکي ڇڏيائين. ٻيا سڀ اوزار وڪامي ويا. اُهو اوزار وڪامي ئي نه. چيائون، هيڏو جهونو اوزار ڪري وٺندو؟ اَهڙو پُراڻو پئي لڳو، جو ڪنهن جي دل نه ٿئي اُهو وٺڻ تي. اُهو هڪ اوزار شيطان وٽ بچي ويو، جو اَڃا تائين اَٿس. اُن جو نالو آهي depression. شيطان ڪي جي ڪم ڪرڻو هوندو آهي ته پهرين موڪليندو آهي depression اوزار کي. پر هي اِن مان بچي ويو.

سواڌيايه. روز ڪنهن نه ڪنهن شاستر، ڪنهن نه ڪنهن ٻاڻيءَ، ڪنهن نه ڪنهن great one جي پستڪ مان ڪو ويچار ڪڍي، اُن جو ڌيان ڪريو. سواڌيايه جو هڪڙو aspect اِهو آهي. ٻيو aspect آهي سُوا معنيٰ پنهنجو. ڌيايه معنيٰ ڌيان. پنهنجو ڌيان ڪريو، پنهنجو ويچار ڪريو. جنهن کي چوندا آهن:- self examination يا self introspection.مان قدم اڳتي ڪڍي رهيو آهيان يا پٺتي؟ هڪ هڪ ويچار جيڪو منهنجي اَندر اُٿي ٿو، اُٿپن ٿئي ٿو، هڪ هڪ اَکر جيڪو مان ڳالهايان ٿو، هڪ هڪ ڪم جيڪو مان ڪريان ٿو، سو لکجي وڃي ٿو. اَسان مان هڪ هڪ جي اَندر آهي سوڪيم

پهچي نٿو. اُهو پيار پهچي ٿو جڏهن اَسين پرڀوءَ ڏي نهاريون ٿا، ونس وچون ٿا. اَسين پرڀوءَ ۾ پنهنجي وچ ۾ پت ڪڙي ڪري ٿا ڇڏيون پرڀو پيار جا پئڪيٽس پيو موڪلي، پر اُهي پئڪيٽس اَسان کي پهچن ئي نٿا. اَسين ولون ئي نٿا. اَسان مان هڪ هڪ واسطي پرڀوءَ کي رٿا آهي ۽ اُها رٿا پوُرن آهي. پر اَسين پنهنجي ٿوري سمجه، جا آهي اَسمجه، اُن تي مدار رکي پرڀوءَ کان پاڻ کي ڪپي ڇڏيون ٿا. پرڀو چوي ٿو:- ”مون وٽ اَچو! مان سڀ ڪجھ توهان کي ڏيندس! فقط توهين مون وٽ اَچو!“

هڪ پرڀوءَ جي پياري ۽ حجام، ٻنهي پنڌ پئي ڪيو. حجام وري ٻه ٽيو حجام. هڪ جهوپڙپٽيءَ مان اَچي لنگهيا، جت دک، غريبي، مفلسي ڏاڍي هئي. ماڻهو ماڻهوءَ سان پيو وڙهي. اَهڙين ايراضين ۾ رهڻ جون حالتون ٻه ڏاڍيون خراب هونديون آهن. ماڻهو جانور وانگر ٿي پون. هڪ ٻئي کي لوُنشا پيو هڻي. پيو اُن کي ڏاڙهيءَ کان پڪي. اَهڙيءَ طرح هنن اِهو ڏٺو. حجام هن پرڀوءَ جي پياري کي چيو:- تون ”پرڀو“ ”پرڀو“ پيو ڪرين: ڪٿي آهي تنهنجو پرڀو؟ تون چوندو آهين ته پرڀو آهي پيار! پرڀو آهي رحمان! ڪٿي آهي اُهو پيار؟ ڪٿي آهي اُهو رحمان؟ ڏس هنن جي حالت! ويچارا پيا بکون ڪڍن. وڙهن پيا. هڪ ٻئي کي روٽيءَ ٽڪر لاءِ پيا ڏک هڻن.

هِي پرڀوءَ جو پيارو سانت ۾ رهيو. ڪجھ چيائين ڪين. ڪيترا پيرا پرڀوءَ جا پيارا اَسان کي يڪدم جواب نه ڏيندا آهن. سانت ۾ هوندا آهن. اَسين سمجهندا آهيون ته ٻڌائون ڪونه. ٻوڙا آهن. ٻڌن سڀ، جيڪو ٻه توهان جي دل مان آواز

(٦٦)

شڪر آهي، شڪر تنهنجو

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

”واهه واهه جت وهارين تون:

فضل نوُرِي نِهارين تون:

شڪر آهي شڪر تنهنجو!“

پريو! جت وهارين، اُت واهه! واهه! فضل، نوُرِي، نهارِين تون!

Look Thou on me in mercy. Let the dew of Thy Grace pour upon me!

”شڪر آهي شڪر تنهنجو“!

هڪ ڳالهه جيڪر اَسين سمجهون تہ پياري پريوءَ کي اَسان مان هڪ هڪ واسطي رَتا آهي. پيارو پريو اَسان مان هڪ هڪ کي پيار ڪري ٿو، اَلائي ڪيترا ڀيرا وڌيڪ اُن پيار کان، جو پيار اَسان کي پنهنجِي ماتا، پنهنجو پتا ڏئي ٿو.

Infinitely greater than the love we receive from our earthly father, mother and other relatives.

پر اَفسوس! اِهو پيار اَسين وٺون نٿا. اُهو پيار اَسان کي

سچو قصو ئِي بگڙجي وڃي.

واهه واهه جت وهارين تون،

فضل نُورِي نهارين تون:

شڪر آهي شڪر تنهنجو!

ٽن قسمن جا اِنسان آهن:- (١) پهرئين قسم جا اِنسان آهن جبل، پهاڙ وانگر. ڪيڏو به طوفان لڳي، ڪيڏو به مينهن وَسي، ڌڌندا ڪين، اِسٿر بڻيءَ وارا. گيتا جي ٻئي اَڌياءُ ۾ شري ڪرشن اِن پهاڙ جو مثال ڏنو آهي. چوي ٿو پهاڙ وانگر ٿِي تُو وهي. ڇا به ٿئي! دنيا جا اُن کي ڏولڏي سگهن ڪين.

(٢) ٻئي قسم جا اِنسان آهن وڻ وانگر، جن جي پاڙ زمين ۾ پختي آهي. پر ته به جي طوفان لڳي ٿو، لڏن ٿا، اُنهن جون ٽاريون لڏن ٿيون، اُنهن جا پتا لڏن ٿا، اُنهن جو ٿُڙ لڏي ٿو، پر تنهن هوندي به پختا آهن. اُنهن کي ڪيرائي ڪونہ سگهندا.

(٣) ٽئين قسم جا اِنسان مون جهڙا آهن، ڪاغذ جي ٽڪري وانگر. ڪاغذ جو ٽڪرو پيو آهي: هوا جنهن پاسي کان لڳي، اوڏانهن هليو وڃي. هِن پاسي کان لڳي ته هيڏانهن وڃي. ويچارا سچو وقت پيا پلڪن.

توهان مان جيڪي جبل وانگر ٿيڻ چاهيو ته هِي منتر ڪٺي وڃو:-

واهه وهاه جت وهارين تون،

فضل نُورِي نهارين تون:

شڪر آهي شڪر تنهنجو!

پوءِ اُنهيءَ اِنسان جي نشاني هيءَ آهي ته جيڪي به

نڪري ٿو، ٻڌن ٿا، پر جواب پوري وقت تي ڏين ٿا.

هِي پرڀوءَ جو پيارو ۽ حجام ٻئي اَڳتي هليا. هڪ هنڌ آيا، جت ٽي جڻا هئا. سندن وار ڏاڍا ڊگها ڦڏا. منهن تي اَڌ پاسي وار جميل ته اَڌ پاسو shave ٿيل. اُهڙي حالت اُنهن جي هئي. تڏهن هن پرڀوءَ جي پياري حجام کي چيو ته "تون آهين يا نه؟" چيائينس:- "مان آهيان: ڇو ڪين آهيان!" پرڀوءَ جي پياري چيس:- "مري ته ڪونه ويو آهين؟" حجام چيو:- "نه، مان توسان پنڌ پيو ڪريان." پرڀوءَ جي پياري چيس:- "تنهنجي هوندي هھڙي حالت ڪئن ٿي آهي؟ تون حجام، وار ڪٽين ته سِڌا ڪٽين؛ share ڪرين ته چڱيءَ طرح ڪرين. تنهنجي هوندي به هنن جي هئن ڪئن حالت ٿي آهي؟" حجام چيو:- "مون تي ڏوھ ڇو ٿو وجهين؟ هي مون وٽ اَچن، منهنجي دڪان (saloon) ۾ اَچن ته مان هنن کي ٺيڪ ڪري ڇڏيان. مون وٽ اَچن ئي نٿا. منهنجو ڪهڙو ڏوھ؟" تڏهن پرڀوءَ جي پياري حجام کي چيو:- "تو پنهنجي سوال جو جواب پاڻيهي ڏيئي ڇڏيو. هي لوڪ به پرڀوءَ وٽ وڃن ته پرڀو هنن کي ٺيڪ ڪري ڇڏي. پرڀوءَ وٽ وڃن ئي نٿا. پرڀوءَ جو ڪهڙو ڏوھ؟" سڄي دنيا جيڪر اَلائي ڇا ٿي پوي. پرڀوءَ کي اَسان مان هڪ هڪ لاءِ ڳڻتي رهي ٿي آهي. اَسان مان ڪوبه يتيم ڪين آهي. پرڀو چوي ٿو:- "فقط مون وٽ اَچو! مون وٽ اَچو!"

"واھ واھ جت وهارين تون!"

جڏهن اَسين پرڀوءَ وٽ وڃون ٿا ته پروڙ پوي ٿي ته جنهن حالت ۾ پرڀو اَسان کي رکي ٿو، اُها ئي اَسان لاءِ سٺي ۾ سٺي حالت آهي، يعني جي اُن کان ٿوري به هيٺ هجي ته

مان فائدي لاءِ ٿو وٺي وڃان. سڀ هنن کي ورهائي ڏئي ٿو. چوين ٿو:- ”هنن ۾، گلوڪوس پيو آهي، توهان کي طاقت ايندي.“ باقي هڪ لٺ بچايائين، چاڪاڻ تہ هي پنج ڄڻا هئا. سو سيٺني کي پورو ورهائي ڏنائين. ڪُل سورهن لٺيون هئس، تنهن مان هڪ هڪ کي ٽي لٺيون ڏنائين تہ پندرهن خلاص ٿي ويون، باقي هڪ بچي. اوڏي مهل اچي اوٽي بائي ياد پيس. چيائين اَوُلي بائيءَ لاءِ ڪجهہ تہ ڪٽي هلان. هي سنت هڪ لٺ ڪٽي آيو. اَوُلي بائيءَ ڏٺو. هن کي ڏاڍو جوش لڳو. توبهہ، توبهہ! زال جو جوش توبهہ! هِن کي جو جوش لڳو، سو اِها لٺ ڪٽي پنهنجي گهوٽ کي پٺيءَ تي هڻڻ لڳي. ويئي هڻندي، ويئي هڻندي ۽ ڪمند ويو ٽڪرا ٽڪرا ٿيندو. ايڏي ذم سان هنيائين، جو ڇهہ ٽڪرا ٿي پيا. پوءِ هن جو جوش ٿورو ڍرو ٿيو. هن سنت نهاريو: ڏٺائين ڇهہ ٽڪرا: چيائين:- اَڙي اَوُلي! تو تڪليف ڪان ڇٽائي ڇڏيو. اَسين پاڻ ۾ ڪل ڇهہ ڄڻا آهيون. تو هي ڇهہ ٽڪر ڪري ڇڏيا. ”هر حال ۾ شڪر!“

هر حال ۾ شڪر ٿئي ٿو تہ اَسان جي جيون ۾ شَڪرَ اَچي وڃي ٿي! Then life becomes sweet as sugar.

واهہ واهہ جت وهارين تون،

فضل نُوري نهارين تون:

شڪر آهي شڪر تنهنجو!

(هانگ ڪانگ: ٨٣.٢.٢)

ٿيندو، اُن مان ڪانہ ڪا سٺي ڳالهہ ڳولي ڪڍندو، جنهن لاءِ هوُ شڪرانا مڃيندو.

سنت تڪارام هو. سندس دل ديا ڀاوَ سان ڀرپور هئي. سندس زال اوُلي ٻائي ڪيس گهڻو ئي چوندي هئي تہ وڃي ڪجهہ ڪمائي اَچ. هي سنت ويندو هو ڪمائي ڪرڻ ۽ ڪمائي ڪري موٽندو هو تہ گهر وڃي تہ پنهنجي زال کي ڏيان، من اَچ زال مون مان خوش ٿئي. وات تي ڪيس ڪو غريب يا دکي ملي ويندو هو تہ اُتيئي ڏن خلاص ڪري ڇڏيندو هو. گهر موٽندو هو تہ هٿين خالي. اِن تي زال ڏاڍو تپندي هئي تہ ڪمائي تہ ڪري ڪونہ آيو، پاڻ جيڪي ڪٺي ويو، سو بہ وڃائي آيو.

هڪ ڏينهن هي سنت ويو ڳُڙ وٺڻ. سندس ڳوٺ ۾ ڳُڙ سستو ٿي مليو. اوُليءَ کي چيائين:- ”ڳُڙ وٺي پريان ڳوٺ ۾ وڃي وڌيڪ اَگهہ تي وڪڻي ٿو اَچان ۽ فائدو توکي آڻي ٿو ڏيان.“ ويو ڳُڙ کڻي: جهٽ ۾ وڪامي ويس ۽ فائدو بہ ٿيس. سنتن لاءِ تہ هميشهہ فائدو ئي فائدو آهي. موٽيو پئي تہ وات تي ڏٺائين ڪمند. چيائين:- ”مان ڪمند ڇو نہ وٺي وڃان. ڪمند منهنجي ڳوٺ ۾ ڪونہ ملندو آهي. ڪمند وٺي وڃي ڳوٺ ۾ وڪڻندس تہ ٻٽو فائدو ٿيندو. ٻارن کي بہ جيڪر ڪارايان، زال بہ کائي، تنهن هوندي بہ فائدو ٿيندو.“

ڪمند وٺي، ويچارو اِنهن لٺين جو بوجو ڪلهي تي کڻي پيو اَچي. وات تي ڏسي ٿو هڪ وڌوا ۽ سندس چار ٻار. ٻار جهڙا ننڍڙا پوُنگڙا. تمام ضعيف، ڇو تہ ڪيترن ڏينهن کان کين ڪاڌو ڪونہ مليو هو. هن کي وِسري ٿو وڃي تہ ڪمند

ٻيو ڳڳيہ ٿئي شانتي ڳگيہ. ٻئي ايڪادشي ڏينهن. هڪڙي سهائي ايڪادشي ۽ ٻي اُونداهي ايڪادشي. هڪ کي ڪولين دادا ڳگيہ، ٻئي کي ڪولين شانتي ڳگيہ. ڇو جو پياري دادا پنهنجي سرير جو چولو تياڳ ڪيو اونداهي ايڪادشيءَ جي ڏينهن. اِها ايڪادشي مهني سِر مهني دادا ڳگيہ ڪري ملهائيندا آهن. ڪيرتن ڪن، ستسنگ ٿين، ميلا ٿين، دکين دردرن جي شيوا ٿئي. سورداس، اَپهاج، handicapped اَڇي ڪائين. اُنهن کي ڪپڙو ڏين، ٻيون شيون ڏين. ٻي ايڪادشي، سهائي ايڪادشي ٿئي شانتي ڳگيہ. اُن ڏينهن گهرجائو ودياٿين جي شيوا ٿئي. اُنهن کي ڪيتريون شيون ڏين. اَڄ آهي شانتي ڳگيہ. شانتي ڳگيہ ڇو؟ توهين هيءَ ننڍڙي تصوير ڏسو ٿا، اِها آهي شانتيءَ جي تصوير. شانتيءَ پنهنجو چولو تياڳ ڪيو سهائي ايڪادشيءَ تي. مهني ۾ ٻہ ايڪادشيون ٿينديون آهن. هڪ کي ڪولين سَهائي ايڪادشي، چاندوڪي ايڪادشي: ٻيءَ کي ڪولين اُونداهي ايڪادشي، ڪرشن ايڪادشي، ڪرشن پڪش.

توهان کي خبر آهي نہ تہ هندو ڪئلينڊر ڪئن لهيل آهي؟ هندو ڪئلينڊر موجب اَسان جو مهنو چنڊ کان ولي چنڊ تائين ٿئي ٿو. يا ستيہ نارائڻ کان ولي ستيہ نارائڻ تائين ٿئي ٿو. اُن مهني ۾ سادا ٢٩ ڏينهن ٿين. اُن مهني کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو اٿن. مهني جي ڀرين چوڏهن ڏينهن کان پوءِ چوڏس (full moon) ٿئي. پوءِ چنڊ وڃي ننڍو ٿيندو. نيٺ اَڄ ٿئي، جنهن کي چون چنڊ (New moon).

New moon you see only for a brief while, and you just see a line, that one line as cresent.

(٦٧)

اَئسي لال، تجھ بِن ڪؤن ڪري!

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

ستگر جھڙو شاھ، ڪونہ ڏٺوسين ڪاٿھين
پرچي ڏنو جنھن پُوربِي، آتم ڏن اَٿاھ
نڪي پڇائين ذات پات، نڪي پڇائين راھ
ڪري من اَڇاھ، سامِي ڇڏيائين ڇن ۾.

سامِي جن چون ٿا، ستگر جھڙو شاھ آسان ڪٿي ڪونہ ڏٺو. ٻيا شاھ گھڻئي ڏٺاسين: ٻيا شاھ دنيوي پدارٿ ڏين، لک ڪروڙ ڏين، position of honour ڏين، لقبَ ڏين: پر ستگر جھڙو شاھ ڪٿي ڪونہ ڏٺوسين.

”ستگر جھڙو شاھ، ڪونہ ڏٺوسين ڪاٿھين
پرچي ڏنو جنھن پُوربِي، آتم ڏن اَٿاھ.“

آتم ڏن، جنھن جي ڪابہ حد آھي ڪونہ، اِھو آتم ڏن اَڇِي ستگرو اَسان کي ڏئي ٿو.

اَڄوڪو ڏينھن پونا ۾ ٻين ڪيترن ھنڌن تي ملھائيندا آھن. اَڄ آھي شانتي ٻگيہ جو ڏينھن. اَسان وٽ اُتي پوني ۾ مھني سِر مھني ہہ ٻگيہ ٿين. ھڪ ٻگيہ ٿئي دادا ٻگيہ،

اَسان کي ضرورت آهي. مان شان وڏائي هٿ ڪريون پيا، اِندرين جو عيش عشرت آرام ڪمايون پيا: پر جنهن مقصد واسطي اَسان کي هيِ جنم مليو، اُهو اَفسوس! وساري ڇڏيون ٿا.

هن جنم ۾ هن ديهه کي ڪوليو اَٿن نَو دُئاري نگر. اُپنشدن ۾ ۽ شريمد ڀڳوت گيتا ۾ اِهو اکر وري وري اَچي ٿو، - نَو دئاري نگر. هيِ سرير آهي نگر جنهن کي نَوَ دئار آهن، - ٻه اکيون، ٻه ڪنَ، ٻه ناسون، هڪ مُک، ٻه ٻيا لڪل دئار. هڪ ٻيو دئار آهي جنهن کي گُرو نانڪ ديو جن اَچي ڪوليو ڏسميءَ دئار، ڏهون دئار. اُهو دئار جيڪڏهن توهان جو کُلي، توهين سچ کنڊ ۾ وڃي، پياري پريوءَ جي چرنن ۾ نواس ڪريو. وري جڏهن وقت پورو ٿئي، موٽي اَچو. وري اَچي پنهنجا ڪم ڪاريون ڪريو. وري جنهن وقت چاهيو، اُن دئار مان لنگهي وڃو اُن سچ کنڊ ۾ جتي سچو آنند آهي. پارٽين تي وڃو ٿا، محفلون ٿين ٿيون، ناچ گانا ٿين ٿا، وڊيو ڏسو ٿا، پڪچرس تي وڃو ٿا، توهان کي خوشيون بيشڪ ملن ٿيون: پر اِهي خوشيون ڪن پنگر آهن، ٿوري وقت واسطي آهن. وري ڪانہ ڪا ڳالهہ ٿئي ٿي، اُتي جو اُتي منهن ڦري ٿو وڃي، اُتي جو اُتي غصو اَچي ٿو وڃي ۽ مان جوش ۾ پرجي ٿو وڃان. پر جي توهين سچ کنڊ ۾ هلي پهچو تہ پوءِ آنند ئيِ آنند. سنسار ۾ ڇا بہ ٿئي، توهين بي پرواهہ بادشاهہ آهيو. توهان مان ڪير سچ کنڊ ۾ هلڻ ٿو چاهي؟ توهان مان ڪير ٿو ڏهون دئار، ڏسميءَ دئار کولڻ ٿو چاهي؟ توهين تيار آهيو؟ اَسين چاهيون تہ سڀ ٿا پر ڪري ڪير نٿو. اِن لاءِ

ڪنهن مهني ۾ ٣٠ ڏينهن ٿين ته ڪنهن مهني ۾ ٢٩ ڏينهن ٿين. اِئين اَسان جو هندو ڪئلينڊر ٺهيل آهي. ٻارهون ٻارهون ڏينهن ٻنهي اَڌن جو اُن کي ڪولين ايڪادشي. ايڪادشيءَ جي ڏاڍي مهما آهي. ڀارت ۾ چوندا آهن، ايڪادشيءَ جي ڏينهن جي توهين ٻيو سڀ وساري، ڏنڌا ڌاريون ڇڏي، ورت رکي وبهي پرڀوءَ جو چنتن ڪريو، پرڀوءَ جو ڀڄن ڪريو، پرڀوءَ جو ويچار ڪريو، پرڀوءَ کي پڪاريو ته توهان تي ڏاڍي آسيس اِيندي. ٻه ايڪادشيون، once a fortnignt you have an Ekadashi هڪڙي ايڪادشيءَ کي اَسين ڪوٺيندا آهيون دادا ڀگيه ۽ ٻيءَ ايڪادشيءَ کي اَسين ڪوٺيندا آهيون شانتي ڀگيه.

In memories of Beloved Dada and dear Shanti

شانتِي ڪير هئي؟

شانتي ننڍڙي ڏهن ورهين جي ٻار هئي جڏهن پياري دادا وٽ اَچي ٿي. پر اُن کان گهڻو اڳه سندس دل ۾ تلاش هئِي. ڇئن، پنڄن، ڇهن ورهين جي، گهر ۾ ڳوڙها ڳاڙي وئي پڪاريندي هئي:- ”پرڀو! تو مونکي مانڪه جنم ڏنو آهي: اُهو جنم منهنجو سڦل تڏهن ٿيندو جڏهن ڪنهن سنت ستپرڪه سان منهنجو ناتو رکندين، جو مونکي وٺي هلي توسان ملائي.

هي مانڪه جنم اَسان کي اِن واسطي مليو آهي. ڪئن نه اَسين اِهو جنم ڪيترين ڳالهين پٺيان پيا وڃايون پر جنهن ڳالهه واسطي اَسان کي هي جنم مليو آهي، اُهو اَسان کي ياد ڪين آهي. پئسو پدارٿ ڪٺو ڪريون پيا، اَسان کي ڌنيواد! هن سنسار ۾ پئسي پدارٿ جي ضرورت آهي. جڳهيون زمينون ٺاهيون پيا، اَسان کي ڌنيواد!. هن سنسار ۾ جڳهه، زمين جي

نہ! تون وڃي پنڌ ڪر. مان ويو آهيان پنڌ ڪرڻ، پنيان هيءَ هلي ويئي. مون کي آيو ماٺو. چيائين ڊاڪٽر چوي ٿو:- ”شانتي هلي ويئي.“ مون چيو:- اِئين ڪئن ٿيندو؟“ مان موٽي آيس: اَچي نبض ڏليمانس. نبض هلي ڪونہ ٿي، سواس هليو ڪونہ ٿي. تڏهن مون چيومانس:- ”شانتي، اِئين تون ڪئن موڪلائڻ کان سواءِ ويندينءَ؟ تو مونکي پاڻ چيو تہ وڃي پنڌ ڪر ۽ هنيئر تون موڪلائڻ کان سواءِ ٿِي وڃين.“ توهان کي عجب لڳندو: اکيون کوليائين. مونکي ڪوليندي هئي جشن. توهين دادا پيا چئو، پر مونکي ڪوليندي هئي جشن. چيائين:- ”جشن!“ تنهن کان پوءِ وري ڪجھ وقت، ست لڳا هئا، ٻہ ڪلاڪ ڪن سندس سرير ۾ ساھ هو. ڊاڪٽرن کي ڪوليوسين پر هوءَ تہ مسافريءَ تي هئي. ۹ لڳِي ۱۰ منٽ ٿيا هئا. ۱٦ تاريخ سندس اَگني سنسڪار ڪيو ويو. اِن ڪري ۱۵ ۽ ۱٦ ميءَ جي مهني ۾ اُت پونا ۾ شانتيءَ جي ياد ۾ ميلا لڳندا آهن. توهين ڪڏهن چاهيو تہ اَچي شامل ٿيو. جنوريءَ ۾ اَچو تہ ۱٦ ۽ ۱۷، ۽ جي ميءَ ۾ اَچو تہ ۱۵ ۽ ۱٦. نومبر ۾ تہ پياري دادا جو جنم اُتسوءَ سڄو مهنو پيو ملهائبو آهي.

شانتي ننڍڙي ٻالڪي هئي. ڪنهن کان ڪجھ گهرندي ڪين هئي. چوندي هئي تہ جي مون کي ڪجھ کپي تہ مان پريوءَ کان گهران. ٻئي ڪنهن کان ڇو گهران؟ سندس وڏي ڀيڻ ڪيس ڏاڍو ڀانئيندي هئي. پنهنجي جان اُن تان قربان ڪري. چوندي هئس:- ”شانتي، ڪجھ تہ گُهر. ٻيا ٻار رانديڪا، ٻيون شيون، ڪپڙا گهرندا آهن، تون ڪجھ تہ گُهر.“ چوندي هئي:- ”مان گهرنديس اُن هڪ کان.“

ملھہ ڏيڻو آهي. ملھہ فقط هڪڙو آهي. اَسين هلي ٿا سچ کنڊ ۾ سائينءَ جو سِرُ وٺون. سائين! اَسان کي پنهنجو سِرُ ڏي. سائين اَسان کي سِر ڏئي ٿو جڏهن اَسين سچ کنڊ ۾ هلون ٿا. چوي ٿو:- سِرَ جو سؤدو اَٿو سِرُ. توهين پنهنجو سِرُ مون کي ڏيو، مان توهان کي پنهنجو سِرُ ڏيان. توهان مان گهڻا پنهنجو سِرُ ڏيڻ لاءِ تيار آهيو؟ سِرُ ڏيو، سِرُ وٺو.

شانتي تيار هئي پنهنجو سِرُ ڏيڻ لاءِ. پنهنجو سِرُ ڏنائين، اِن ڪري اَڄ ڏينهن تائين اَسين کيس ياد ڪندا آهيون. سال گذري ويا آهن، هيءَ گذاري ويئي. پياري دادا، ١٦ جنوري ١٩٦٦ع تي پنهنجي سرير جو چولو ڇڏيو. اَڄ ڏينهن تائين ١٦ ۽ ١٧ جنوري پوني ۾ ڏاڍا ميلا لڳندا آهن. اَسين اُن کي دادا مهايگيہ ڪري سڏيندا آهيون. پوءِ جڏهن پياري دادا سرير جو چولو ڇڏيو، شانتي چيو هاڻي وڌيڪ هِت جيئڻ مناسب ناهي. هڪ هڪ ڏينهن پيئي ڳڻيندي هئي تہ ڪڏهن ٿو مونکي سڏ ٿئي، مان وڃي پنهنجي محبوب سان ملان. هت جدائيءَ ۾ مان وڌيڪ رهڻ نٿي چاهيان. پڪاريندي هئي، روئندي هئي.

١٩٧٠ع ۾ ١٥ ميءَ شانتيءَ کي سڏ ٿئي ٿو. نماشام جو وقت آهي. ليٽ ويٺي هئي. کيس سرير جي تڪليف ڪيترن ڏينهن کان هئي پر ڪم ڪار ڪندي هئي، هلندي چلندي هئي. منهنجو وقت ٿيو پنڌ ڪرڻ جو. نماشام جو اَڪثر ڪري چاهيندو آهيان پنڌ ڪريان. اِها ئي هڪ مونکي سرير جي ورزش ملندي آهي. مونکي چيائين، هاڻي تنهنجو وقت ٿيو آهي، تون وڃي پنڌ ڪر. مون چيومانس، اَڄ دل نٿي ٿئي مان پنڌ ڪريان. اَڄ دل چئي ٿي مان هِت ويٺو هجان. چيائين، نہ،

ٿو، اُتي ڪيرائي ٿو. آواز ٻُڌي ٿي. اکيون کولي ٿي. ڪرشن جو ٺاڪر ڪٿان آيو؟ اَلائي ڪنهن جو ٺاڪر پڪي چوري ڪري آيو؟ ڪٽي ٿي. اِن ڪري شانتيءَ جو پرارٿنا ۾ عجيب صدق هو. چوندي هئي:- ”پرارٿنا ۾ شڪتي آهي. توهين رڳو سچيءَ دل سان پرارٿنا ڪريو.“ سچيءَ دل سان جيڪا پرارٿنا ڪجي ٿي، توهان جون اکيون آليون ٿينديون. اَسين ڪيترا پيرا پرارٿنا ڪريون، من پيو ٻئي پاسي ڀٽڪي. اُتون، اکيون سُڪل ٺي سُڪل. چوندي هئي:- ”پرارٿنا ڪريو سچيءَ دل سان، دل جي اونهائيءَ مان.“

There should be, feeling emotion in your prayer. That feeling, that emotion will touch your eyes into tears. And when your eyes are touched with tears, be sure that your prayer has been answered.

حيدرآباد سنڌ ۾ ڪيترائي سنت ستپرکه ايندا هئا. ١٥ ڏينهن، مهنو ٻه رهي هليا ويندا هئا. حيدرآباد اِن لاءِ مشهور هئي. چوندا هئا، حيدرآباد ۾ وڃون ٿا، اَسان جي مهمانوازي ڏاڍي سٺي ٿئي ٿي. شانتي ننڍڙي ٻار هوندي هئي. ٻڌندي هئي ته ڪو سنت ستپرکه حيدرآباد ۾ آيو آهي ته پنهنجي وڏي ڀيڻ کي چوندي هئي ته مون کي وٺي هل. مان هلي سندس درشن ڪريان، مان هلي سندس اُپديش ٻڌان. هڪ ڏينهن ٻڌي ٿي ته هڪ نئون سنت آيو آهي، جنهن جو نالو آهي ساڌو واسواڻي. چون ٿا، سندس وار گهنڊيدار آهن. ڦٽي ڏئي ڪين. اکيون پيئون ٻرن. ڳالهائي ته دل کي ڏوڏي ٿو ڇڏي. شانتي ٻڌي ٿي. چوي ٿي:- ڪيڏي مهل هن جو ستسنگ

هيءَ ڳالهہ سچي آئو. هڪ ڏينهن پنهنجي ساهيڙيءَ جي گهر ويئي: اُتي ڏٺائين چانديءَ جو ڪرشن جو پتلو. توهان ڏٺا هوندا ٺاڪر چانديءَ جا ٺهيل. ڏٺائين هن ڪي هو چانديءَ جو ٺاڪر، ڪرشن مرلي ويٺو وڄائي، اُن جي ويٺي پوڄا ڪري. هن جي دل ٿي تہ مونکي جيڪر اهڙو ڪرشن ملي، چانديءَ جو ٺاڪر. شانتي اُن وقت ڇهن ستن ورهين جي مس هئي. ڪنهن کي چوي نٿي. گهر اَچي ٿي. نماشام جو وقت آهي. گهر جا سڀ ڀاتي گهمڻ ويا آهن. هن کي چون ٿا:- ”تون هل!“ شانتي چوي ٿي:- ”اَڄ مان ڪونہ هلنديس. اَڄ مان گهر ويٺي هونديس.“ حيدرآباد سنڌ ۾ گهر ٺهيل هوندا هئا، پهرين اَڱڻ هوندو هو. open to the skies. Quite a portion completely open to the skies پوءِ هوندو هو ورانڊو. اُهو ڪليل هوندو هو پر مٿان ڇت هوندي هئي. دروازو يا پَٽ ڪونہ هوندي هئي. سڄو ڪليل هوندو هو. پوءِ ڪوٺيون هونديون هيون، bedrooms هوندا هئا، هال هوندا هئا. هيءَ ڇا ٿي ڪري؟ اَڱڻ ۾ اَچي ٿي وهي ۽ اکيون پوري پرڀوءَ کي پڪاري ٿي. سندس اَکين مان ڳوڙها ڏاڍا جلدي ايندا هئا. اَلائي ڪئن ٺهيل هوندي هئي. اَسان جي اَکين مان ڳوڙها نٿا اَچن. هن جي اَکين مان ڳوڙها جلدي ايندا هئا. پرڀوءَ جو ويچار ڪندي هئي، اَکين مان ڳوڙها ايندا هئس. ڳوڙها ڳاڙي چوي ٿي:- ”مونکي اِهو ڪرشن کپي، چانديءَ جو ٺاڪر.“ توهين اِها ڳالهہ اعتبار ۾ نہ آڻيندا، پر اِئين ٿيو. هڪ وڏو پکي اُن وقت اَچي اُتان لنگهيو. سندس چنهبن ۾ هو ڪرشن، چانديءَ جو ٺاڪر. شانتيءَ جي گهر مٿان لنگهي

پياري دادا جا چرن ڌوئي ٿي. پياري دادا کي چوي ٿي:-
توهان چيو جاڳو! جاڳو! جاڳو! مان جاڳڻ لاءِ تيار آهيان، پر
توهين مون کي جڳايو. ننڊڙي ٻار ڌهن ورهين جي. ڪيڏي
نه ٻُڌي کيس پريوءَ ڏني. اُن ڏينهن ڪانولي پياري دادا سان
ناتو ٽئيس ٿو، جو ويو وڌندو.

اُن ڪانپوءِ جلدي شانتيءَ کي مُدي جو بخار ٿئي ٿو.
تن ڏينهن ۾ مُدي جي بخار لاءِ دوا ڪونه هوندي هئي.Antibiotics
ڪين هوندا هئا.Antibiotics ٿورا سال ٿيا آهن ته نڪتا آهن.
بخار مُدي جو وڃي چڙهندو. ڪاپاري تپ وڃي ٿيو آهي. ڪاپاري
تپ معنيٰ brain fever. نشي ۾ اَلائي ڇا پيئي ڳالهائي. هينئَر
سندس پتا جو ڊاڪٽر هو، ڊاڪٽر هوتچند ماکيجاڻي، ٻين ڊاڪٽرن
کي ڪوٺي ٿو. ڊاڪٽرن جي ڪانفرنس ٿئي ٿي. چون ٿا،
هن ٻالڪيءَ جو بچڻ مشڪل آهي. تن ڏينهن ۾ زمين تي
پوڻو پائيندا هئا. پوڻو پائي پوءِ ڪو ماڻهو گذاري ويندو هو يا
گذاري وڃڻ تي هوندو هو، اُن کي لاهي اُت پوڻي ۾ رکندا
هئا. پوڻو چوندا هئا، پوتر آهي. آهي ڳانءِ جو ڇيڻو، پر ڀارت
۾ اُن کي پوتر ڪري ليکيندا آهن. هي پيا چون، هاڻي هن
جي وڃڻ جو وقت اَچي ٿيو آهه. هن ٻالڪيءَ لئه تياري ڪريون.

اُن وقت پيارو دادا اَچي ٿو هنن جي گهر پهچي. پڇي
ٿو، ڇا آهي؟ چون ٿا، تياري ويٺا ڪريون. ڊاڪٽر ٻالڪيءَ لاءِ
جواب ڏيئي ويا آهن. غشيءَ ۾ آهي. پيارو دادا وڃي ٿو. سندس
گهر ۾ ماڙي هوندي هئي. ماڙيءَ تي ڪوٺي هوندي هئي. پيارو
دادا اُن ڪوٺيءَ ۾ در بند ڪري وڃي وهي ٿو. ڇا ڪيائين:
خبر ڪين آهي. پر ڪيترو وقت ڪانپوءِ اُتان لهي آيو. پڇائين:-

ٿيندو آهي ۽ ڪٿي ٿيندو آهي؟ ڪيس ٻڌائين ٿا تہ ڀائي اِيسرداس جي تڪاڻي ۾. ڀائي اِيسرداس جو تڪاڻو هوندو هو حيدرآباد ۾. ٻڌائينس ٿا تہ اُت سويل صبوح جو ۵ بجي ستسنگہ ٿيندو آهي. سادو واسواڻي اُپديش ڏيندو آهي. پيڻ کي چوي ٿي:- سيان صبوح جو ڪٺن بہ مون کي وٺي هل. مان هلي درشن ڪريان. اُها رات شانتيءَ کي ننڊ نٿي اَچي. ڏهن ورهين جي ننڍڙي ٻار آهي. پاسا پيئي ورائي. پيئي ڏسي، گهڻا لڳا آهن؟ ڏسي ٿي، اَجا اَڍائي لڳا آهن. وري پاسو ورائي ڏسي ٿي گهڻا لڳا آهن؟ پوڻا ۳ لڳا آهن. سڄو وقت چنتا تہ اِئين نہ ٿئي، وقت ٿئي ۽ سادو واسواڻيءَ جو اُپديش پُورو ٿي وڃي. چئين بجي اُٿي تيار ٿئي ٿي. پنج لڳن ٿا، اُن کان اَڳہ اَچي پهرين قطار ۾ وهي ٿي. سادو واسواڻي پاڻ ٿورو دير سان ٿو اَچي. اُهو ايندو هو ۵ بجي. هيءَ ۵ کان اڳہ وڃي ويٺي آهي. اَچي ٿي. ويٺي نهاري، هڪ ٽڪ ويٺي نهاري. وقت ٿئي ٿو، پياري دادا جو اُپديش ٿئي ٿو. اُن اُپديش ۾ هڪ ڳالهہ وري وري چوي ٿو:- ”اَءِ لوڪو! توهين اَجا گهڻو وقت ننڊ ۾ سُتل هوَندا؟ اَجا گهڻو وقت غفلت ۾ غافل رهندا؟ جاڳو! جاڳو! جاڳو!“ پيارو دادا جنهن پليٽفارم تي ويهي ڳالهائيندو هو، اُهو پليٽفارم اَچي ڌڏندو هو. ايڏي شڪتيءَ سان ڳالهائيندو هو. هيءَ ٻڌي ٿي. اِهي اکر سندس دل ۾ گهڙي وڃن ٿا.

ستسنگہ پورو ٿئي ٿو. هڪ هڪ اَچي پياري دادا کان آسيس وٺي ٿو. سڀ ستسنگي هليا وڃن ٿا. شانتي ويٺي آهي. اُٿي ٿي. جڏهن سڀ ويا آهن، اَچي ٿي پياري دادا جا چرن پڪڙي. روئي ٿي. اکين مان ڳوڙها ڳاڙي ٿي. ڳوڙهن سان

پهچائي. مانکہ جنم مون کي مليو آهي، شل اِهو جنم مان
سقل ڪريان. اِها ئي پياس رڳو نہ دل جي اَندر اُٿي ٿي تہ
بہ اِنسان سڀاڳو ٿئي ٿو. اَسان مان ڪيترن جي اَندر اِها پياس
نٿي اُٿي. اَسان مان ڪيترن جو ذڪر گروجن پنهنجي ٻاڻيءَ
۾ ڪيو آهي:-

"ڪرتُوت پَسُون ڪي مانش ذات"

اَسان جا ڪرتُوت پَسُن جهڙا آهن. کائون ٿا، پَسون بہ
کائين ٿا. ننڊ ڪريون ٿا، پسون بہ ننڊ ڪن ٿا. ٻار ڄڻيون
ٿا، پسون بہ ٻار ڄڻين ٿا. مري وڃون ٿا، پسون بہ مري وڃن
ٿا. اَسان مان ڪي چون ٿا:- اَسين سُڪرت جا ڪم ڪريون
ٿا، شيوا جا ڪم ڪريون ٿا. هينئر سائنسدان اَسان کي ٻڌائين
ٿا تہ ڪيترا پسون شيوا ڪن ٿا.

هڪ ڪتي کي ڏٺائون. ولايت ۾ ڇا ڪندا آهن؟ ولايت
۾ نوڪر ڪين ٿيندا آهن. پوءِ پنهنجن ڪتن کي اَهڙيءَ طرح
سيکاريندا آهن، جو ڪيترا ڪم ڪتا ڪري اِيندا آهن. هڪ
ڪتي کي مالڪ ڳچيءَ ۾ ڳوٿڙي پائيندو هو ۽ هيري ڇڏيائينس.
ويندو هو بيڪريءَ ۾. ان بيڪر(baker) کي چيل هوندو هو تہ
هن ۾ ٻہ بريڊس هن ڳوٿڙيءَ ۾ وجهي موڪلجانءِ. ڪتو روز اُتان
وڃي ٻہ بريڊس ولي اَچي پنهنجي مالڪ کي پهچائيندو هو.
هڪ ڏينهن مالڪ ڏسي ٿو تہ ٻہ بريڊس ڪونہ ڪٽي آيو آهي.
ڏيڍ بريڊ ڪٽي آيو آهي. اَڌ بريڊ ڪيڏانهن ويئي؟ بيڪر(baker)
تہ هن کي ضرور ٻہ بريڊس ڏنيون هونديون. ٻئي ڏينهن وري
ڏسي ٿو ڏيڍ بريڊ. بيڪر کي فون ڪري ٿو تہ تون ٻہ بريڊس
مون کي موڪليندو آهين يا ڏيڍ بريڊ؟ هن چيس تہ مان ٻہ

”شانتيِ ڪٿي آهي؟“ اُن وقت شانتيِ اکيون کولي ڇڏيون. پياري دادا کي ڀريان ڀريان اکر چيو ته:- ”مان مُرليِ محل ۾ وڃي ڦاٿي هئس، مون کي اُتان ڇو واپس وٺي آيا آهيو؟ مرليِ محل شري ڪرشن جو لوڪ، مان اُت وڃي ڦاٿي هئس. مون کي توهين اُتان ڇو وٺي آيا آهيو؟“

تنهن ڪانپوءِ وڃي ته بهتر ٿيندي. پوءِ جڏهن ٺيڪ ٿي، مائٽن کي چيائين:- ”هاڻي مان توهان جي ڪين آهيان. مان ته هليِ ويئيِ هئس. مونکي پيارو دادا هت وٺي آيو آهي. هاڻي باقي جيڪي ڏينهن آهن، سي پياري دادا جا آهن، توهان جا ڪين آهن. مان توهان جي ڪين آهيان! مان هاڻي دادا جي آهيان!“ پوءِ پياري دادا کي چيو ته:- ”مون کي هاڻي مرليِ محل مان وٺي آيا آهيو، هاڻي جوابداري توهان تي آهي. مون کي پاڻ وٽ رهايو.“ نانديڙي ٻار. چيو ته:- ”مون کي پاڻ وٽ رهايو.“ تڏهن کان وٺي پياري دادا سان ناتو وڌيس ٿو وڌندو.

هڪ هڪ کي ٿي ڏاڪا ڪٽڻا آهن. جڏهن اَسان جي اَندر ٿوري سجاڳيِ اَچي ٿي، اِنسان هن وقت جنهن سندس حالت آهي، He is a wanderer. His mind keeps on wandering. توهين من تي نظر رکندا، ڪنهن وقت من ڪٿي آهي، ڪنهن وقت ڪٿي آهي؟ پيو ٽِپ ڏئي Most of us we are wanderers پوءِ جڏهن اَسان جي اَندر ٿوري سجاڳيِ اَچي ٿي، اَسين رولوءَ مان تلاشيِ ٿيون ٿا. اَسان جي اَندر تلاش اُٿي ٿي، جنهن کي سنسڪرت ۾ ڪوٺيو اَٿن جگناسوُ، جگياسوُ. جنهن جي اَندر جگياسا اُٿي ٿي، تلاش اُٿي ٿي، چوي ٿو:- مان به تلاش ۾ وڃان. ڪو مَنَ مون کي ملي، جو مون کي هليِ مقصد تي

ڪم ماڻي آهي. اسين گروءَ جي تلاش ۾ وڃون ٿا. پر ڪيت
ڪيت وڃي ٿا لهون. ڪيترا گرو نسل ۾ پشت گرو آهن،
گرو ڪين آهن. پيءُ دادا جهڙو هو ڪيترا گرو آهن اُهو.
پيا ڪهن:- هي ڏنو، هو ڏنو. گرو ڪين آهن. سچا گرو
ٿورا آهن. توهين دل جي اندر پڪاس رکو:- "پربو! موکي
گرو موڪل." گرو توهان وٽ پاڻ ايندو. توهين گروءَ وٽ
نه ويندا.

هڪ مالهو هڪ جهنگل ۾ ويو. جهنگل اُجڙا ٿيندا آهن،
رستو پڇڻي ويو ته مالهو ڏينهن جا ڏينهن اُتي پيو
هن مالهوءَ کان رستو ڳم ٿي ويو. ويچارو هيڏانهن هوڏانهن
وڃي، رستو ڳولي نه سگهي. ٻه ڏينهن لڳي ويس. ٻن ڏينهن
پو هڪ مالهوءَ کي ڏٺائين، پڇي ٿيو. ڏاڍو خوش ٿيو.
هن جو هٿ پڪڙيائين. اڙي! چيائين ته پريوءَ منهنجي
ڏنا پڻي آهي، توکي هٿ موڪليو آهي. مان ٻه ڏينهن
جهنگ ۾ پٽڪي ڦريو آهيان، رستو ڳولي نٿو سگهان. ٻئي
مالهوءَ چيس:- "ٻارا منهنجي ته آڳم ئي نه پئي. مان
ست ڏينهن ڦريو آهيان." ڪيترا گرو اهڙين آهن. اسين
چئون، پنجاهه سال ڦريا آهيون، جوت جو ديدار نه ڪيو
ٻه ڪيترا آهن جي شايد ست، ستر سال، اُهي جهڙا
گرو آهيون.

The blind leading the blind. Jesus said, beware! Many
come in My Name. They will tell you that they have c
in My Name, but they are like the blind leading the blind

ان ڪري جگياسا پڙ دل جي اندر رکون. دل جي اندر

بريبس موڪليندو آهيان، ٻوڙيءَ ۾ وجهندو آهيان. چيائين:- اَڌ بريڊ ڪيڏانهن ويئي؟ تئين ڏينهن ڇا ٿو ڪري؟ پنهنجي ڪتي جي پٺيان پاڻ وڃي ٿو. ڏسي ٿو بيڪر برابر ٻه بريبس وجهي ٿو. پر ڪتو جئن گهر موٽي ٿو، واٽ تي هڪ مڪان آهي، جنهن جي compound wall ڏاڍي وڏي آهي. پر ڏسي ٿو تہ ڪتو اِها پٽ ٽپي اَندر وڃي ٿو. اُتي هي سورداس ٻلي آهي. وڻ هيٺ ويٺي آهي. هي ڪتو اُن ٻوڙيءَ مان اَڌ بريڊ ڪڍي اُن ٻليءَ کي ڏئي ٿو. ڪئن ڪتي کي خبر پيئي تہ هتي سورداس ٻلي آهي. ڪنهن کي خبر ڪين. ؟ سندس ذات پائي ٻہ ڪين. ڪيترا جانور اَٿو، ڏاڍي شيوا ڪندا آهن. اَسان جي شيوا ۾ اَيمان اَچي ٿو وڃي، مَون هيءَ شيوا ڪئي. سچي شيوا نشت ٿي ويئي.

اَسان مان ڪيترن جا ڪرتوت پسن جهڙا آهن. ڏسڻ ۾ بيشڪ مانکہ آهيون، پر اِنسان تڏهن ٿو مانکہ اِنسان ٿئي جڏهن اَندر ۾ سچائي اَچي ٿي ؟ پروڙ پوي ٿي تہ مونکي مانکہ جنم اِنهن ڳالهين لاءِ ڪين مليو. هي ڳالهيون بيشڪ ڪرڻيون پون ٿيون. مونکي سنسار ۾ رهڻو آهي، مان گرهست آشرم ۾ آهيان، مونکي گرهست آشرم جا فرض پالن ڪرڻا آهن، پر مانکہ جنم تہ مونکي ٻيءَ ڳالهہ لاءِ مليو. اِها سچائي جڏهن اَچي ٿي تڏهن اِنسان ٿئي ٿو جڳياسو. اِهو هن راهہ ۾ پهريون قدم آهي. جڳياسو ٿي تلاش ۾ نڪري ٿو. دل جي اَندر پڪاري ٿو:- ”پريو! مونکي ڪو موڪل، جو اَچي مونکي توسان ملائي.“

اَسين پاڻ گرو نٿا ڳولي سگهون، ڇو جو گرو اَسان ڪان

...ين چار ئي شش جلهن ٿيندا آهن ٿا. جيئين، جڏهن نه سندس
...ن وڃي اُن منزل تي پهچي ٿو جنهن تي بالڪ ٿيو آهي،
...ه جي منزل تي، ڏاڍو خوش لڳي ٿو. هڪ شش ٿيو نه.

He has done his job. His job is over. Those are the four sta[ges]
in the path. The seeker, the disciple, the child and the guru. [He]
becomes himself enlightened.

گرو اڪر اُجڪلهه گهڻو بدنام ٿيل آهي. اِن ڪري مان
...ب نه ٿيندو آهيان. But he becomes enlightened.

ته اسان جي اندر لوري ڪجھ سڏڪي اچي! اسين
...يدا ٿيون. بس، هڪ ٿي ڳالهه. هي مانڪ جنم اسان کي
...واسطي مليو؟ سانت ۾ ويهون، پاڻ کان پڇون: هي جنم
...واسطي مليو؟ هي جنم جڳو دُرلڀ جنم آهي. "مانڪ
...م دُرلڀ هئہ، هوت نہ بارونبارا" دُرلڀ جنم، جنهن جنم
...سطي جِن ٿا، ديوتائون ديولوڪ ۾ منتظر آهن. ديوتائون ۽
...چاهين ٿا، اسان کي هي جنم مليو. اِهو جنم اسان کي
...و آهي ڇا واسطي؟ ته اِهو جنم وڃائي نہ وڃائون!

هڪ سورداس جي ڳالهہ ڪندا آهن. هڪ وڏي هال ۾
...هو جنهن هال کي ٨٤ دروازا هئا. ڪيس ڀڌائون تہ ٨٣
...ازا بند آهن. فقط هڪ دروازو کليل آهي. جي توکي
... وڃڻو آهي تہ اُهو هڪ دروازو ڳول. اِن دروازي مان
... ٻاهر نڪري وڃجانءِ. هي سورداس آهي. ڇوڪي ٿو مان
...ڪريان؟ پٿ کي هٿ هڻندو، ٻڌيندو پيو وڃي. هڪ دروازو،
...دروازو، ٽيون دروازو. اٺين هڻندو هلندو. ويچارو نہ جڏهن
... دروازي تي اچي پهتو، اُن وقت هٿ ۾ اچي خارش

پياس رکون:- پرڀو! اَسين نٿا ڳولي سگهون، تون اَسان کي ملاءِ اَهڙو ڪو سچو ستپرک، نماڻو نينهن وارو، جو وجي پنهنجي مقصد کي پهتو آهي. اَسان کي ٻہ اُت هلي پهچڻو آهي. جڏهن جگياسوءَ جي جگياسا پوري ٿئي ٿي، تڏهن هُو ٿئي قدم ۾ اَچي ٿو، جنهن کي ڪوليِن ٿا شش.

The seeker becomes a disciple. When he becomes a disciple, he hands himself over to the Guru. And he walks the way of obedience. Such an one was Shanti.

جڏهن نہ لڏائين، چيائين:- هاڻي بس! مون واسطي آهي فقط حاضر، حاضر! اِهو سِرُ ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو اَٿو. سِرُ ڏيڻ آهي پاڻ کي ڪجهہ ڪين ڪري سمجهڻ. منهنجو گرو سڀ ڪجهہ آهي. مان ڪجهہ ڪين آهيان. ڏاڍو ڏکيو اَٿو. اِن کي گروجن چون ٿا:- ”ڪٺن ڪسوٽِي پيکي، جوُتا تِکيا نہ ڪوءِ!“ ڪيترائِي اَچي چوندا آهن تہ اَسين شش ٿينداسين، پر اُنهن مان ڪو هڪ مس نڪري ٿو، جو اِن منزل مان لنگهي ٿو. اُها آهي ٽين منزل، جنهن کي چون شِشُو. جگياسو، شش، ششُو. ششُو معنيٰ a child. اُهو گروءَ جو ٻالڪ ٿِي پوي ٿو.

He becomes a child of the Guru. He becomes a member of Guru s family. And then comes the fourth stage, when the shishu himself becomes the guru. Then the guru rejoices.

هڪ ڏينهن پياري دادا کان پڇيوسين تہ گرو ڪهڙيءَ ڳالهہ ۾ گهڻي ۾ گهڻو خوش ٿئي ٿو؟ چيائين:- گرو گهڻي ۾ گهڻو خوش ٿئي ٿو جڏهن سندس شش گهڻجن ٿا. اَسان چيو، هي تہ سڀ پيا شش ڳولين. سڀ پيا چون تہ شش وڃن.

(٦٨)

تو واسطي! تو واسطي!

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

”پانت پانت ڪي لوڪ هئہ، تلسي اِس سنسار!“

هن سنسار ۾ ڪيترن قسمن جا لوڪ آهن. ڀِن ڀِن قسمن جا لوڪ آهن. ڪي ڏسو ڪيڏا ڊگها آهن، ڪي ڏسو مَون جهڙا بندرا آهن. ڪي وري وِچولا آهن. هڪ ماڻهو ٨ فوٽ ١١ اِنچ هو. ڪيڏا ڊگها: پر ڪي مون جهڙا بندرا ڪٽي بہ سمائجي وڃن. ۽ بندري ٿيڻ ۾ ڏاڍو فائدو آهي. پياري دادا سنڌ ۾ ستياگره ڪيو. پوءِ فقط ليڊرس کي پڪڙيائون. چيائون، ليڊرس کي اَسين جيل ۾ وجهنداسين. ١٢ ليڊرس هئا. پياري دادا کي پڪڙيائون. مون چيو، پيارو دادا اَڪيلو جيل ۾ ويندو، اِها ڳالھ ڪئن ٿيندي؟ مان هوس بندرو. هڪڙو پوليس وارو، اُن جون بہ ٽنگون ڦاٽل. بيٺو هو. مان اُن جي ٽنگن جي وچمان پڄي ويس ۽ منهنجو بخت کليو، جو جيل ۾ ١٤ ڏينهن سزا مِلي. پر چئن ڏينهن ۾ ٻاھ ہري ويئي. ڪراچيءَ ۾ سرڪار اَچي تڏڻ لڳي. پوءِ سرڪار چيو، توهان جون جيڪي گهرجون آهن، سي توهان کي ڏينداسين. توهين ڪرپا ڪري جيل کان ٻاهر هلو. چئن ڏينهن ۾ نڪتاسين. پر اِنهن چئن ڏينهن ۾

ٽيس، سو ڪنهيائين تہ اُهو دروازو لنگهي ويو. ويچاري کي خبر ئي ڪونہ پيئي.

اَسين بہ اُن سورداس وانگر آهيون. اَچي پهتا آهيون اُن دروازي تي جنهن دروازي مان اَسين نڪري،-
we would gain liberation, emancipation, what they call mukti.

پر اَسان کي خارش اَچي ٿي آهي. ڪنهن کي ڏسو اِندرين جي خارش، ڪنهن کي عيش عشرت جي خارش، ڪنهن کي شراب جي خارش، ڪنهن کي جوئا جي خارش، ڪنهن کي پنهنجي پٽ، ڌيءَ جي خارش. ڪانہ ڪا خارش اَسان مان هڪ کي آهي، سو ڪنهون پيا ۽ دروازو ٿي لنگهي ٿا وڃون. وڃهہ وڃايوسين. وڃهہ شل نہ وڃايون! پر نام ڪمايون، نام ڏيايون، ۽ نَام جا روپ، غريب، دين دکي، پسون ۽ پکي، تن جي شيوا ڪريون ۽ پنهنجو مانکہ جنم سڦل ڪريون!

[پينانگ: ٨٥.٣.٣]

مون کي ڪو چمات هڻي، مان جيڪي چوانس ته ٻئي پاسي به هڻ. ته ڪر. جي هڪ پاسي لڳي ۽ ٻئي پاسي نه لڳي ته ڳالهه ٺهندي ڪانه. پر هن پياري جي اهڙي حالت هئي. پاڻ کي وجي اُن ئي ڏينهن تنگيائين. وڏيون ڳاڙيون هونديون هئس. وڏيون ڀنيون هونديون هئس.

"پانت پانت جي لوڪ هئه"

پياري دادا هوتچند مون سان ڳالهه ڪئي ته سندس پوجيه پتا شري گوپالداس جڏهن وديارٿي هو، تڏهن سندس ويچار اِئين ٺهيل هوندو هو ته جيستائين ماڻهو شراب جي ڍُڪي نٿو پيئي، تيستائين پهريون نمبر نه ايندو. هن ڪي روز گهر ۾ شراب جي ڍُڪي ڏيندا جئن پهريون نمبر اَچي. پڙهندو هو ساڌو هيرانند جي اِسڪول ۾. ڏاڍو عجيب اِسڪول هو. ساڌو هيرانند کي خبر پيئي. تنهن چيس ته شراب پيئڻ سان پهريون نمبر ڪونه اَچبو آهي. پاڻ شايد هڪ به نمبر گهٽ اَچي ويندو.

"پانت پانت جي لوڪ هئه"

جدا جدا قسمن جا لوڪ، جدا جدا ويچار، جدا جدا رهڻ جا نمونا، جدا جدا پهرڻ جا وستر. ڏسو، هيترا ڄڻا ڪنا ٿيا آهيون، اَسان کي وستر جدا جدا آهن. قدرت ۾ variety آهي. پر تنهن هوندي به سڀن قسمن جا لوڪ ٻن خاص categories ۾ اَچي وڃن ٿا:- (۱) هڪ کي ڪولين سنساري جيو ۽ (۲) ٻئي کي ڪولين پرمارٿي جيو. سنساري جيو واسطي جڳهيون، زمينون، بنگلا ماڙيون، پئسو پدارٿ، مان شان، اِندرين جو عيش آرام، مزو، سواد، اِهي سڀيون ڳالهيون آهن. چوي ٿو، مون کي اِهي کپن. هِت هن حال ۾ جي اَچي اُهو اِنسان بيهي

مون کي اِهو وجهہ مليو، ڇو جو مان بندرو هوس. جي هجان ها ڏکهو، هن کي وڃڻ لڳان ها تہ مون کي لنگهڻ ئي ڪونہ ڏئي ها. سو بندري ٿيڻ ۾ بہ فائدا آهن.

”ڀانت ڀانت ڪي لوڪ هئہ“

جدا جدا قسمن جا لوڪ، جدا جدا سڀاوَن جا. سڀ ساڳيا ڪين آهن. پربوءَ جيڪا سرشٽي ٺاهي آهي، تنهن ۾ ڏاڍي آهي. ڪي آهن جيڪي دل جا ڪليل: جيڪي هوندن، خرچي ڇڏيندا. ڏيئي ڇڏيندا ٻين جي شيوا ۾. ڪي آهن جن جا ڪروڙ اِئين بند پيا آهن. مون کي يادگيري آهي. ڪراچيءَ ۾ هڪ ڀاءُ هوندو هو. ڪيس ڪيترين ئي جڳهين هونديون هيون. ڪيترين جڳهين جو مالڪ، پر توهان کي عجب لڳندو. سچي ڳالهہ اٿو، ڇو جو اُن سان منهنجو گهرو رستو هو. هميشهہ ست ڏينهن اُبتي خميس پائيندو هو ۽ ست ڏينهن سبتي خميس. ١۴ ڏينهن ڪانپوءِ خميس لاهيندو هو. جدا جدا قسمن جا لوڪ آهن.

”ڀانت ڀانت ڪي لوڪ هئہ، تلسي اِس سنسار!“

هڪڙي ماڻهوءَ بابت پياري دادا آسان سان ڳالهہ ڪئي. چيائين، هڪڙو ماڻهو مدارس ۾ هوندو هو. لوڪن جو هن ۾ ڏاڍو اِيمان هوندو هو. هڪ ميٽنگ ۾ ڇو نہ هڪ ماڻهوءَ ڪاوڙ ۾، غصي ۾، جوش ۾ اُن کي چماٽ هنئي. چماٽ جو هن شاهوڪار ماڻهو کي لڳي. چيائين، هينئر مان پنهنجو مُنهن ڪٿي ڪئي ٻين کي ڏيکاريان. موٽيو آهي گهر. واٽ تان رَسي خريد ڪري ويو. اُها ٽنگي ڀاڻ کي اُن ۾ ڦاسي ڏنائين.

”ڀانت ڀانت ڪي لوڪ هئہ“

سنساري جيو جو، جو وجي ٿو ڦاسي ترشنائن ۾. چوي ٿو:-
”مان ٿوريئي ڦاسندس.“ ڪراچيءَ ۾ هڪڙو ماڻهو ستسنگ ۾
ايندو هو. پوءِ ڪي ڏينهن مون هن کي ستسنگ ۾ ڪين ڏٺو.
مون کي گڏيو. مون چيومانس:- ”توهين ستسنگ ۾ نٿا اچو.“
چيائون:- ”ستسنگ ۾ نٿو اچان، جو پراُپڪار جي ڪم ۾ لڳو
آهيان.“ چيومانس:- ”ڪهڙو پراُپڪار ويٺو ڪرين؟ ٻئي وقت
نٿو ڪري سگهين ڇا؟“ چيائين:- ”نه. پراُپڪار جو ڪم ٿئي
ٿو اُن وقت، جنهن وقت ستسنگ ٿو ٿئي.“ ”اهو وري ڪئن؟“
چيائين:- ”ڪلب ۾ هڪڙو منهنجو مترو وڃي جوئا ۾ ڦاٿو آهي.“
شايد ڪلب ۾ جوئائون ٿينديون آهن. مان ڪڏهن ڪلب ۾
ويو ڪونه آهيان. مان چئي نٿو سگهان. توهان کي خبر هوندي.
وڏيڪ چيائين:- ”ڪلب ۾ جوئا ۾ وڃي ڦاٿو آهي. هاڻي مان
اُن کي ڇڏائڻ ويندو آهيان. مان وڃي اُن کي پنهنجو سنگ
ڏيندو آهيان. هو جوئا کندو آهي، مان وڃي سندس پرسان
وهندو آهيان. پوءِ آهستي آهستي ڪري منهنجو ويچار آهي
ته هن کي اِن جوئا مان ڪيدان.“ مون چيومانس:- ”تون ته
ڪونه ڦاسجي پوندين.“ چيائين:- ”نه، نه! مان ڇو ڦاسجي پوندس.
مان اَهڙو پختو آهيان. مون هيڏو اَڀياس ڪيو آهي. مان ڪئن
ڦاسندس؟“ ٿورا مهنا گذريا. مون سان ڪنهن ڳالهه ڪئي. چيائين
ته جنهن متر کي ڇڏائڻ ويندو هو، تنهن کان وڏيڪ هي ٿو
جوئائون ڪري. وجون ٿا هن ويچار کان ته ڦاسنداسين ڪونه.

پوءِ پياري دادا اَسان کي ڏاڍو سٺو مثال ڏنو مڪڙ جو.
پياري دادا چيو:- ڇمڇي ۾ ماکي پيئي آهي. مڪڙ چوي ٿي:-
”مان ماکيءَ جو سواد وٺان. تمام سنڀال سان ويندس. مان ڦاسندس

ته جيڪر چوي هي مست آهن ڇا؟ سنساري جيو هي ڳالهيون نه سمجهندو. سنساري جيو سمجهي ٿو ته هي سڀ جيڪي هلي پيو، دڪان هلن پيا، آفيسون هلن پييون، منهنجي ڪري پييون هلن. مان هيڏانهن هوڏانهن ٿي وڃان ته قصوئي بيهي ويندو. پيارا! تون هيڏانهن هوڏانهن ٿي ته ڏس. پاڻ وڻندو.

پهرئين قسم جو انسان ترشنائن پٺيان پيو ڦري. ويچارو ڏاڍو پيو پٽڪي. اَنڪي ٿو. ڏاڍو ويسر ۾ آهي. اُن سان پريوءَ جون ڳالهيون ڪريو، چوندو، اهو ڳالهيون مون سان نه ڪريو. پوءِ دڪ جو ڇهبوڪ لڳي ٿو. دڪ ڪي وڏي معنيٰ آهي. توهين چوندا آهيو، پريوءَ دڪ ڇو خلقيو آهيَ؟ جي دڪ نه خلقي ها ته مون جهڙن انسانن جي ڳتي ٿئي ئي نه ها. دڪ جو ڇهبوڪ لڳي ٿو. ٿوري سجاڳي اَچي ٿي. پريوءَ ڏي ويچار وڃن ٿا. پريو! مون توکي وساريو آهه، اِن ڪري تو مون کي دڪ موڪليو آهه. پر مان هاڻ توسان اَنجام ڪريان ٿو. هي دڪ تون منهنجو ڪٽي ڇڏ، وري مان ڪڏهن نه وساريندس. دڪ وڃي ٿو، وري وساري ڇڏيون ٿا. اِن ڪري وري بيو ڇهبوڪ کپي. اَهڙيءَ طرح هي ويچارو سنساري جيو چڪر ۾ پيو ڦري. اوچتوئي اوچتو ڪال اَچي ٿو ڳچيءَ کان پڪڙي:- ”چل ميري ڀائي!“ مانک جنم جو وجهه جنهن کي ڪوليو اَٿن، سو ته هٿن مان هليو ويو. Golden oppertonity of the human birth. پاڇن پٺيان ڊوڙون پائيندي ويو. کهڙين نه ڳالهين ۾،- ٻين مان نقص ڪڍڻ ۾، ٻين مان ترٽيون ڪڍڻ ۾، پاڻ کي سڀن کان بهتر سمجهڻ ۾،- اِئين اَسان جو سڄو وقت وڃي ٿو.

پياري دادا ساڌو واسوانيءَ اَسان کي مٺو مثال ڏنو هو

مون کي پنهنجا فرض پالن ڪرڻا آهن، پر هڪ ڪِن ٻه مان دل جي اَندر نہ سمجهان تہ ڪجهہ منهنجو آهي، پرمارٿِي جيِو جي پڪار هيءَ آهي:-

”تذ آگي اَرداس هماري، جيئہ پنڊُ سڀ تيرا“

”جيئہ“ معنيٰ animate, living principal ، پِنڊُ معنيٰ inanimate principal

Matter and spirit both belong to you, O Lord!

”ڪهہ نانڪ سڀ تيرِي وڏيائي، ڪوئِي نانءُ نہ جاني ميرا!“

پريِو! مان ڪجهہ ڪين آهيان. وڏ ﷺ وڏ پڳل اوزار آهيان تنهنجي هٿ ﷺ، جنهن اوزار دواران تون ويٺو پنهنجو ٿورو ڪجهہ ڪم ڪرين. مان ڪجهہ ڪين آهيان. پرمارٿِي جيو کي اِها پڪ آهي. اُن کي جي توهين چوندا:- ”تون هيڏا ويٺو ڪم ڪرين. تون ويندين: پوءِ ڇا ٿيندو؟“ اَڙي، جيڪو هينئر ويٺو ڪم ڪري، اُهو پوءِ بہ ڪندو. مان بيشڪ مري ويندس: اُهو تہ اَمر آهي. اُهو ويٺو ڪم ڪري. اُن کي چنتا ٿئي ٿِي ڪين.“ ورِي ورِي توهين اُن کي چئو:- ”اَڙي، هيڏا ڪم ٿو ڪرين. ڪجهہ خيال ڪرين ٿو.“ خيال مون کي ٿوريئي ڪرڻو آهي. پوري وقت تي هوُ ڪنهن نہ ڪنهن کي موڪلي ٿو. اِها اُن کي پڪ آهي تہ ڪم ڪندڙ هڪ آهي. ”ڪرڻ ڪراوڻ هار سوامي!“ اُهو هڪ آهي، جو ويٺو ڪري. سندس ڪرپا آهي. جيستائين ڪرپا اَٿس، هن اوزار دواران ويٺو ڪم ڪندو. جي ٿورِي ئي ڪرپا ويئي تہ اوزار ڍيري ٿي ڪِري پوندو. سڀ اُن جي ڪرپا! پرمارٿِي جيِو جي اِهَا نشانِي آهہ. ڪجهہ بہ پنهنجو ڪو ڪري سمجهي. ٻاهرينءَ طرح اِئين هلندو،

ڪين. مان رگهو ٿورو سواد ولندس." اِنهيءَ ويچار سان وجي ٿِي. اَصل تي ٽنگون رکي ٿِي ماڪيءَ ڪان پري. پوءِ رگهو ڇهنب پيئِي نڪرندي اَٿس. اَهڙيءَ طرح وڃي ويٺي آهي. سِسُ ڪيڏي چڪي ويٺي. چڪيو جو اَٿس، سواد جو ورتائين: سڀ وسري ويس. هڪ ٽنگ ڦاٿي، ٻي ٽنگ ڦاٿي، ٽين ٽنگ ڦاٿي، چوٿين ٽنگ ڦاٿي، پنجين ٽنگ........ جيتريون بہ ٽنگون هئس، سڀ ڦاسي پيس. ڪيس خبرئِي ڪونہ پيئِي. جڏهن سواد ولي پورو ڪيائين، ڇيائين، هاڻ جيڪر اُڏامي وڃان. ڏٺائين تہ اُڏامي ئِي نٿي سگهي.

سنساري جيوَ جي اِها حالت آهہ. اِنهيءَ ڪري سنڀال ڪريو. اَسين سمجهون ٿا تہ اَسين ڦاسنداسين ڪين. پر هي مزو، هيِ سواد، اَسان کي اَهڙو ٿو پردي ۾ ويڙهي ڇڏي، جو سڄو هوش نڪري ٿو وڃي. پر ٻئي قسم جو جيو، پرمارٿي جيو، اُن کي خبر آهي تہ هيِ سڀ فانِي آهي. هيِ سڀ ڪُوڙ آهي، اَنتيہ آهي. بيشڪ، اُن جِي ضرورت آهي، ڇو جو اَسين هن سنسار ۾ رهون ٿا. We live in an association with the matter. تنهنڪري معدي جِي ڏاڍي ضرورت آهي. توهان مان ڪي گرهست آشرم ۾ آهيو. توهان کي تہ پرمارٿ جِي ضرورت آهي. توهان کي ضرور ڪپڙا کپنديون. هيئنئر تہ جڳهہ مسواڙ تي بہ ملي نٿِي. پئسا ضرور کپن. اُنهن کي بہ جڳهہ آهي. پر پرمارٿِي جيو کي پروڙ آهي تہ هيِ سڀ فانِي آهي، اَنتيہ آهي. منهنجا پٽ، منهنجون ڌيئرون، منهنجا مٽ مائٽ منهنجا ڪين آهن. مان هِت آيو آهيان ڪنهن ڪرم جي قانون سان پنهنجا فرض اَدا ڪرڻ واسطي. اِن ڪري

ڪي هڪ ڳالهه ياد ڪرڻ گهرجي تہ اِهي رنڌڪون هوُ نہ ٿا وجهن، پر پرپوءَ جي رٿا اِهي رنڌڪون وجهي ٿي. اِنهن رنڌڪن ڪي مُنهن ڏيڻ سان منهنجي اَندر جي شڪتي ڪلندي ۽ مان هتي آيوئي اِن ڪري آهيان. منهنجا پنج لک ڪٽي ويا يا ڏه لک ڪٽي ويا. سمجهائون تہ مون کي لڳيو اَٿن، پر منهنجي اَندر تہ چت شانتيءَ جو چشمو کليو نہ. سنساري جيو سمجهي ٿو، مون کي اَڌ ڪروڙ مليو، مون کي سڀ ڪجهہ مليو. پرمارٿي جيو چوندو، منهنجو اَڌ ڪروڙ کجي ويجي تہ منهنجي اَندر ۾ چت شانتي کلي. پنهنجي ڌرم سان سچو ٿئي. سچي ڀارت جي سپيتا هنن چئن اَکرن ۾ آهي:- ”ستيم وِد، ڌمر چر“. اِهي چار اکر اَسان پڪڙيا، اَسان ڀارت جي سنسڪرتيءَ کي وجي جهليو. ڇا بہ ٿئي، کهڙي بہ حالت ٿئي، سچ کان اَسين پري نہ رهون، ستيہ تي رهون. ”ستيم وَدَ“: توکي ڦاهيءَ تي چاڙهين، پل چاڙهين. چيائين، پل مون کي هڪ سؤ ڀيرا توهين ڦاهيءَ تي چاڙهجو. هڪ ڀيرو چاڙهي، مون کي ماري وري مون کي چاڙهجو. ”ڌمر چَر“: ڌرم سان پنڌ ڪرڻ. ڪابہ رنڊڪ تو وٽ اَچي، تون اَپني توڙ نباهہ، اُسڪي وو جاني.

سوال:- طاقت ڪيئي.

دادا:- طاقت، طاقت وارو ڏيندو، جي اَسين طاقت واري کي نهاريندا سين. پر جي اَسين پاڻ ڏي يا پنهنجن مترن ڏي يا پنهنجن ڀاتين ڏي نهاريندا سين تہ طاقت ڪونہ ملندي. طاقت، طاقت واري وٽان ملندي. اَسان سان گڏ آهي: اَسَان جو ساٿِي آهي،- جنم جنم جو ساٿِي. گروجن چون ٿا:

”دين درد دکہ ڀنجنا، گهٽ گهٽ نات اَنات:

جڻ اَسان ڪانسواءِ ٻيو ڪو پيارو هن ڪي آهيئي ڪونہ. ايڏو پيار اَسان ڪي ڏيکاريندو، جنهن جو اَنت ئي ڪونهي. پر دل جي اَندر اُداسي، دل جي اَندر ويراڳي، ڇو جو ڪيس پروڙ آهي، ”ڪو ڪاهوُ ڪو ناهين!“ ڪوبہ پنهنجو ڪين آهي. (١) سنساري جيو، (٢) پرمارٿي جيو. توهين ڇا ٿيڻ چاهيندا؟ سنساري يا پرمارٿي؟

”پانت پانت ڪي لوڪ هئہ، تلسي اِس سنسار!“

اِهي ٻہ main cartegories آهن. توهين ڇا ٿيڻ چاهيندا؟ مان توهان کان اِئين نہ ٿو پڇان تہ توهين ڇا آهيو؟ پر توهين ڇا ٿيڻ چاهيندا؟ ڪهڙو آدرش پنهنجي اڳيان رکڻ چاهيندا؟ هن جهنجهٽ کان ڇُٽو: هن جهنجهٽ ۾ ڪنچاتاڻ آهي. پنهنجا فرض پالن ڪريو، پنهنجا ڏنڊا وهنوار هلايو. توهين ڏسندا جڏهن توهين اِن پاوَ ۾ ڪم ڪريو ٿا، توهان جي ڪم تي وڏيڪ آسيس اَچي ٿي ۽ توهان جي ڪمن دواران ٻين گهڻن تي آسيس اَچي ٿي. ڪيترا پوءِ اَسان ڪي چوندا آهن ,تہ اَسين پرمارٿي ٿيون تہ پوءِ دنيا ڪيئن هلندي. سائينءَ جي دنيا ۾ توهان کي اَچي چنتا لڳي آهي. هوُ هلائيندڙ ويٺو هلائي.

”پانت پانت ڪي لوڪ هئہ، تلسي اِس سنسار!“

پريو! تون اَسان تي ڪرپا ڪر! اَسين بہ تنهنجي چرنن جي نزديڪ اَچون! چرنن جي نزديڪ سيڪي اَٿو. چرنن ۾ پريم اَٿو، چت شانتي اَٿو: آنند اَٿو. چرنن ۾ سچو خزانو آَٿو. پر اِها پروڙ پوي ٿي جڏهن ٿورو ڪجهہ پرمارٿ جو ويچار اَسان جي دل اَندر اُٿي ٿو، نہ اُن کان اڳہ. پرمارٿي ٿيڻ لاءِ ڪيترا اَسان جي راهہ ۾ رنڊڪون وجهن ٿا. اُن وقت اَسان

آهي؟ جيڪي تو ڇڏيو آهي، سو ڪجھ ڪين آهي. ڪچرو آهي. ٻار وڃي سمنڊ جي ڪناري تي راند ڪئي. هڪ وڏو مليءَ جو محلات ٺاهيائين. آئي جا لهر، محلات ڪٽي ويئي. وڏو محلات ٺاهيائين. ٻار ويهي روئڻ لڳو. تڏهن مائٽن چيس:- ”روئين ڇو ٿو؟“ چيائين:- ”منهنجو سچو محلات هليو ويو.“ ”اَڙي!“ چيائونس:- ”محلات هوئي ڪٿي؟“ هن سمجهيو ته محلات منهنجو هو. محلات ڍهي ويو. ويهي رُنائين. پر آهي ئي ڪجھ ڪونه، جو ڇڏيو اٿس.

هڪڙو سنت ستسنگ ۾ ويٺو هو. هڪ وڏو شاهوڪار ماڻهو آيو. ڪروڙپتي هو. تنهن کي چيائين:- ”اَڙي ويراڳي! اَڙي تياڳي! تون منهنجي پرسان ته اَچي ويھ.“ شاهوڪار هِت هُت نهاريو. چيائين:- ”مان ته ويراڳي ڪين آهيان. مان ته تياڳي ڪين آهيان. مان ته لک ڪروڙ ويٺو ڪمايان.“ وري سنت چيس:- ”اَڙي ويراڳي! اَڙي تياڳي! تون ته منهنجي پرسان اَچي ويھ.“ چيائين: ”سائين! ڪنهن جي لاءِ ٿا چئو؟“ سنت چيو:- ”توکي ٿو چوان.“ شاهوڪار چيو:- ”مان ويراڳي ڪئن ٿيس؟ سائين! مان ته سنسار جي پٺيان پيو ڊوڙون پايان.“ سنت چيس:- ”تون آهين وڏو ويراڳي. مون ڇڏيو ڇاهي؟ مون ته ڪجھ ڪين ڇڏيو آهه. تون سڀ ڪجھ ڇڏي ڪجھ ڪين جي پٺيان پيو ڊوڙون پائين. معنيٰ تون وڏو ويراڳي آهين. مان ته رڳو ٿورو ڇڏيو آهي،- پئسو پدارٿ، اِندرين جو عيش آرام، سواد، مزو، ماڻهن جي مان ٻرائي. مون ته ٿورو ڇڏيو آهي. تون ته گھڻو ڪجھ پيو ڇڏين ۽ تون ٿوري پٺيان پيو ڊوڙون پائين.“

جڏهن اِها پروڙ پوي ٿي، ايڏي خوشي اَچي ٿي، ابڊو

سرن تماري آئيو، نانڪ ڪي پرڀ سات."

هميشه سائي آهي. جنم جنم کان سائي آهي. اُن ڏي نهاريو. جي اَسين اُن ڏي نهاريندا سين، جنهن اَسان کي تڪليف ڏني يا جنهن اَسان سان ڌوه ڪيو يا جو اَسان سان لڳي ڪري ٿو چاهي ته پوءِ جيڪا شڪتي هوندي، سا به نڪري ويندي.

"پانت پانت ڪي لوڪ هئ، تلسي اِس سنسار!"

جڏهن اِهو ويچار اِنسان کي اَچي ٿو ته ويراڳ اَچي ٿو. ويراڳ آهه پهريون ئي پهريون قدم پرمارٿ جي راه ۾. جڏن نه وڏيڪ وڏيڪ پروڙ پوي ٿي ته جن ڳالهين پٺيان مان ڊوڙون پيو پايان، آهن ڪجهه ڪين، تُڇ آهن، پاڇا آهن. اَنتڪال جو وقت اَچي ٿو، ڏسون ٿا، ڪٿي نه هٿن مان کسڪندا پيا وڃن. ڪنهن کي به جهلي نٿو سگهان. نه جڳهيون، نه متر مائٽ، نه پٽ ڌيئون، نڪي اِستريءَ کي جهلي سگهان ٿو. ڪنهن کي نٿو جهلي سگهان. ڪيڏو به وڏو عهدو هو،- مان گورنر هوس، مان پرڌان منتري هوس، مان چيف منسٽر هوس،- اُن عهدي کي به جهلي نٿو سگهان. جڏهن اِها پروڙ پوي ٿي تڏهن اِنسان ٿورو ڪجهه ويراڳيه ڀاوَ ۾ وڃي ٿو.

سوال:- اِنسان پوءِ depressed ٿئي ٿو.

دادا:- ٻه ڳالهيون آهن. (١) اِنسان depression ۾ اَچي ٿو، ڇو ته ويراڳ پوري ڀاوَ ۾ قبول نه ڪيو اٿس. جي ويراڳ پوري ڀاوَ ۾ قبول ڪري ته کيس خبر پوي ته مان ڪيڇ ڪين ڏيئي سڀ ڪجهه وٺو وٺان. depression ٿئي ٿو ڇو ته سمجهي ٿو ته مان سڀ ڪجهه ڇڏي ويٺو آهيان. اَڙي! تو ڇڏيو ڇا

وڃ. منهنجي نالي وچي وينتي ڪرين تہ توکي موڪل ڏين تہ تون اِستيفا واپس وٺين. تون ويندين هلي: اُت توکي ڪجھ ڪين ملندو ۽ تنهنجي ماءُ جي سنڀال ڪير لهندو؟" هن نوجوان وڃي وينتي ڪئي ۽ يڪدم اِستيفا واپس ورتائين. اَسين سنڌ ۾ موٽي آياسين. ڇهن مهنن ڪانپوءِ وري هن ڇوڪر جو خط آيو. خط ۾ لکيائين تہ "مون توهان جي ڳالھ نہ مڃي. مون ڏاڍو پڇتايو آهي. مون اِستيفا بيشڪ واپس ورتي. توهين ويا. مهني ڏيڍ ڪانپوءِ وري مون کي جوش آيو، مون اِستيفا ڏني. پوءِ مان ويس ڀهاڙن تي. ڀهرينءَ ئي رات جو مان ويٺو هوس؛ مون پئي سمجهيو، مان ڌيان ۾ ويٺو آهيان. پوءِ آواز ٻڌم. نهاريم: ڏٺم تہ پريان هڪڙو سفيد رڇ ڪاهيندو ڪاهيندو پيو مون وٽ اَچي. مون وٺي ڊوڙ پاتي مٿان هيٺ. ۽ ڇيم، وري نہ وهندس. هاڻي منهنجي نوڪري ويئي آهي ۽ نہ ڪو ڀهاڙن تي ئي وڃي سگهان."

ويراڳہ اِن ۾ ڪونهي. ويراڳہ آهي اَندر ۾، جنهن کي شري ڪرشن چوي ٿو من جو ويراڳہ. That is too difficult. ويراڳہ آهہ اَندر جو ويراڳہ. It becomes easy with the grace of God. ڪيترا آهن، ٻاهران ويراڳي: اَهڙا ٿيندا آهن. هيئن ويٺا هوندا آهن. اَسين وڃي اُنهن کي پيري پئون. پر سندن اَندر سڀو غير پيو آهي.

ٻُخارا ۾ هڪڙي ماڻهوءَ چيو تہ مان اَجايو پيو چوريون ڪريان، تنهن ڪان ڇو نہ ويراڳي ٿيان. هڪ وڻ هيٺ پلٿي ماري اَچي ويٺو. وڻ جي ٿُڙ ۾ هڪ وڏو سوراخ هو لوڪن کي چوندو هو:- مان ڪان ڪجھ ڪين. هوا. تي رهندو آهيان.

آنند اَچي ٿو. depression ته ڇا، پر اُتي ۱۰۰ ڇٽا Depressed تنهنجي اَڳيان اَچي وڃن، اُهي به جيڪر خوش ٿي وڃن.

(۲) بي ڳالهه ته لوڪ چون ٿا ته هي آسان ڪان ويو. لوڪن کي نه ڏيکار. لڪاءِ. ويراڳ ۾ وڃ. ٻاهران اُنهن کي اِئين ڏيکار، ڄڻ تون بلڪل معمولي اِنسان آهين. اِها اَئيئي طرز، جنهن طرز سان رهي اَسان کي وڃي پريوءَ کي پائڻو آهي. گيتا ۾ شري ڪرشن ڀڳوان هي اکر ڪم آڻي ٿو ”ڪرم ڪؤشلم“. ته ڪؤشلم سان ڪم ڪرڻو آهي. طرز سان ڪم ڪرڻو آهي. پوءِ ويراڳ ڀاوَ ۾ اَسين وڌون ٿا. ويراڳ اِن ۾ ڪينهي ته مان تلڪ لڳائي وڃان يا مان گيرو رتا ڪپڙا پائي وڃان. ويراڳ اِن ۾ ڪنيهي ته مان پنهنجي ٻچن ٻارن کي، اِستريءَ کي، مائٽن کي ڇڏي ڏيان.

جمشيدپور ۾ اَسين وياسين. پياري دادا وٽ هڪ نوجوان آيو. پياري دادا کي چيائين:- ”مون کي اَندر ۾ وري وري پيو ويچار اَچي ته ويراڳي ٿيان. گهڻو وقت سنسار جي ڀٽيان ڊوڙون پاتيون اٿم.“ پياري دادا پڇيس ته ”گهر ۾ توهين گهڻا ڀاتي آهيو؟“ چيائين:- ”مان ۽ منهنجي ماتا.“ پياري دادا پڇيس:- ”تنهنجي ماتا جي عمر گهڻي آهي؟“ چيائين:- ”منهنجي ماتا ٻڍڙي آهي. اُن کي ٻيو ڪو آهي ڪونه، جو اُن کي پالي. مان ئي هڪ پٽ آهيانس.“ پياري دادا چيس:- ”اَصل نه! ماتا کي اَصل نه ڇڏج. تون پنهنجي ماتا جي شيوا ڪري ئي پائيندين. اُن مان توکي پراپتي ٿيندي. سنسار ڇڏي ويندين، توکي پراپتي ٿيندي ڪين.“ نوجوان چيو:- ”مان ته اِستيفا ڏيئي آيو آهيان.“ پياري دادا کيس چيو ته ”تون

”فقير صاحب! ٿورو وقت چو؟ جيترو وقت توکي کپي، تون ڪڍ. پر ڏجانءِ سوگهي موٽائِي. هيءَ ڏاڍي مهانگِي منڊِي آهي. اِها منڊي پاتائين: پوءِ لاٿائين. هيٺن هونٺن نهاريائين. بادشاه کي چيائين:- ”بادشاه! نهار، نهار! ڏسين ٿو؟ ڏسين ٿو؟“ بادشاه چيو:- ”مان تہ ڪجهہ ڪين ٿو ڏسان. مان تہ فقط نديءَ جون لهرون پيو ڏسان.“ ”اَڙي!“ چيائين، ”ڏسين ڪونہ ٿو، هي نديءَ جو ديوتا مون وٽ آيو آهي. مون کي چيو اَٿس تہ توکي جيڪا هيءَ منڊِي هٿ ۾ آهي، سا مون کي ڏج.“ فقير منڊِي پاڻيءَ ۾ اُڇلائِي. بادشاه اَڇِي هيٺين هونٺن ٿيو. نہ تہ بادشاه ڪروڙن جو خاوند هو. چيائين:- ”ههڙِي منهنجِي منڊِي: مون کي اَلائي ڪٿان مليِ. اَهڙو هيرو تہ توکي ٻئي ڪنهن هنڌ ملندو بہ ڪين. فقير سائين! تو هِي ڇا ڪيو؟ نہ مون کان پُڇيئہ، نہ ڪيئہ. مون توکي ڏني ۽ چيومانءِ تہ سوگهي رکج ۽ واپس ڪج. جيترو وقت کپيئِي، پِيو رکج.“ فقير چيس:- ”راجا! تون دکي ڇو ٿو ٿين؟ کهڙِي وڏي ڳالھ آهي؟ مان توکي وري هن نديءَ جي ديوتا کاَن وٺِي ٿو ڏيان. اُن کي ڏني اَٿمَ. ٻئي ڪنهن کي ٿوريئِي ڏنِي اَٿمِ.“ چيائين:- ”نديءَ جا ديوتا! هاڻ مهرباني ڪر. منهنجي بادشاه کي ڏاڍو دکہ ٿيو آهي. مان اُهو سَهِي نٿو سگهان. هاڻي ڪرپا ڪري مون کي اِها منڊِي وري واپس ڏي.“ ”واپس وٺ...... بادشاه!“ هوءَ جيڪا منڊِي اُڇَلِي هئائين، اُها ڪوڙِي اُڇلِي هئائين. بادشاه چيو:- ”سائينَ! هاڻ مون کي توهين پنهنجو شش ڪري قبول ڪريو. مون کي گر منتر ڏيو. مان توهان جي شيوا ڪرڻ ٿو چاهيان.“ بادشاه ٿيو شش تہ سڄِي رعيت شش ٿِي پيئِي. هن جو اُن ڏينهن

تہ بہ لوڪ وٽس ميوا مڃايون ڪٽي اِيندا هئا. هي جنهن وقت ڏسندو هو تہ ڪو ماڻهو ڪونهي تہ اُهي ميوا مڃايون ڪري پنيان ڦٽا ڪندو هو. وري ڪي ماڻهو اِيندا هئس تہ اُنهن کي چوندو هو تہ مان توهان کي ڇوُ منتر ۾ مڃائي آٽي ڏيندس. پوءِ رڳو هٿ هيئن ڪندو هو. ماڻهو چوندا هئا:- ”هو ڪجھ ڪين، پوءِ هي ڪٿان آيو؟“

هن جي ساک ويئي وڌندي. وڃي بخارا جي بادشاه تائين پهتي. بادشاه چيو:- مان بہ هن وٽ ويندس. بادشاه اَچي هن کي مليو. بادشاه کي ڏيکاري ٿو تہ مان ويراڳي آهيان. مون کي ڪنهن بہ چيز جي ضرورت ڪين آھ. پيو پيرو بادشاه آيو. ٽيون پيرو بادشاه آيو. ڏٺائين بادشاه کي آڱر ۾ منڊي پيئي آهي، جنهن ۾ ڏاڍو وڏو هيرو پيو آهي. بادشاه تہ وڏي ۾ وڏا هيرا پائيندا آهن. مون کي چوندا آهن ١٢ ڪئرٽس جو وڏي ۾ وڏو هيرو ٿيندو آهي. بادشاه کي شايد ٢٤ ڪئرٽس جو هوندو. منڊيءَ جو نمونو ڏٺائين. ٻئي ڏينهن وڃي ساڳئي نموني جي منڊي ڪوُڙي ٺهرائي هٿ ڪري آيو. اُها ڪٽي ويٺو. بادشاه هن وٽ آيو. چيائينس:- ”بادشاه! منهنجي دل ٿي آهي تہ نديءَ ۾ ٻيڙيءَ ۾ هلي سير ڪريون.“ چيائين:- وڏي ڳالھ ٿوريئي آهي. منهنجي لانچ بيٺي آهي، مان اُن ۾ توکي وٺي هلندس. تون جيترو وقت گهمڻ چاهين، پيو گهم.“ وقت مقرر ڪيائون.

اُن ڏينهن ٻئي ويراڳي ۽ بادشاه اُن لانچ ۾ ويا. بادشاه کي چيائين:- ”بادشاه! هيءَ جيڪا توکي منڊي پيئي آهي، سا جيڪر مون کي ٿورو وقت ڏين تہ مان ڏسان.“ بادشاھ چيو:-

ترشنا. ترشنا آهي جا اَسان کي اَتڪائي ٿي، اَسان کي ٻڌي
ويٺي آهي. اِن ڄار کان اَسين ڪيئن ڇٽون؟

"پانت پانت کي لوڪ هئه، تلسي اِس سنسار"

مان چاهيان ٿو تہ مان پرمارٿي ٿيان: اِن ڪري مان
چاهيان ٿو مان ويراڳيه پاو ۾ وڌان، سرير جي ۽ من جي قيد
کان ڇٽان. ڪين ڇٽان؟ ٻہ رستا ڏيکاريا اَٿن. هينئر ڪي روحاني
نيتا نڪتا آهن، جي چون ٿا تہ جي ترشنا ٿئي، سا وڃي پوري
ڪريو. پوري ڪندا، توهين ڇٽندا. ترشنا جي توهان هڪ پوري
ڪئي تہ ڏهہ ٻيئيون هونديون. ڏهہ پوريون ڪندا تہ هڪ سؤ
ٻيئيون هونديون. اِهو فيصلو اُپنشدن جي رشيءَ هزارين سال
اڳ ڪري ڇڏيو. چيائين تہ ترشنا کي جو سِڌ ڪري ٿو، اِن
ويچار سان تہ مان آزاد ٿيان، سو اُهو ڪم ويٺو ڪري جي
ڪو ماڻهو چوي تہ مان باهہ وسائيندس گيهہ سان. گيهہ وجهندا
تہ پاڻ باهہ ويندي وڌندي، ويندي چڙهندي.
اَڄ ڪلهہ ڪيترا آهن جي اِها سکيا ڏين ٿا.
I will eat the cake and have it also مان ڪيڪ کائيندس بہ ۽ ڪيڪ
مونکي ملندو بہ. اَڙي، ڪيڪ کاڌءِ تہ خلاص ٿيو. ملندءِ ڪٿان؟
ٻہ ڳالهيون ٿي ڪونہ سگهنديون.

ٻيو رستو آهي ترشنا کي تيج ڪرڻ جو. ترشنا کي تيج
ڪريو. سجاڳ ٿي رهون، چؤڪيدار ٿي رهون. اُٿ جاڳ، چؤڪيدار!
رهہ هوشيار! چوويهہ ئي ڪلاڪ پاڻ تي پهرو ڏيڻو آهي. پوءِ
اَهڙي اَوسٿا ٿئي ٿي جو ننڊ ۾ بہ اَسين چؤڪسي ڪريون
ٿا. ڪيترا ڀيرا ننڊ ۾ ترشنا گهڙي اَچي ٿي، پر جي اِنسان
جو اَڀياس ڪيل آهي تہ ننڊ جي وقت بہ هوشيار آهي. پر

ڪان وٺي ڏنڊو اَهڙو وڏندو ويو، جو بس. ماڻهو وٽس اَچن. پئسا، سون، زيور ڪٺي اَچنس. سڀن کي چوي:- ”مون کي ڪجهه ڪين.“ پر هُو رکي وجن. پوءِ سون جيڪو ڪيس ملي، سو وجي لڪائيندو. پئسا ڪونہ ڪٺي. هن جو اَهڙو نالو چڙهيو تہ ”هي ورڪت اِنسان آهي. هن جي دل نہ پئسي ۾ آهي، نہ ڪنهن ٻي چيز ۾.“

هڪ ڏينهن هڪ وڏو اَمير ڳوٺ جو راجا وٽس آيو. هن جي چٽ ۾ هيرا هئا. هن ڏٺو. چيائين:- ”هڙو سٺو، ملهائتو، مهانگو چٽ مون ڪڏهن ڪنهن کي پائيندو ڪونہ ڏٺو آهي.“ هن کي چيائين:- ”اِهو چٽ جيڪر مون کي هڪ ڏينهن ڏين. منهنجي دل وجي لڳي آهي. منهنجي دل هونئن ڪنهن سان لڳندي ڪونہ آهي، پر ٿوري گهٽي دل وڃي تنهنجي چٽ سان لَڳي آهہ. مان جيڪر چٽ پاڻ سان هڪ ڏينهن رکان. سڀاڻي چٽ تون مون کان وٺج.“ اَمير چيس:- ”فقير سائين! سڀ ڪجهه توهان جو آهي. ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي. سڀان وري مان توهان کان اَچي وٺندس.“ اَمير هن کي چٽ ڏنو. هي اُن رات جو ئي گم ٿي ويو. سڄي شهر ۾ هاءِ هاءِ ٿي ويئي. ڪيڏانهن ويو؟ خبر ڪونہ آهي.

ڪيترا آهن جي ڏسڻ ۾ ويراڳي: پر سچي ويراڳي ٿيڻ لاءِ اَسان کي هن ترشنا جي جار کان ڇٽڻ گهرجي.

ڇا آهي جو اَسانکي سنسار سان ٻڌي ويٺو آهي؟ ڏسون ٻہ وينا تہ بابا گيا، دادا گيا، ڀائي گيا، مترَ گيا، پاڻ سان ڪجهه ڪين ڪٺي ويا. مان ٻہ اِڪ ڏينهن ويندس هٿين خالي. پروڙ هوندي ٻہ اَنڪي ٿا پئون. ڇا آهي جو اَسان کي اَنڪائي ٿو؟

”تو واسطي! تو واسطي!“

هِي دل تخت،

هِي روحاني تخت،-

سڀاجهل! تو واسطي! تو واسطي!

هِي ڏينهن جو سڀ ڪم ڪار،

هِي رات جو عشق آزار،

تو واسطي! تو واسطي!

نوُرِي نماڻِي ڪري قربان:

پياس ۾ هِي پران پران،-

تو واسطي! تو واسطي!

[بامبي: ٦.٢.٨٧]

اُهو ٿئي ٿو اَپياس دئاران. اَسين جيڪر شروعات ڪريون.

ترشنا ڪي تيج ڪرڻ جا ڪيترا ئي رستا آهن، جن مان ڪيترا ڏاڍا ڏکيا آهن. پر سنت ستپرک اَسان جهڙن اِنسانن لاءِ سولو رستو بتائي ويا آهن. چون ٿا:- ڪرم ڪريو، پر ڦل اِڇا نہ رکو. چئو:- ”پريو! تنهنجي صدقي! ڪرشن اَرپنم! رام اَرپنم! شِو اَرپنم! واهگرو اَرپنم!“ جنهن ۾ توهان جو وشواس ٿئي، جنهن ۾ توهين پياري پريوءَ جو روپ ڏسو، اُن کي اَرپن ڪريو. اِن ڪري تپ تپ تي اَسانجي دل اَندران اِهو هڪ آواز پيو اَچي:- پريو! تو واسطي! تو واسطي! ڪم ڪريان ٿو، نہ پئسي واسطي نہ مان شان وڏائي هٿ ڪرڻ واسطي، نہ اِن واسطي تہ مونکي مزو سواد ملي: پر ڪم ڪريان ٿو، شل تنهنجي ڪمل قدمن ۾ قبول پوي! توهين چوندا تہ پوءِ اَسين ڪائينداسين ڪٿان؟ پئسا اَسان کي ڪٿان اِيندا؟ ياد رکجو ڪم سان گڏ ڪم جو ڦل اَنڪيو پيو آهي. جدا ڪري ڪونہ سگهندا. توهين اِن پاونا سان ڪريو، نہ ڪريو. توهان جي گود ۾ اَچي پوندو. توهين ڪم ڪريو پر چئو مان پئسي جي واسطي نٿو ڪريان، تہ بہ پئسو توهان وٽ اِيندو. اِهو بئي هڪ سِڪي جا بہ پاسا آهن. جي اڪر آهي تہ پوُري ضرور آهي. جي ڪرم آهي تہ ڦل ضرور آهي. اَنڪيو پيو اَهي. اَسان جي تڪليف آهي تہ اَسين ڪم ڪريون ٿا ڦل اِڇا جي ويچار سان.

It must be sublimated. If you suppress desire. you will get suppressed. Desire is stronger.

ترشنا جو مُنهن پريوءَ ڏي ڪريو. اِنڪري جيڪي بہ ڪريو چئو:-

ڌوئي ٿو. ”ورق وجوُد جو.“ وجوُد معنيٰ اَسان جي هستي، اَسان جي جيون، اَسان جي زندگيِ. پنهنجي زندگيءَ جو وَرق معنيٰ پنو صوفي ڌوئي ٿو. پنهنجي هستيءَ کي ويهي صاف ڪري ٿو. ۽ جڏهن پنهنجي هستي صاف ڪري ٿو،

”تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.“

اَسين جڏهن پاڻ کي ڌوئي صاف ڪنداسين، پوءِ ئي اَسان کي پنهنجي پريتم جو، پنهنجي محبوب جو جيئري درشن ملندو. مئي پُڄاڻان ڪير ٿو ڄاڻي؟ گهڻيئي اَسان کي اَنجام ڏيندا آهن تہ توهين اَسان وٽ اَچو، مرڻ کان پوءِ اَسين توهان کي وٺي هلنداسين پريوءَ جي دربار ۾. پر پيارا! مُئي پُڄاڻان ڪير ٿو ڄاڻي؟ جيڪي ڪرڻو آهي سو هينئر ئي، هن سرير ۾ ئي ڪرڻو آهي. هي مانک جنم جو سونو وجھ اَسان کي مليو آهي. اِن سرير ۾ اَسان کي درشن پائڻو آهي.

”صوُفيءَ صاف ڪيو، ڌوئي وَرق وجوُد جو“

اَسين صاف ڪين آهيون. ٻاهران بيشڪ اَڇا اُجرا، پائوڊر پينٽون هڻي، يَر فيوُمس هڻي پيا هلون. پر اَسان جو اَندر مَليِن آهي. اَندر صاف ڪونهي. اِن اَندر کي صاف ڪرڻو آهي.

شري اِيشا هڪ ڏينهن پنهنجن پيارن سان چانڊوڪيءَ رات جو گهمڻ ويو. واٽ تي آيو قبرستان. پوءِ قبرن کي ٻاهران چيرولي جي wash هڻندا آهن، اَڇو رنگ هڻندا آهن. چانڊوڪيءَ ۾ اِهي قبرون پئي چمڪيون. تڏهن اِنهن قبرن ڏي نهاري شري اِيشا چيو:- ”اِنسان بہ اِنهن قبرن وانگر آهي. ٻاهران چمڪي پيو: ٻاهران اَڇو اُجرو: پر اَندر سڙيل هڏيون ۽ وِچون ۽ ڪينئان پيا آهن. اَسان جي بہ، اَفسوس! اِها حالت آهي. اَسان کي

(٦٩)
مون کي صعاف ڪر!
مون کي صاف ڪر!

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

”صوُفيءَ صاف ڪيو، ڏوئِي وَرق وجوُد جو:
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پَسڻ پرينءَ جو!“

ڪهڙو نہ مٺو وچن آهي! صوُفين جي ٻاٽيءَ مان هي اکر آهن:- ”صوُفيءَ صاف ڪيو.“ صوُفِي اُهو اِنسان آهي، جنهن جي دل اَندر پياس آهي اِڪ پريوءَ واسطي. دنيا جا، سنسار جا ڪيترائي آزمودا ڏٺا اَٿائين: ڪوبہ آزمودو اَندر ڪيس جي شانتِي اَندر جو سکہ نٿو ڏئي. پوءِ سندس دل جي اَندر پياس اُٿي ٿِي تہ مان پنهنجي پريتم، پنهنجِي پريوءَ جو درشن ڪريان. سڀاڳو سو جنهن کي درشن مِلي ٿو. اُن کي ئِي سچو سکہ پراپت ٿئي ٿو. پوءِ صوُفِي ڇا ٿو ڪرِي؟ صوُفِي هڪ ئِي ڪم ڪري ٿو.

”صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئِي وَرق وجوُد جو“

ويهِي ٿو ڏوئي: ڪنهن کي ٿو ڏوئَي؟ ڪپڙا ڪونہ ٿو ڏوئي. ڪپڙا تہ هين ڪان بہ ڌٻاري سگهجن ٿا. پر صوُفِي پاڻ

اُپنشدن ۾ هڪ مٺيءَ ڳالهه جو ذڪر ڪيل آهي. هڪ راجا هو،- راجا برهم دت. ڪيترا سال راجائيِ ڪمائي اَٿائين: هينئر ورڻ اَوستا جو ٿيو آهي. ڏسي ٿو تہ منهنجا وار وڃن ٿا اَڇا ٿيندا. اَندر ۾ سُڄاڳيِ اَچيس ٿي. چوي ٿو:- ”وڏيڪ راڄ مان ڪندس ڪين. مان هاڻي راڄ پنهنجي وڏي پٽ کي ڏيئي، مان وڃي ڪنهن تپوبن ۾، ڏيان جي زندگيِ رهان، نام جو سمرن ڪريان. ڇو تہ جيستائين مونکي آتما جو ساڪشات درشن نہ مليو آهي، تيستائين اَندر جو سکہ مونکي ملندو ڪين.“ پوءِ پنهنجي پٽ کي ڪوٺي چوي ٿو:- ”پيارا پٽ! مان هينئر وڃان ٿو: راڄ ڀاڳہ توکي ٿو ڏيئي وڃان. بيشڪ، توکي هيءَ وڏي جوابداري آهي، ڇو تہ پرجا جي هِڪ هِڪ ڀاءُ ڀيڻ جي توکي سنڀال لهڻي آهي. سچو راجا اُهو، جو لوڪن جو شيوڪ آهي. تون شيوڪ ٿي رهجانءِ ۽ هِڪ هِڪ جي تون شيوا ڪجانءِ“.

اِها سکيا پٽ کي ڏيئي پاڻ وڃي ٿو تپوبن ۾. ۽ اُت وڃي تپشيا جي، ڏيان جي زندگي رهي ٿو. سج چڙهي، سج لهي، پاڻ کي چوي هيءَ سج جي روشنيِ تہ مان ڏسي سگهان ٿو. صبوح جو سج چڙهي ٿو، اُڀري ٿو. شام جو سج لهي ٿو. مان سج ڏي نهاري سگهان ٿو. مان سج جي روشني ڏسي سگهان ٿو: پر مان آتما جي روشنيِ پنهنجي اَندر ۾ ڪڏهن ڏسندس؟ منهنجي اَندر ۾ اَڃان اُوندهہ آهي. اِها روشني، اِهو آتم جو ساڪشات درشن مونکي ڪڏهن ملندو؟ هزار ڏينهن، اِئين هڏايو وڃي ٿو. هيِ پيارو ڏيان ۾ گذاري ٿو. هزار ڏينهن معنيٰ ٽن سالن کان ڪجهہ وڌيڪ وقت. هزار ڏينهن کان پوءِ جڏهن نماشام جو سج پيو لهي، اوچتوئي اوچتو ڏسي ٿو سندس

پاڻ کي ڌوئِي صاف ڪرڻو آهي ۽ جو پاڻ کي صاف ڪري ٿو، تنهن کي درشن ديدار ملي ٿو. اُهو ئي اِنسان سُکي اَٿو. شاهوڪار، ڪروڙپتي، لکاپتي، جِن کي وڏو مانُ مِلي ٿو، سنسار ۾ وڏا ودوان، فيلسوف، اُنهن کي اَندر جو سک ڪونہ اٿو.

ذڪر ڪيل آهي نارد جو. نارد ڪيڏو نہ اَڀياس ڪيو، ڪيڏي نہ وديا ورتائين. ويد پڙهيائين، اُپنشد پڙهيائين، برهم سوُتر پَڙهيائين، وئشيشڪ جي وديا ورتائين، نياءُ پڙهيو، سانکيہ پڙهيو: ڪيتروئي پڙهيائين: پر پوءِ ڏٺائين تہ مونکي اَندر جو سک تہ ملي نٿو. روئي ٿو، ڳوڙها ڳاڙي ٿو. چوي ٿو:- ”اَندر جو سُک ڪٿان ملي؟“ اَچي ٿو. سَنَتَ ڪُمار وٽ: اُن کي اَچي چوي ٿو:- ”مون هيڏي ڪوشش ڪئِي آهي، هيڏا پُستڪ، هيڏا شاستر، ويد پڙهيا اَٿمِ، اُپنشد پڙهيا اَٿمِ، پر مونکي اَندر جو سک نٿو ملي.“ تڏهن سَنَتَ ڪُمار کيس چوي ٿو:- ”منهنجا پيارا! اَندر جو سُک پستڪن پڙهڻ ۾ ڪين آهي. پستڪن مان بيشڪ اَسان کي اکري وديا ملي ٿي، پر سچو سک اَٿيئي جڏهن تون آتما جو ساڪشات درشن ڪرين.

This should be the goal of everyone of us. This should be the aim in the life of everyone of us.

هِڪ هِڪ جو اِهو مقصد ٿيڻ کپي تہ اَسين بہ آتما جو ساڪشات درشن ڪريون. اُهو، جنهن جي تلاش ۾ اَسين ٻاهر، پيا ڀٽڪون، اَسان جي اَندر آهي. فقط اَسان کي اَندر صاف ڪرڻو آهي.

”صوفيءَ صاف ڪيو، ڌوئِي وَرق وجوُد جو:
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پَسڻ پرينءَ جو!“

هجي تہ بہ اِنسان سُکي آهي. نيٺ تہ توهين سڀ سک جي تلاش ۾ آهيو. توهان کي بہ دل اَندر پياس آهي تہ اَسان کي سچو سک ملي. هڪ هڪ کي پياس آهي تہ اَسان کي سچو سک ملي. ۽ هِڪ هِڪ کي پروڙ آهي تہ اِهو سچو سک اِنهن ٻاهرين ڳالهين ۾، پئسي پدارٿ ۾، مان، شان، وڏائيءَ ۾ کونہ آهي. سچو سک تہ آهي اَندر جو.

It is an inner attitude. It is an inner interior gift.

مون توهان سان ڳالهہ ڪئي نارد جِي. نارد هيڏا پسُتڪ پڙهيا، پر کيس سچو سک ڪين مليو.

هڪ ٻالڪيءَ جو ذڪر ڪيل آهي، جنن کي سچو سک مليو، اُن جو نالو هو پنگلا. ڏاڍي سندر سندس شڪل: پوءِ سندر شڪل ڪيترا پيرا پاڻ اَسان کي ڪيرائي ٿِي. لوڪ هن وٽ اَچن ٿا، هن کي ڪيرائين ٿا. پاپ ۾ وجي ڪِري ٿِي. هڪ ڏينهن سندس روح سجاڳ ٿئي ٿو. سانت ۾ ويٺي اِڪ پشپ ڏي، گل ڏي نهاري. چوي ٿِي:- ”گل ۾ ڪيڏي نہ سونهن (natural beauty) آهي! مونکي بہ سُونهن هئي: پر اُها سونهن مون کهڙي ڪتب آندي؟ مان وجي پاپ ۾ ڪِريس.“ ستل روح هڪ هڪ جي اَندر آهي. جڏهن سجاڳ ٿئي ٿو، تڏهن ڪي نہ ڪي اَهڙا ويچار اَچن ٿا. روئي ٿِي: چوي ٿي:- ”مون واسطي ڪا اُميد آهي؟“ اَندر ۾ آواز ٻڌي ٿِي: ”پنگلا! تو واسطي بہ اُميد آهي. جي تون نئين ٽيڪ چاهين تہ وڃِي شيام سندر جي شرن وٽ.“ سڀ ڪجھ ڇڏي ٿِي. پنهنجي اڳين زندگي سڀ ڇڏي اَچي شيام جا چرن پڪڙي ٿِي. روئي ٿِي، پڇتائي ٿِي. اِهي پڇتاءَ جا ڳوڙها اَسان جي اَندر کي صاف

اڳيان اَچي هِڪ رشيِ بيٺو آهي. هيِ رشيِ کيس چوي ٿو ته "تو ڏيان ڪيو آهي، تو تپشيا ڪئي آهي: مان هينئر تو وٽ آيو آهيان توکي چوڻ ته جيڪي توکي گُهرڻو هجي، گُهر ته مان توکي ڏيان." تڏهن راجا هِن رشيءَ کي چوي ٿو:- "مونکي ٻيو ڪجھ ڪين کپي: مون کي کپي فقط اِها هِڪ ڳالهه ته مان آتما جو ساڪشات درشن ڪريان." اِهي اکر چوي ٿو ۽ سندس اَکين مان ڳوڙها ڳڙي اَچن ٿا. سندس دل اَندر اِهائي هڪ پياس هئي ته مونکي آتما جو ساڪشات درشن ملي. تڏهن رشيِ چويس ٿو ته "آتما جو ساڪشات درشن تون ڇا ڪندين؟ تون ڌن گُهر، دؤلت گُهُر، مال ملڪيت گُهُر، مان شان وڏائي گُهُر، اِندرين جو عيش عشرت آرام گُهُر: مان توکي سڀ ڪجھ ڏيان. پر تون آتما جو ساڪشات درشن ڇا ڪندين؟" پر هيِ ته راجا هو نه. سڀ ڪجھ ڇڏي آيو. کيس سڀ ڪجھ هو. پئسو پدارٿ، مال ملڪيت، سڀ ڪجھ کيس هو. راجا چوي ٿو رشيءَ کي:- "منهنجا سائين! مون کي معاف ڪندا. اِهي جيڪي توهين ڳالهيون ڇئو ٿا، مال ملڪيت، ڌن دؤلت، اِندرين جو عيش عيشرت آرام، مان شان وڏائي، اِهي سڀ سرير سان لاڳُو آهن. سرير ته آهي ناسونت. سرير ته فانيِ آهي. هي سرير نيٺ ڇا جو ٺهيل آهي؟ هڏا، چمڙيِ، ماس، ڳوڙها، موُتر، بلغم، هوا. چوي ٿو ڪُل ٺهيل اُنهن جو آهي. سرير ته گند جو گهر آهي. سرير جو سک مان ڇا ڪندس؟ مونکي اِهي شيون کپن ڪين. مونکي کپي آتما جو ساڪشات درشن، ڇو ته اُن ۾ ئيِ سچو سک آهي.

جي آتما جو ساڪشات درشن ملي، پوءِ ٻيو ڪجھ به نه

لهندو."

هڪ سرڪار آئو فرشتن جي سرڪار. توهين پاڻ کي اَرپن ڪري ڇڏيو نہ اکرن ۾. اکرن ۾ اَرپن ڪرڻ ڏاڍو سولو آهي. پائي، مان اَرپن ٿو ڪريان. ڪيترا آهن، ڪجھ بہ ڪندا آهن، چوندا آهن:- "شري ڪرشن اَرپنم! شري ڪرشن اَرپنم!" اِئين چئي ڪندا آهن، پر اُهو آهي اَکرن ۾. اُنهن جي هردي ۾ اَرپنم جو ڀاءُ ناهي. اُنهن کي ڪو ماڻهو اَچي تکو ڳالهائيندو يا اُنهن جي پوريءَ طرح عزت نہ رکندو تہ هُوَ ڪاوڙجي پوندو. اَسان کي دل سان پاڻ اَرپن ڪرڻو آهي.

ڪر پاڻ اَرپن:

ڏوءُ دل جو درپن!

شل اَندر جي صفائي ڪريون! روز روز وڃون اَندر جي صفائي ڪندا! اِن ڪري پنهنجي اِندرين کي روڪيون Control your senses اِن ڪري پنهنجن ويچارن جي سنڀال لهون، پنهنجا پراڻ صاف ڪريون، نام اُچاريون ۽ نہ وساريون تہ نام جا پيگل روپ دکي دردر، دين مسڪين، پسون ۽ پکي، تن جي وچي شرڌا ۾، پريم ۾، جو تہ اُهي سڀ آهن پربوءَ جا، نام جا پيگل روپ، تن جي پريم ۽ شرڌا ۾ وچي شيوا ڪريون اَرپنم جي ڀاوَ ۾. جئن ڪم ڪنداسين، تئن اَندر ويندو صاف ٿيندو ۽ هڪ ننڍڙي پرارٿنا جا پياري دادا ساڌو واسوانيءَ اَسان کي هڪ موقعي تي ڏني، اُها پرارٿنا اَڄ توهان جي چرنن ۾ ڇڏي وڃڻ چاهيان ٿو، جو تہ جيستائين اَسان جي اَندر پياس نہ اُٿي آهي، جيستائين هنن اکين پياس جا ڳوڙها نہ ڳاڙيا آهن، تيستائين اَسان جو اَندر صاف نٿو ٿئي. اِها پرارٿنا

ڪن ٿا. اَسان ۾ ڪيترا نہ ڳوڙها ڳاڙيا آهن! گوتم ٻڌ پنهنجن پيارن کي چوندو هو تہ توهان مان هڪ هڪ جنم جنم ۾ ايترا ڳوڙها ڳاڙيا آهن، جي اُهي گڏ ڪجن تہ چئن سمندرن کان وڌيڪ توهان ڳوڙها ڳاڙيا آهن، پر اُهي ڳوڙها اَسان سرير جي سنٻنڌين ولسطي ڳاڙيا آهن. پنهنجي واسطي ڪين ڳوڙها ڳاڙيا اَٿئين. پنهنجي واسطي جڏهن اِهي پڇتاءُ جا ڳوڙها ڳاڙيون ٿا، اَسان جي اَندر کي ڌوئن ٿا. پوءِ پنگلا پستڪ ڪين ٿي پڙهي: رڳو پاڻ کي وري وري ويٺي چوي:-

"پنگلا، پَنگلا، ڪر تون پاڻ کي اَرپن:
ڌوءُ ڌوءُ تون پنهنجي دل جو درپن!"

چوي ٿي:- تون پاڻ کي اَرپن ڪري ڇڏ. اَرپن ڪندينءَ، تنهنجي دل جو شيشو ويندو وڌيڪ صاف ٿيندو. اِڪ سڀاڳي ڏينهڙي اُن صاف دل درپن ۾ توکي بہ ملندو درشن ديدار!

اَسين جيڪر اِهو هڪ ويچار ڪٽي وچون پاڻ سان.، پاڻ کي اَرپن ڪري ڇڏيون. جو اِنسان پاڻ کي اَرپن ڪري ٿو، اُهو هڪ هڪ ويچار، هڪ هڪ وچن، هڪ هڪ ڪرتويہ ۾ چوي ٿو:- "مان پنهنجي واسطي نٿو ڪريان. منهنجا پريو! منهنجا پريتم! مان ڪريان ٿو تو واسطي! "مونکي هن مان ڪجي ڪجھ ڪين!" اَسين ڪوبہ ڪم ڪريون ٿا خاص ڪري هن زماني ۾، ڪنهن کي بہ ڪوبہ ڪم چئو ڪرڻ واسطي، چوندو:- "مونکي اِن مان ڇا ملندو؟" پر جو ڪرم ڪري ٿو اَرپنم جي ڀاوَ ۾، سو چوي ٿو:- "مونکي ڪپي ڪجھ ڪين. مان ڪريان ٿو اُن اِڪ پريوءَ واسطي. پاڻيهي پيو منهنجي سنڀال

آهي هن طرح:-

”پريو! ڏس تون هي آليون اکيون،
سڻ تون پگهل دل جي پڪار:
آجا، پريتم، آجا!“

شل اِها پرارٿنا پڪاريندا رهون. اِڪ سڀاڳي ڏينهڙي ٻاجهارو ضرور اَسان جي پڪار سڻندو! ايندو، اَچي اَسان جي اَڳيان ويهندو ۽ اَسان جي ٻه مانکر ياترا سڦل ٿيندي!

[پنچاڪ : ٣-١٠-٩٤]

سنت مالا
١٣٣ - ١٣٣٨

جون-جولاءِ-آگسٽ ١٩٩٥

روُحانيِ بات چيتِ
(٥)

جشن واسواڻيِ

رپيا